ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) چنڇر 05 سيپٽمبر 2026ع 22 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو(21)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Saturday 5th September 2026

# سخت مالياتي ۽ انتظامي سڌارن ذريعي مشڪل معاشي بحالي جو مرحلو ڪاميابي سان پار ڪري ورتو آهي: وزيراعظم

انتظامي رڪاوٽن جي خاتمي جي لاءِ خصوصي ٽاسڪ فورسز جي ذريعي موثر قدم کنيا پيا وڃن. سڌارن جي نتيجي ۾ ملڪي معيشت ۾ استحڪام آيو، سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿيو

ايشين ڊيولپمينٽ بئنڪ جي ڏکڻ، وچ ۽ اولهندي ايشيا بابت نائب صدر ينگ منگ يانگ وزيراعظم سان ملاقات ڪئي، ينگ منگ يانگ جي اعزاز ۾ ظهراڻي جو اهتمام ڪيو ويو

پاڪستان ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي وچ ۾ ڪيترن ئي ڏهاڪن تي ٻڌل ترقياتي حصيداري جو جائزو ورتو ويو، نئين ڪنٽري پارٽنرشپ اسٽريٽجي (سي پي ايس) 2030 – 2026ع تحت ترجيحي شعبن ۾ قدمن تي غور

ملاقات ۾ اير ايل – 1 منصوبي تي جلد عملي ڪم شروع ڪرڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ويو ته جيئن بنيادي ڍانچي جي ترقي ۽ ملڪ ۾ رابطن جي نظام کي جديد بڻائڻ جي عمل کي تيز ڪري سگهجي

پاڪستان گهڻ طرفي نظام ۽ عالمي معاملن ۾ گڏيل قومن جي موثر ڪردار جي ڀرپور ۽ مستقل حمايت جاري رکندو، گڏيل قومن جي پاليسي فارم ۽ گهڻ طرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

ڪنٽري پارٽنرشپ اسٽريٽجي 2030 – 2026ع جي ترجيحن کي ٺوس ۽ موثر قدمن ۾ تبديل ڪرڻ وارو جيڪي پاڪستان جي عوام جي زندگي جي معيار ۾ نمايان بهتري آڻڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا: ملاقات ۾ اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڏکيي مدي واري معاشي تبديلي جي لاءِ حڪومت جي پختي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته انتظامي رڪاوٽن جي خاتمي جي لاءِ خصوصي ٽاسڪ فورسز جي ذريعي موثر قدم کنيا پيا وڃن. پاڪستان سخت مالياتي ساختي ۽ انتظامي سڌارن جي ذريعي مشڪل معاشي بحالي جي مرحلي کي ڪاميابي سان عبور ڪيو آهي. انهن سڌارن جي نتيجي ۾ ملڪي معيشت ۾ استحڪام آيو سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿيو جڏهن ته فچ، موڊيز ۽ ايس اينڊ پي سميت عالمي ڪريڊٽ ريٽنگ ايجنسين پاڪستان جي لاءِ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي نائب صدر ين منگ يانگ سان ڪچهري ڪري رهيو آهي

## سرڪاري ڪٽڪ ۾ خردبرد ۽ 15 هزار ٻورين غائب ڪندڙ فوڊ سپروائيزر شعيب علي مگسي ملازمت تان برطرف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرڪاري ڪٽڪ ۾ خردبرد ۽ 15 هزار ٻورين غائب ٿيڻ جا الزام ثابت ٿيڻ تي صوبائي وزير خوراڪ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

لاهور: وفاقي وزيراحسن اقبال تقريب ۾ ڳالهائي رهيو آهي

## ملڪ ۾ هر صوبي کي ٽن حصن ۾ ورهائڻ گهرجي: احسن اقبال

باقي وزير احسن اقبال ملڪ ۾ 15 نوان صوبا ٺاهڻ جي تجويز ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) رٿابندي واري وفاقي وزير احسن اقبال ملڪ ۾ 15 نوان صوبا ٺاهڻ جي تجويز ڏئي ڇڏي هڪ بيان

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

## عزم استحڪام ويزن تحت دهشتگردي جي خاتمي جا آپريشنز آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين جاري رهندا: ترجمان پاڪ فوج

# پاڪ فوج جون ڪوئيٽا، قلات، سبي ۽ مستونگ ۾ ڪارروايون، فتنہ الهندستان جا 36 خارجي دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز گذريل 24 ڪلاڪن دوران بلوچستان جي ضلعن مستونگ، ڪوئيٽا، قلات ۽ سبي ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪيترين ئي ڪارروايون ڪيون

انهن ڀرپور ڪاروائين ۾ ڀارتي پراڪسيز فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 36 دهشتگرد ماريا ويا، مستونگ ۾ جوانن ڪارروائي ڪندي 6 ڀارتي دهشتگردن کي جهنم پهچايو

دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد هٿ آيو، ڪوئيٽا جي علائقي شعبان ۾ آپريشن، فتنہ الخوارج جي ڇپن لڪاڻن کي ڪاميابي سان نشانو بڻائيندي 26 خارجي دهشتگردن کي ماريو ويو

قلات ۾ آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي لڪاڻن تي ڇاپا هنيا ۽ ٻن ڀارتي اسپانسرڊ دهشتگردن کي جهنم پهچايو ڪيو، سبي ضلعي جي علائقي ۾ ٻه ڀارتي دهشتگردن کي ماريو ويو

گذريل 48 کان 72 ڪلاڪن ۾ بلوچستان ۾ ڀارتي پراڪسيز فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 48 دهشتگردن کي جهنم پهچايو ويو، 2026ع ۾ آپريشن دوران 1188 کان وڌيڪ دهشتگردن کي بلوچستان ۾ ماريو ويو: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز جون گذريل 24 ڪلاڪن دوران بلوچستان جي مختلف ضلعن ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪيترين ئي ڪارروايون ۾ ڀارتي پراڪسيز فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 36 دهشتگردن کي جهنم پهچايو ويو 2026ع ۾ بلوچستان ۾ آپريشنز دوران 1188 کان وڌيڪ دهشتگردن کي ماريو ويو آهي جمعي ڏينهن آءِ ايس

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

## ملڪ دشمن عنصرن خلاف آپريشن آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين جاري رهندو: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف پاران بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب آپريشنز تي خراج تحسين پيش

مستونگ، ڪوئيٽا، قلات ۽ سبي ۾ دهشتگردن جي خلاف ڪارروائي ۽ 36 دهشتگردن کي جهنم پهچائڻ تي پاڪ فوج جي ڪارڪردگي جي واکاڻ

سال 2026ع دوران هيستائين بلوچستان ۾ 1188 کان وڌيڪ دهشتگردن جو خاتمو رياست جي اٽل عزم ۽ سيڪيورٽي فورسز جي برتري جو واضح ثبوت آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب انٽيلي جنس بيسڊ آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي شاندار خراج تحسين پيش ڪيو آهي جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم گذريل 24 ڪلاڪن دوران

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

## فتنہ الهندستان جي دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن کي ڪٿي به لڪڻ جي جاءِ نه ملندي: گهرو وزير

گهرو وزير محسن نقوي پاران بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪاروائين تي شاباس

وفاقي گهرو وزير قلات ۾ وقت سر ڪارروائي ڪندي 12 دهشتگردن کي مارڻ تي فورسز جي پيشه ورانه صلاحيتن جي ساراهه

پوري قوم دهشتگردي خلاف هن جنگ ۾ پنهنجي سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج خلاف سيڪيورٽي فورسز جي هڪبٽي پويان ڪامياب ڪاروائين کي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل لاءِ اميدوار اولارا اوٽونو وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

## نائب وزيراعظم سان گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي اميدوار جي ملاقات

اسحاق ڊار سان اولارا اوٽنو يوگنڊا جي صدر جي خصوصي ايلچي ملاقات ڪئي

اولارا اوٽنو عالمي امن ۽ سلامتي جي لاءِ پاڪستان جي ڀرپور خدمتن کي ساراهيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

## سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3 هزار 900 روپين جي واڌ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3 هزار 900 روپين جي واڌ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

## دهشتگردي جي خاتمي جو پختو عزم آهي: صدر آصف زرداري

بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪاروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

## معاشي استحڪام حاصل ٿي ويو، هاڻي پائيدار ترقي ڏانهن وڌڻو آهي: ناڻي وزير

ڏکين فيصلن جي نتيجي ۾ معاشي استحڪام حاصل ٿيو آهي، پاڪستان کي بيهر عروج ۽ زوال جي معاشي چڪر ۾ وڃڻ نه ڏينداسين

ايف بي آر جي آمدني ۾ گذريل سالن دوران 40 سيڪڙو اضافو ٿيو، ايف بي آر جو ٽيڪس ٽو جي ڊي پي تناسب 8.8 سيڪڙو مان وڌي 10.3 سيڪڙو ٿي ويو آهي

سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن، معاشي استحڪام مشڪل فيصلن جي نتيجي ۾ حاصل ٿيو آهي ان کي مستقل بڻائڻو آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي ناڻي واري وزير سينيٽر محمد اورنگزيب جو چوڻ آهي ته ڏکين فيصلن جي نتيجي ۾ معاشي استحڪام حاصل ٿيو آهي پاڪستان کي بيهر عروج ۽ زوال جي معاشي چڪر ۾ وڃڻ نه ڏينداسين اسلام آباد ۾ تقريب کي خطاب ڪندي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

## سنڌ ۾ عوامي سفري سهولتن ۾ وڌيڪ توسيع جو فيصلو، نوان رُوٽ شروع ٿيندا

قمبر شهدادڪوٽ کان لاڙڪاڻي روٽ تي پيپلز بس سروس جلد شروع ڪيو پيو وڃي ۽ بسون لاڙڪاڻي پهچي چُڪيون آهن

نون روٽس تي بس سروس شروع ڪرڻ لاءِ انتظام وقت سر مڪمل ڪيا وڃن، سروس جو دائرو وڌائڻ جو مقصد عوام کي بهتر ٽرانسپورٽ فراهم ڪرڻ آهي: شرجيل ميمڻ

ميرپورخاص ۾ جلد پنڪ اسڪوٽيز ورهائڻ وڃي رهيا آهيون، عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ ضروري سرگرمين تائين پهچ لاءِ هي پروگرام انقلابي قدم آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

## پاڪ فوج جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ سنڌ اسيمبلي ۾ ٺهراءُ پيش

ضياءُ الحسن لنجار، سعيد غني، محمد علي ملڪاڻي ۽ علي خورشيدي جون صحيحون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي پاڪ فوج جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ سنڌ اسيمبلي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت ۾ ماس ٽرانزٽ جا نوان روٽ کولڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

# متحده ميمبرن پاران علحيدگي پسند تنظيمن خلاف آندل ٺهراءُ اسپيڪر رد ڪري ڇڏيو، احتجاج، هُل هنگامو

ايوان اڳ ئي گذريل ڏينهن سنڌ جي ورهاڱي ۽ سنڌ ۾ نئين صوبي جي قيام خلاف قرارداد منظور ڪري چڪو آهي، تنهن ڪري ساڳئي نوعيت جو ٺهراءُ ٻيهر پيش ڪرڻ جي ضرورت ناهي: اسپيڪر

مخالف ڌر جون تجويزون قرارداد جو حصو نه بڻايون وييون، جنهن تي ايم ڪيو ايم جي سمورن ميمبرن اعتراض ڪيو، علي خورشيدي پيپلز پارٽي جو تعصب ۽ آمرانه رويو سامهون اچي ويو آهي: طاها احمد

ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اسيمبلي ميمبرن احتجاج ڪندي سخت گوڙ ۽ نعريبازي ڪئي، جنهن سبب ڪجهه وقت لاءِ ايوان جو ماحول انتهائي ڇڪتاڻ وارو ٿي ويو

سنڌ جي وحدت بابت قرارداد ته ڪالهه ئي منظور ٿي چڪي آهي، اڄ ان معاملي تي گوڙ جو ڪير پيو وڃي: اسپيڪر پاران احتجاج ڪندڙ ميمبرن کي سيٽن تي موٽڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي/ راهب ڳاهو) سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران سنڌ جي وحدت ۽ صوبي جي ورهاڱي خلاف قرارداد اڪثريتي راءِ سان منظور ٿيڻ تي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اسيمبلي ميمبرن احتجاج ڪندي سخت گوڙ ۽ نعريبازي ڪئي جنهن سبب ڪجهه وقت لاءِ ايوان

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

## آمريڪي قونصل جنرل چارلس گُڊمين جو حيدرآباد جو ٻن ڏينهن وارو دورو مڪمل، واپار ۽ سيڙپڪاري وڌائڻ تي زور

حيدرآباد چيمبر ۽ سنڌ آبادگار بورڊ سان ملاقاتون، زرعي ۽ صنعتي شعبن ۾ پاڪستان-آمريڪا واپاري سهڪار تي ڳالهه ٻولهه

نيشنل انڪيوبيشن سينٽر ۾ مصنوعي ذهانت، زرعي ٽيڪنالاجي ۽ تعليمي مسئلن تي ماهرن سان خيالن جي ڏي وٺ

لنڪن ڪارنر ۾ آمريڪا جي آزادي جي 250هين سالگره جي حوالي سان "فائونڊرز ميوزيم" جو افتتاح، نمائش ڊسمبر تائين جاري رهندي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) آمريڪي قونصل جنرل چارلس گُڊمين ٢ سيپٽمبر تي حيدرآباد جو ٻن ڏينهن وارو دورو مڪمل ڪيو دوري دوران هن ڪاروباري شخصيتن سرڪاري عملدارن ڪاروبار شروع

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا: پيپلز پارٽي بلوچستان جو جنرل سيڪريٽري رباني خان ڪاڪڙ پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ اڳواڻن کي جهنڊي وارا مفلر پارائي رهيو آهي

## ”ڪير ڪم نه ڪري ته روز 10 ماڻهو کپو“ مصطفيٰ ڪمال جو پمز انتظاميا کي حڪم

صحت واري وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال پمز جي ڪارڊيڪ سينٽر جو دورو ڪري مختلف ڪمرن جو جائزو ورتو

پٽ جي حالت خراب آهي، ڪنهن ڏينهن هي پٽ ڪِري پوندي، پوءِ اسان سڀ هتي اينداسين: مصطفيٰ ڪمال

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) صحت واري وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال پمز جي ڪارڊيڪ سينٽر جو دورو ڪري مختلف ڪمرن جو جائزو ورتو مصطفيٰ ڪمال پمز ۾ اليڪٽرو فزيالوجي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: آمريڪا جو قونصل جنرل چارلس گڊ مين لنڪن سينٽر ۽ چيمبر آف ڪامرس ۾ گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

## پيٽروليم ليوي ۽ ٻين مدن ۾ اضافي وصولين بند ڪرڻ بابت رٽ پيش

اصل قيمت کان علاوه پيٽروليم ليوي ۽ ٻين مدن ۾ وصوليون ڪرڻ افسوسناڪ عمل آهي

اهو عمل اڳ ئي مهانگائي جي بار هيٺ دٻيل عوام سان سخت زيادتي جي برابر آهي

ڪراچي : جماعت اسلامي جي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر محمد فاروق پاران پيٽروليم ليوي ۽ ٻين مدن ۾ عوام کان

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

## ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان جي صدارت هيٺ ڪراچي پوليس آفيس ۾ ماهوار ڪرائيم ميٽنگ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان جي صدارت هيٺ ڪراچي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

## سي پي او ۾ سنڌ پوليس ۾ سڌارن ۽ ڊجيٽلائيزيشن بابت اهم اجلاس

سنڌ پوليس جي آفيسرن جي وفد شنگهائي پوليس جي جوڙجڪ، ڪم جي طريقيڪار بابت بريفنگ ڏني

معمولي نوعيت جا تڪرار ثالثي ڪائونسل جي ميڪنزم تحت حل ڪيا وڃن ٿا

پوليس کي ٽيڪنالاجي مان فائدو وٺندي پوليسنگ جي نظام کي وڌيڪ عوام دوست بڻائڻو پوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ 7 مهينن جو ٻار اغوا ڪندڙ عورت گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مددگار 15 محمودآباد پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي مشڪوڪ عورت کي حراست ۾ وٺي ورتي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

## وزيراعليٰ سنڌ خلاف غير ذميواراڻي ٻولي برداشت نه ڪئي ويندي: سعديه جاويد

وزيراعليٰ سنڌ جو خطاب جذباتي نه پر سنڌ جي ڪروڙين عوام جي حقن جو حقيقي ترجمان هو

وفاقي وزير پنهنجي ليڊرشپ کي خوش ڪرڻ لاءِ سنڌ جي آئيني حقن تي سياست ڪرڻ بند ڪن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديا جاويد وفاقي وزير طارق فضل چوڌري جي بيان تي سخت ردعمل ڏيندي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

## صوبي جي ورهاڱي خلاف قرار ڪي ووٽ نه ڏيڻ سان متحده ۽ پي ٽي آءِ جو سنڌ دشمن چهرو وائکو ٿيو: نثار کهڙو

ٻنهي جماعتن جي ميمبرن جو قرارداد جي ووٽنگ ۾ حصو نه وٺڻ جو عمل ايم ڪيوايم پاڪستان ۽ پي ٽي آءِ جو ٻٽو معيار آهي

جنهن سان ثابت ٿي ويو آهي ته ٻئي جماعتون سنڌ جي ورهاڱي جي سازش ۾ برابر جون شريڪ آهن

تاريخي قرارداد جي منظوري وقت حق ۾ ووٽ ڏيڻ لاءِ پي ٽي آءِ ۽ ايم ڪيوايم پاڪستان جو هڪ به ميمبر ايوان ۾ موجود نه هو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو آهي ته سنڌ اسيمبلي جي آئيني فلور تي صوبي جي حدن ۾ ڦير ڦار ۽ سنڌ جي ورهاڱي خلاف قرارداد جي منظوري وقت

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

## سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ۾ 7 سيپٽمبر تي وڪيلن جو ڪنوينشن منعقد ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي اهتمام هيٺ 7 سيپٽمبر

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

نوابشاهه: چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

## فوجي فرٽيلائزر پاران قصور ۾ هاري مراعتي پروگرام دوران انعام ورهايا ويا

محمد عباس کي ٽريڪٽر ۽ علي رضا کي موٽرسائيڪل بطور انعام ڏنو ويو

حسن علي ظفر، هيڊ آف نارٿ زون، تقريب جو خاص مهمان هو

قصور(پ ر) فوجي فرٽيلائزر ڪمپني (FFC) جي اهتمام هيٺ هاري مراعاتي پروگرام 2026 جي انعامي تقريب 2 سيپٽمبر تي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

## مير رضا علي قتل ڪيس ۾ شاهدن ۽ پوليس آفيسرن جا بيان قلمبند

ايس ايڇ او ڪامران قريشي ۽ هيڊ محرر کي 7 سيپٽمبر تي پيش ٿيڻ لاءِ نوٽيس جاري

جوڊيشل ڪميشن جو ايندڙ اجلاس 7 سيپٽمبر تي صبح 11 وڳي ٻيهر ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مير رضا علي قتل

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

## صوبائي تعليم کاتي ۾ هڪ کان 4 گريڊ تائين ڀرتين ڪرڻ جو فيصلو

ڀرتين جا سمورا اختيار ڊويزنل ڊائريڪٽرن کي سونپيا ويا، پاليسي پڻ واضح

ڊائريڪٽر ڀرتين جي نگراني ڪندي قانون ۽ ضابطن تحت مقررين کي يقيني بڻائيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اسڪول

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ فلاحي ڪم لاءِ الاٽ ڪيل زمين تي رهائشي پلاٽ جوڙڻ خلاف ڪيس جي ٻڌڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي آئيني عدالت جي ڪراچي رجسٽري ۾ اين جي او جي نالي تي فلاحي زمين الاٽ ڪري، ان تي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

## سنڌ اسيمبلي ۾ وڏيون تقريرون ڪندڙ نون صوبن تي راضي ٿي ويندا: حيدر عباس

ڪجهه ماڻهو پنهنجن مفادن ۽ سياسي اهميت وڌائڻ لاءِ مرڻ مارڻ جون ڳالهيون ڪندا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) متحده قومي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ ڀيڻ ۽ ڀاءُ کي حادثي ۾ ماريندڙ عورت عدالت مان آزاد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ڪارساز ۾ پيش آيل حادثي واري ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي سٽي ڪورٽ ۾

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پوليس اهلڪار موٽر سائيڪل تي هلندي برسات ۾ وڃي رهيو آهي

## گهرو وزير احمدپور ۾ ٿيل جهيڙي جو نوٽيس ورتو رپورٽ طلب

جهيڙي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ حڪم جاري

زخمين کي فوري طبي امداد فراهم ڪرڻ لاءِ انتظام ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو ۽

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

## او جي ڊي سي ايل پاران مالي سال جي نتيجن جو اعلان، نفعو 242 ارب کان وڌي ويو

ڪمپني 449.191 ارب روپين جي خالص وڪري جو هدف حاصل ڪري ورتو

في حصص آمدني وڌي 56.35 رپيا ٿي وئي، گذريل سال اها 39.50 رپيا هئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) آئل ۽ گيس

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

قصور: فوجي فرٽيلائيزر پاران آبادگارن ۾ انعام ورهائڻ واري تقريب ۾ ورتل تصوير

## ڊفينس ۾ پاءِ پيڻ تي تشدد واري ڪيس مان ايس ايس پي آڄو قرار

فدا حسين جانوري پوليس اهلڪارن کي تشدد ڪرڻ جو نه چيو: جاچ رپورٽ

پوليس اهلڪار تيمور کي واقعي جو ذميوار قرار ڏنو ويو: ٻيهر ڪيس داخل ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ڊيفنس ۾ فليٽ تي ڌاڙو هڻڻ ۽ پاءِ پيڻ تي تشدد جي هاءِ پروفائيل ڪيس ۾ ڊي آءِ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

## سنڌ ۾ منڪي پاڪس جا وڌيڪ ڪيس ظاهر، انگ 41 ٿي ويو

ڪراچي ۾ منڪي پاڪس جي مريضن جو انگ 13 تي پهچي ويو، انفيڪشن ڊزيز واري اسپتال ۾ 4 مريض علاج هيٺ

اسپتال ۾ داخل ٿيل ٻه مريض ڪراچي کان ٻاهر جا ۽ هڪ ڪراچي جو رهواسي ٻڌايو وڃي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ ايم پاڪس جا وڌيڪ ڪيس سامهون اچڻ ڪانپوءِ هلندڙ سال صوبي ۾ تصديق ٿيل مريضن جو انگ 41 ٿي ويو آهي جڏهن ته ڪراچي ۾ ايم پاڪس جي ڪيسن جو انگ 13 تائين

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

## ريلوي وزير پاران موهن جو دڙو ٽرين 15 سيپٽمبر کان هلائڻ جو فيصلو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) سيدا سرحڪيهار فورم جي 1321هون ڏينهن 3سال 7 مهينا

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

## خيبرپختونخوا جو وڏي وزير شڪارپور پهچڻ تي پي ٽي آءِ ڪارڪنن پاران شاندار استقبال

لکي در چوڪ تي مقامي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي شرڪت، پارٽي قيادت حق ۾ زوردار نعريبازي

سهيل آفريدي مختصر قيام بعد ڳڙهي ياسين پهتو، ڪارڪنن پاران خطاب جي اميد باوجود خطاب نه ڪيو

شڪارپور (ڊ.ر) وزيراعليٰ خيبرپختونخوا سهيل آفريدي شڪارپور پهچي ويو جتي شڪارپور جي لکي در چوڪ تي پاڪستان

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

## مانجهند ۾ شهرين گڏجاڻي ڪري آزاد اتحاد مانجهند جو بنياد رکي ڇڏيو

مانجهند(ن ع) مانجهند ۾ شهرين گڏجاڻي ڪري آزاد اتحاد مانجهند جو بنياد رکي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

## وڏي وزير پاران 48 دهشتگرد مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

پاڪ فوج ۽ ٻيا سيڪيورٽي ادارا وڏي مهارت ۽ همت سان ملڪ دشمن عنصرن جو خاتمو ڪري رهيا آهن

دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ضروري آهي، جو ته امن ۽ خوشحالي ئي اسان جي منزل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه بلوچستان ۾ مختلف ڪارروايون دوران فتنہ الهندوستان جي 48

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

## باڊهه پرسان جشن عيد ميلاد النبي صه جا ڊار ڊار ۾ پروگرام

باڊهه (ن ع) باڊهه ۾ قاسميه جماعت ۽ عالماڻي ڳوٺ ۾ جماعت اصلاح المسلمين پاران جشن عيد ميلادالنبي جا ڊار ڊار

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: گئلري 6 ۾ مختلف فنڪارن جي فنپارن جي لڳل نمائش ۾ اسڪيچ غور سان ڏسي رهي آهي

## ڪوٽڙي سائيٽ ۾ ڪار تي ڇاپو، پابندي مڙهيل انڊين سوپارين هٿ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ خدا جي بستي جي پوليس

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

شڪارپور: خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير سهيل آفريدي استقبال لاءِ آيل ڪارڪنن کي خطاب ڪري رهيو آهي

## پي ٽي وي جو اڳوڻو پروڊيوسر اسد الله پٺي لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم ڪجهه سال اڳ پي ٽي وي مان هيڊ آف ڪرنٽ افيئرز طور رٽائرڊ ٿيو

جنازي نماز ڪراچي ۾ ادا ڪئي وئي، طارق روڊ واري قبرستان ۾ تدفين

جنازي نماز ۾ پي ٽي وي ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل شخصيتن جي شرڪت

ڪراچي (ڪلچرل رپورٽر) پي ٽي وي جو اڳوڻو پروڊيوسر ڪرنٽ افيئرس اسد الله پٺي دل جي دوري سبب ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

## ملير مان 5 غير قانوني افغاني گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي ملير جي ترجمان مطابق ملير ڪينٽ پوليس غير قانوني طور تي رهائش پذير افغان

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ اي اين ايف جي ڪارروائي، 200 ڪلوگرام آئيس هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) ڪارروائي ڪندي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ مختلف ٽريفڪ حادثن، فائرنگ ۽ ٻين واقعن ۾ 8 ڄڻا فوت ۽ ڪيترائي زخمي

شهر جي مختلف علائقن ۾ ٽريفڪ حادثن دوران 4 ڄڻا فوت ۽ 45 ڄڻا زخمي ٿيا: چيپا ترجمان

وادي حسين قبرستان ڀرسان گاڏي جي ٽڪر ۾ 55 ورهين جو امام الدين ۽ رڪشا جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل عبدالستار علاج دوران فوت ٿيو

رزاق آباد ٽريننگ سينٽر ڀرسان ڌر دوران مزاحمت تي هٿياربندن جي ڪير جي واپارين تي فائرنگ، غني بخش ۽ زرداري سخت زخمي ٿي پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران ٽريفڪ حادثن، فائرنگ ۽ ٻين واقعن ۾ 8 ڄڻا فوت ۽ 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جڏهن ته پوليس مختلف ڪارروايون دوران موٽرسائيڪل چور کي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

## ”آمريڪا ايران تي حملن لاءِ عرب ملڪن جون هوائي، زميني ۽ سامونڊي حدون استعمال ڪيون“ عباس عراقچي

اردني پرڏيهي وزير جي راءِ ۾ ايران کي اهڙي اڳرائيءَ جو جواب ڏيڻ لاءِ ڪيترو انتظار ڪرڻ گهرجي، جيڪو نه عرب ۽ نه ئي ايراني خودمختياري جو احترام ڪري ٿو؟

اهي حملا ڇڪتاڻ گهٽائڻ جي ڪوشش کي پيچيده بڻائين ٿا ۽ خطي ۾ سلامتي ۽ استحڪام کي يقيني بڻائڻ لاءِ جاري سفارتي ڪوشش کي نقصان پهچائي سگهن ٿا

اهي حملا ٽيهي خودمختياري جي ڪليل خلاف ورزي، سلامتي، استحڪام، ۽ علائقائي سالميت لاءِ خطرو ۽ بين الاقوامي قانون ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي ڪليل ڀڃڪڙي آهن

تهران (ويب ڊيسڪ) ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي پنهنجي اردني هم منصب جي تازن بيانن تي ردعمل ڏيندي سوال ڪيو آهي ته "اردني پرڏيهي وزير جي راءِ ۾ ايران کي اهڙي اڳرائيءَ جو جواب ڏيڻ لاءِ

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

**بقايا 1 روزاني عبرت**

آءِ ايس پي آر مان جاري بيان موجب پاڪ فوج جون بلوچستان ۾ فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج جي دهشتگردن خلاف موثر ۽ ڀرپور ڪارروايون جاري آهن سيڪيورٽي فورسز گذريل 24 ڪلاڪن دوران بلوچستان جي ضلعن مستونگ، ڪوئيٽا، قلات ۽ سبي ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪيتريون ئي ڪارروايون ڪيون، انهن ڀرپور ڪارروائين ۾ ڀارتي پراڪسيز فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 36 دهشتگرد ماريا ويا. 4 سيپٽمبر تي مستونگ ۾ آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز ڀرپور ڪارروائي ڪندي 6 ڀارتي اسپانسرڊ دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪيو دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد هٿ آيو جن کي موقعي تي ئي تباهه ڪيو ويو ۽ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪوئيٽا جي علائقي شعبان ۾ آپريشن ڪيو ويو جنهن ۾ فتنہ الخوارج جي ڇهن ٺڪاڻن کي ڪاميابي سان نشانو بڻائيندي 26 خوارجي دهشتگردن کي ماريو ويو. قلات ۾ ڪيل آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن تي ڇاپا هنيا ۽ ٻن ڀارتي اسپانسرڊ دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪيو سبي ضلعي جي علائقي ٻاڳ ۾ سيڪيورٽي فورسز ڀرپور جوابي ڪارروائي ڪندي ٻن ڀارتي اسپانسرڊ دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪري ڇڏيو گذريل 48 کان 72 ڪلاڪن ۾ بلوچستان ۾ ڀارتي پراڪسيز فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 48 دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪيو 2026ع ۾ آپريشن دوران 1188 کان وڌيڪ دهشتگردن کي بلوچستان ۾ جهنم پيڙو ڪيو ويو آهي. آءِ ايس پي آر چيو آهي ته پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان عزم استحڪام ويزن تحت دهشتگردي جي خاتمي جا آپريشن آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين جاري رهندا.

**بقايا 2 روزاني عبرت**

مستونگ، ڪوئيٽا، قلات ۽ سبي ۾ دهشتگردن جي خلاف ڪارروائي ۽ 36 دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪرڻ تي پاڪ فوج جي پيشيوارانہ عزم کي ساراهيو هن چيو ته فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج جي ڪُڌي ارادن کي خاڪ ۾ ملائيندڙ سيڪيورٽي فورسز پوري قوم جو فخر آهن. سال 2026ع دوران هيستائين بلوچستان ۾ 1188 کان وڌيڪ دهشتگردن جو خاتمو رياست جي اٽل عزم ۽ سيڪيورٽي فورسز جي برتري جو واضح ثبوت آهي. وزيراعظم چيو ته ويزن ”عزم استحڪام“ تحت ملڪ دشمن عنصرن جي خلاف آپريشن آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين جاري رهندو پاڪستان جي امن تي ڪو ڌاڙو نه ڪيو ويندو

**بقايا 3 روزاني عبرت**

ناڻي واري وزير چيو ته ايف بي آر جي ٽيڪس اوڳاڙين ۾ نمايان واڌ ٿي آهي ايف بي آر جي آمدني ۾ گذريل سالن دوران 40 سيڪڙو اضافو ٿيو ايف بي آر جو ٽيڪس ٽو جي ڊي پي تناسب 8.8 سيڪڙو مان وڌي 10.3 سيڪڙو ٿي ويو آهي جڏهن ته مجموعي خسارو 12.5 سيڪڙو مان گهٽجي 2.6 سيڪڙو رهجي ويو آهي هن چيو ته سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن، معاشي استحڪام مشڪل فيصلن جي نتيجي ۾ حاصل ٿيو آهي ان کي مستقل بڻائڻو آهي پاڪستان کي بيهر عروج ۽ زوال جي معاشي چڪر ۾ وجهڻ نه ڏينداسين معاشي استحڪام کان پائيدار ترقي ڏانهن وڌڻو آهي بنيادي ڍانچي وارين سڌارن تي عملدرآمد جو سلسلو جاري رکڻو پوندو

**بقايا 4 روزاني عبرت**

زرداري بلوچستان ۾ دهشتگردن جي خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي جمعي ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر مستونگ، ڪوئيٽا، قلات ۽ سبي ۾ ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوارانہ صلاحيتن کي ساراهيو هن فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج سان واڳيل دهشتگردن جي خلاف موثر ڪارروائين کي ساراهه جوڳو قرار ڏيندي چيو ته رڳو هن سال بلوچستان ۾ 1188 کان وڌيڪ دهشتگردن جو مارجڻ پاڪستان کي درپيش خطرن ۽ سيڪيورٽي فورسز جي صلاحيت جو دليل آهي صدر آصف علي زرداري چيو ته ملڪ مان غيرملڪي سرپرستي ۽ مدد سان ٿيندڙ دهشتگردي جي خاتمي جو پختو عزم آهي

**بقايا 5 روزاني عبرت**

۾ صوبائي وزيرن اپوزيشن ليڊر ۽ مختلف سياسي پارٽين سان تعلق رکندڙ اسيمبلي ميمبرن پاران گڏيل قرارداد جمع ڪرائي وئي آهي قرارداد ۾ ضياءِ الحسن لنجار سعيد غني محمد علي ملڪاڻي اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي سميت افتخار عالم طحا احمد، ڊاڪٽر سهراب خان سرڪي رانا شوڪت، محمد عامر صديقي مهيش ڪمار نجم مرزا فيصل رفيق، قرة العين، جمال احمد ۽ شيخ عبدالله سميت سنڌ اسيمبلي جي ٻين ميمبرن جا نالا شامل آهن گڏيل قرارداد ۾ 6 سيپٽمبر 1965ع جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي پاڪ فوج جي آفيسرن جوانن ۽ ٻين اهلڪارن جي قربانين ۽ بهادري کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي آهي قرارداد ۾ چيو ويو آهي ته ملڪ جي دفاع ۽ سلامتي لاءِ پاڪ فوج جي جوانن ۽ آفيسرن جون قربانيون قوم لاءِ هميشہ فخر جو باعث رهنديون وطن جي دفاع لاءِ ڏنل قربانين کي ساراهيندي قوم جي اتحاد ۽ ملڪ جي دفاع لاءِ عزم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور ڏنو ويو سنڌ اسيمبلي ۾ جمع ڪرايل قرارداد ۾ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته يوم دفاع جي موقعي تي سرڪاري سطح تي تقريبون ۽ خاص پروگرام منعقد ڪيا وڃن جڏهن ته اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڻ يوم دفاع جي اهميت ۽ شهيدن جي قربانين بابت شاگردن کي آگاهي ڏني وڃي قرارداد ۾ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو آهي ته شهيدن جون قربانيون ايندڙ نسلن لاءِ فخر حوصلي ۽ حب الوطني جو ذريعو بڻايون وڃن ۽ نوجوان نسل کي ملڪ جي دفاع لاءِ ڏنل عظيم قربانين کان واقف ڪرايو وڃي

**بقايا 6 روزاني عبرت**

ڪيٿ ليب جو دورو ڪيو ۽ مريضن کان سندن مسئلن ۽ سهولتن بابت پڇا ڪئي وفاقي صحت واري وزير پمز ڪارڊيڪ جي پرائيويٽ ڪمرن جي حالت ڏسي عملي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته پٽ جي حالت خراب آهي ۽ اوهان ان کي رنگ ڪري رهيا آهيو ڪنهن ڏينهن هي پٽ ڪري پوندي، پوءِ اسان سڀ هتي اينداسين مصطفيٰ ڪمال پمز جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سلمان کي چيو ته اوهان کي اسپتال سمجهڻ لاءِ 6 مهينا نہ ملندا، فوري طور ڪم ڪرڻو پوندو اسپتال جي مينٽيننس روزانو نہ ڏسنداسين ته ڇا ڪنداسين؟ جيڪو پنهنجو ڪم نه ڪري رهيو آهي، ان کي فوري طور ڪڍو وفاقي وزير چيو ته ڪو ڪنهن جو ماڻهو هجي جيڪڏهن ڪم نہ ڪري رهيو آهي ته ڪيس فارغ ڪيو وڃي، ٻاهران اچي ڪو ٻه ڪم نه ڪندي انتظاميا ايڪشن وٺي ان کان فارغ ڪندس سندس چوڻ هو ته مون وٽ هڪ به اهڙو صفحو ناهي آيو جنهن ۾ ٻڌايو ويو هجي ته ڪو شخص ڪم نه ڪري رهيو آهي، جيڪڏهن ڪو ڪم نه ڪري رهيو آهي ته روزانو 10 ماڻهو ڪيئي ڇڏيو پمز انتظاميا وفاقي صحت واري وزير کي شڪايت ڪئي ته هتي پاور سينٽرلائزڊ آهي، انتظامي اختيار هڪ شخص وٽ آهي، جنهن تي مصطفيٰ ڪمال چيو ته اوهان لکي ڏيو اختيار ورهائي ڇڏينداسين هڪ صفحي تي لکي ڏيو ته ماڊل ڪهڙو هجڻ گهرجي

**بقايا 7 روزاني عبرت**

پوليس آفيس ۾ ماهوار ڪرائيم ميٽنگ ٿي جنهن ۾ ڊي آءِ جي ايڊمن زونل ڊي آءِ جيز ضلعي ايس ايس پيز ۽ ايس ايس پيز انويسٽيگيشن شرڪت ڪئي اجلاس دوران ڪراچي شهر ۾ امن امان ۽ ڏوهن جي مجموعي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو زونل ڊي آءِ جيز پنهنجي پنهنجي زونن جي ڪارڪردگي بابت ڪراچي پوليس چيف کي بريفنگ ڏني جڏهن ته ضلعي ايس ايس پيز شاهين فورس جي ڪارڪردگي بابت اجلاس کي آگاهه ڪيو ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان شاهين فورس جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ ڪومبنگ آپريشن، اسنيپ چيڪنگ، پيٽرولنگ ۽ پڪيٽنگ کي وڌيڪ فعال بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون هن هٽ اسپاٽس تي پوليس جي مؤثر موجودگي يقيني بڻائڻ ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف انٽيليجنس بنياد تي ڪارروائين ۾ تيزي آڻڻ تي زور ڏنو آزاد خان چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ پوليس جي اولين ترجيح آهي جڏهن ته فرضن جي ادائيگي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي

**بقايا 8 روزاني عبرت**

۾ سنڌ پوليس ۾ سڌارن ۽ ڊجيٽلائيزيشن بابت اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ پوليس جي نظام کي وڌيڪ جديد، مؤثر ۽ عوام دوست بڻائڻ لاءِ مختلف تجويزن تي غور ڪيو ويو. اجلاس ۾ تازو چين جي شهر شنگهائي ۾ پوليس اڪيڊمي جو معلوماتي دورو ڪندڙ سنڌ پوليس جي آفيسرن جي وفد شنگهائي پوليس جي جوڙجڪ، ڪم جي طريقيڪار، قانوني ڍانچي SWAT ۽ اسپيشل ريسپانس يونٽن سميت جديد پوليسنگ جي مختلف رخن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وفد اجلاس کي ٻڌايو ته شنگهائي پوليس جي نظام ۾ ڪميونٽي بيسڊ پوليسنگ کي بنيادي اهميت حاصل آهي جڏهن ته معمولي نوعيت جا تڪرار ڏالثي ڪائونسل جي مڪينزم تحت حل ڪيا وڃن ٿا. هر علائقي ۾ ڪميونٽي آفيسر مقرر هوندو آهي جيڪو علائقي جي رهواسين جي مسئلن کان واقف رهي انهن جي فوري حل لاءِ ڪردار ادا ڪندو آهي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته شنگهائي پوليس ۾ شڪايتن جي مؤثر نظام ذريعي معمولي نوعيت جا مسئلا ۽ تڪرار شروعاتي سطح تي ئي حل ڪيا وڃن ٿا. چين ۾ سائبر سيڪيورٽي ذاتي معلومات جي تحفظ ۽ ڊيٽا سيڪيورٽي بابت جامع قانون ۽ ضابطا پڻ لاڳو آهن بريفنگ دوران شنگهائي پوليس سميت مختلف پوليس يونٽن ۾ قائم ڊرون يونٽن بابت پڻ آگاهي ڏني وئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته شنگهائي پوليس جي ايويئيشن ڪور ۾ ڊرونز جي استعمال سان گڏ اينٽي ڊرون سسٽم ۽ ڊرونز کي منهن ڏيڻ لاءِ مربوط حڪمت عملي پڻ اختيار ڪئي وئي آهي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته شنگهائي پوليس جي ماڊل جديد پوليسنگ ۽ ٽيڪنالاجي جي استعمال جو بهترين مثال آهي سنڌ پوليس جي نظام جي تناظر ۾ تفصيلي جائزو ورتو وڃي هن هدايت ڪئي ته شنگهائي جو دورو ڪندڙ آفيسرن تي ٻڌل ڪميٽي قائم ڪئي وڃي جيڪا شنگهائي پوليس ماڊل، گهربل سڌارن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي مؤثر استعمال بابت جامع ۽ قابل عمل سفارشون تيار ڪري آءِ جي سنڌ چيو ته ڪميٽي شڪايتن جي اندراج ۽ آزاڻي ايف آءِ آر جي اندراج ۽ ٻين ضروري پوليسنگ معاملن کي وڌيڪ مؤثر ۽ عوام دوست بڻائڻ بابت پڻ سفارشون پيش ڪري جاويد عالم اوڍو چيو ته مستقبل جديد ٽيڪنالاجي جو آهي سنڌ پوليس کي به ٽيڪنالاجي مان ڀرپور فائدو وٺندي پوليسنگ جي نظام کي وڌيڪ مؤثر شفاف ۽ عوام دوست بڻائڻو پوندو جديد ٽيڪنالاجي ڊجيٽلائيزيشن ۽ دنيا جي بهترين پوليسنگ ماڊلز کي اپنائڻ سنڌ پوليس جي سڌارن جو اهم حصو آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ پوليس جي ترجيح اهڙو جديد پوليسنگ نظام قائم ڪرڻ آهي جنهن ۾ ٽيڪنالاجي جي مدد سان عوام کي فوري، مؤثر ۽ شفاف پوليس خدمتون فراهم ڪري سگهجن

**بقايا 9 روزاني عبرت**

جيڪا مبينا طور 6 کان 7 مهينن جي ٻار کي ڇڏي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي پوليس ترجمان موجب مددگار 15 محمودآباد کي هڪ مشڪوڪ عورت جي موجودگي بابت اطلاع مليو جنهن تي پوليس فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي عورت کي حراست ۾ ورتو ترجمان موجب عورت مبينا طور تي 6 کان 7 مهينن جي ٻار کي اتي ڇڏي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي شروعاتي جاچ موجب عورت جي ذهني حالت درست نه هجڻ جو شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي اطلاع ملڻ ڪانپوءِ لاڳاپيل ٿاڻي جي پوليس پڻ واقعي واري هنڌ پهچي وئي جنهن بعد عورت ۽ ٻار کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ ٿاڻي منتقل ڪيو ويو پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

**بقايا 10 روزاني عبرت**

تي وڪيلن جي ڪنوينشن منعقد ٿيندو جنهن ۾ قانون جي حڪمراني عدليه جي آزادي، 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن سنڌ جي وسيلن ۽ سول بالادستي سميت اهم آئيني ۽ سياسي معاملن تي تفصيلي بحث ڪيو ويندو ڪنوينشن موجب ڪنوينشن ۾ ملڪ جي موجوده آئيني ۽ سياسي صورتحال عدليه جي ڪردار ۽ آئين ۽ قانون جي بالادستي بابت معاملن تي وڪيل پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندا خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي ڪنوينشن جو خاص مهمان هوندو ڪنوينشن ۾ وڪيلن جي وڏي انگ ۾ شرڪت جي اميد آهي

**بقايا 11 روزاني عبرت**

ڪيس جي جاچ لاءِ قائم جوڊيشل ڪميشن گذريل ڏينهن جي ڪارروائي جو لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪندي مختلف شاهدن ۽ پوليس آفيسرن جا بيان قلمبند ڪيا آهن جڏهن ته گلستان جوهر ٿاڻي جي ايس ايڇ او ڪامران قريشي ۽ هيڊ محرر کي 7 سيپٽمبر تي ڪميشن آڏو پيش ٿيڻ لاءِ نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن جوڊيشل ڪميشن جي لکت واري حڪم نامي موجب ڪميشن آڏو احمد، عبدالله، ڊرائيور احسان الله ۽ ڊي ايس پي ارشد آفريدي جا بيان قلمبند ڪيا ويا. ڊرائيور احسان الله ڪميشن کي ٻڌايو ته ڪمپني سندس گاڏي واپس وٺي چڪي آهي، جڏهن ته جنهن گهر ۾ هو رهندو هو ان جي مالڪ به ڪيس گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي احسان الله موجب هو هن وقت فيروزآباد ٿاڻي ۾ رهڻ تي مجبور آهي. ڪميشن قرار ڏنو ته احسان الله هن ڪيس ۾ مشڪوڪ شخص نه آهي، ۽ مير رضا علي جي گولا دوران هن مقتول جي وارثن سان مڪمل سهڪار ڪيو هو. هن ڪميشن آڏو پنهنجي رائيڊ، لوڪيشن ميپ ۽ ٻين لاڳاپيل تفصيلن پڻ جمع ڪرايا. ڪميشن پنهنجي حڪم نامي ۾ چيو ته گهر ڀاڙين جي مدد ڪرڻ باوجود احسان الله سان ملازم جهڙو ورتاءُ ڪيو پيو وڃي ۽ بظاهر ڪيس مدد ڪرڻ جي سزا ڏني پئي وڃي ڪميشن جاچ آفيسر ڊي ايس پي سراج لاشاري کي هدايت ڪئي ته هو ڪمپني انتظاميا ۽ گهر جي مالڪ سان رابطو ڪري سندن خدشا ختم ڪري ۽ کين يقين ڏيارينداو ته مير رضا علي ڪيس جي سلسلي ۾ سندن خلاف ڪا جبري ڪارروائي نه ڪئي ويندي حڪم نامي موجب احمد به سنڌ ريونيو بورڊ پاران جاري ڪيل نوٽيس جي ڪاپي ۽ آن لائن ڊليوري ايپ جي ادائيگين جون رسيدون ڪميشن ۾ جمع ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي آهي وقت جي ڪوٽ سبب حڪيم رازق ۽ ايس ايڇ او عديل افضل کي ايندڙ ٻڌڻي تي پيش ٿيڻ جو پابند ڪيو ويو آهي جڏهن ته گلستان جوهر ٿاڻي جي ايس ايڇ او ڪامران قريشي ۽ ڪورٽ محرر ذيشان کي پڻ ايندڙ ٻڌڻي تي پيش ٿيڻ لاءِ نوٽيس جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي جوڊيشل ڪميشن جو ايندڙ اجلاس 7 سيپٽمبر تي صبح 11 وڳي بيهر ٿيندو هوڏانهن ڪراچي جي سٽي ڪورٽ ۾ ڪار ساز حادثي ڪيس جي جوابدار نتاشا خلاف منشيات روڪٿام واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران عدالت ڪيس بري ڪري ڇڏيو عدالت قرار ڏنو ته ميڊيڪل رپورٽ موجب جوابدار تي منشيات استعمال ڪرڻ ثابت نه ٿيو ۽ سندس رت جي ٽيسٽ ۾ به منشيات جون نشانيون نه مليون پراسيڪيوشن موجب آگسٽ 2024ع ۾ ڪار ساز واري علائقي ۾ نتاشا موٽرسائيڪل سوار عمران عارف ۽ سندس ڌيءَ آمنہ عمران کي گاڏي هيٺان چيپائي ڇڏيو هو جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي ڄڻا فوت ٿيا هئا، جڏهن ته عبدالسلام ۽ شين اليگزينڊر زخمي ٿيا هئا. پوليس موجب واقعي جو ڪيس بهادرآباد ٿاڻي تي فوت ٿيل عمران عارف جي ڀاءُ امتياز جي فرياد تي داخل ڪيو ويو هو پراسيڪيوشن موجب نتاشا ڪار ساز حادثي واري ڪيس ۾ اڳ ئي بري ٿي چڪي آهي

**بقايا 12 روزاني عبرت**

قانون واري وزير ضياءِ الحسن لنجار احمدپور ۾ ٻن گروهن وچ ۾ ٿيل جهيڙي واري واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي خيرپور کان شروعاتي پوليس قدمن تي ٻڌل تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي صوبائي گهرو وزير ايس ايس پي خيرپور کي هدايت ڪئي آهي ته واقعي بابت پوليس طرفان ڪيل سمورن ابتدائي قدمن جي تفصيلي رپورٽ فوري طور موڪلي وڃي، جڏهن ته جهيڙي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي ترت گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس کي حڪم جاري ڪيو ويو آهي ضياءِ الحسن لنجار زخمين کي بهترين ۽ فوري طبي امداد فراهم ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي آهي هن چيو ته علائقي ۾ امن امان هر صورت ۾ برقرار رکيو وڃي ۽ قانون هٿ ۾ کڻندڙ عنصرن سان سختي سان منهن ڏنو وڃي گهرو وزير پوليس کي هدايت ڪئي ته واقعي واري هنڌ تي پهچي صورتحال کي فوري طور ڪنٽرول ۾ آندو وڃي ۽ امن امان کي خراب ڪرڻ وارن قانون جي بالادستي خلاف ويندڙ عنصرن خلاف سخت قدم کنيا وڃن هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته واقعي جي جاچ ۾ اڳڀرائي، جوابدارن جي گرفتاري ۽ ٻين ضروري قانوني ڪارروائين بابت ڪيس مسلسل آگاهه رکيو وڃي

**بقايا 13 روزاني عبرت**

پهچي ويو آهي سنڌ انفيڪشس ڊزيز اسپتال نيپا جي ذريعن موجب اسپتال ۾ ايم پاڪس جا 3 تصديق ٿيل ۽ هڪ شڪي مريض علاج هيٺ آهي ٽنهي مريضن جي پي سي آر ٽيسٽ ۾ ايم پاڪس جي تصديق ٿي آهي اسپتال جي ذريعن موجب ڪن تصديق ٿيل مريضن مان 2 جو تعلق اندرون سنڌ سان جڏهن ته هڪ مريض ڪراچي جو رهواسي آهي اندرون سنڌ سان تعلق رکندڙ مريضن ۾ پيءُ ۽ ڌيءُ شامل آهن جڏهن ته ڪراچي مان رپورٽ ٿيل مريض فيڊرل بي ايريا جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي ٻئي طرف اندرون سنڌ سان تعلق رکندڙ هڪ 19 ورهين جي نوجوان ۾ پڻ ايم پاڪس جي تصديق ٿي آهي جنهن جي جسم تي دانن جي شڪايت ڪانپوءِ گذريل ڏينهن سنڌ انفيڪشس ڊزيز اسپتال نيپا آندو ويو هو طبي معائني ڪانپوءِ سندس نمونا پي سي آر ٽيسٽ لاءِ موڪليا ويا، جن ۾ ايم پاڪس جي تصديق ٿي وئي متاثر نوجوان کي اسپتال جي آئسوليشن وارڊ ۾ داخل ڪري طبي نگراني هيٺ رکيو ويو آهي جتي کيس ضروري طبي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن اسپتال جي ذريعن موجب هڪ شڪي مريض جي پي سي آر ٽيسٽ جي رپورٽ اڃا باقي آهي جنهن ڪانپوءِ سندس بيماري بابت حتمي صورتحال واضح ٿيندي صحت کاتي جي اختيارين موجب هلندڙ سال سنڌ ۾ ايم پاڪس جا مجموعي طور 41 تصديق ٿيل ڪيس رپورٽ ٿي چڪا آهن جن مان 28 ڪيس اندرون سنڌ، جڏهن ته 13 ڪيس ڪراچي مان سامهون آيا آهن طبي اختيارين چيو آهي ته شڪي مريضن جا نمونا پي سي آر ٽيسٽ ذريعي جانچيا پيا وڃن جڏهن ته تصديق ٿيل مريضن کي احتياطي تدبيرن تحت آئسوليشن ۾ رکيو ويندو آهي شهرين کي هدايت ڪئي وئي آهي ته ايم پاڪس جون شڪي علامتون ظاهر ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور طبي مرڪز سان رابطو ڪن ۽ بيماري جي ڦهلاءَ کان بچڻ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪن

**بقايا 14 روزاني عبرت**

پروقار جلسو منعقد ڪيو ويو ان سلسلي ۾ درگاهه مشوري شريف جي صاحبزاده منير احمد مشوري المعروف قرب ڏڻي ٻاڊهہ ۾ قاسميہ جماعت جي عقيدتمند حافظ فقير عبدالرشيد سنجراڻي قاسمي جي ميزباني ۾ منعقد جلسي ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي جلسي کي خطاب ڪندي صاحبزادہ منير احمد مشوري چيو ته الله پاڪ سمورا جهان پنهنجي محبوب مصطفيٰ ڪريم جن جي صدقي خلقيا آهن جيڪي سڀني جهانن جا سردار آهن ۽ ان مالڪ حقيقي ئي پنهنجي حبيب ڪريم جي ذڪر کي بلند ڪيو آهي اهو ئي سبب آهي جو نه صرف سنڌ يا پاڪستان بلڪ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ميلاد ملهائي عاشقان رسول ان محبوب جي خلق ۽ عظمت کي بيان ڪري رهيا آهن هن چيو ته هن سموري ڪائنات جي جان امام الانبياء رحمت للعالمين ۽ خاتم النبيين آهن جن ڪانپوءِ دنيا جي تختي تي ڪو به نبي يا رسول اچڻو ئي ناهي هن چيو ته هر وقت نبي پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن تي درود و سلام پڙهندا رهو ان سان اوهان جي گهرن ۾ رحمت وسندي ۽ ڪاروبارن ۾ برڪت پوندي هوڏانهن ٻاڊهہ جي پريسان ڳوٺ عالماڻي ۾ جماعت اصلاح المسلمين پاران مولوي محمد حسن جهتيال طاهري پاران منعقد جلسي کي خطاب ڪندي خليفہ مولانا محمد حسن بصري طاهري چيو ته اسان جي اها وڏي خوشنصيبي آهي جو اسان الله جي محبوب جا امتي بڻايا آهيون تنهن ڪري اسان تي اهو فرض عائد ٿو ٿئي ته ان آقا و مولا صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي ذڪر سان گڏ سندن فڪر کي پڻ عام ڪريون اهو تڏهن ئي ممڪن ٿيندو جڏهن اسان جو عقيدو مضبوط هوندو مذڪوره جلسن ۾ نعت خوانن محمد صالح سومرو عبدالڪريم ڪوڪر واحد قاسمي ۽ ٻين بارگاهه رسالت ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪيا آخر ۾ عالم انسانيت ۽ ملڪي سلامتيءَ جون دعائون گهرڻ سان گڏ ميلاد شريف جو لنگر تقسيم ڪيو ويو هوڏانهن صاحبزادہ منير احمد مشوري فقير ديدار علي نوناري قاسمي جي ميلاد واري دعوت ۾ پڻ شرڪت ڪئي

**بقايا 15 روزاني عبرت**

شهرين خلاف ڪارروائي ڪندي 5 ماڻهن کي گرفتار ڪيو گرفتار ٿيل ماڻهن جي سڃاڻپ رحمان پٽ عبدالباري، عيد محمد پٽ دين محمد، سميع الله پٽ گل احمد، شمران پٽ محمد علي صمد خان پٽ محمد علي جي نالن سان ٿي آهي گرفتار ٿيل غير قانوني افغان شهرين کي اعليٰ اختيارين جي پاليسي ۽ قانوني طريقيڪار جي مطابق وڌيڪ ڪارروائي لاءِ جي سي ٽي ڪالبيج منتقل ڪيو ويو آهي

**بقايا 16 روزاني عبرت**

گرفتار ڪري چوري ٿيل موٽرسائيڪل ۽ نقد رقم هٿ ڪري ورتي، گذرگاهه چوري ٿيل لوڊر مزدا ٽرڪ پڻ 24 ڪلاڪن اندر هٿ ڪئي وئي چيپا ذريعن موجب شهر جي مختلف علائقن ۾ ٽريفڪ حادثن دوران 4 ڄڻا فوت ۽ 45 ڄڻا زخمي ٿيا. بقائي ٽول پلازا وادي حسين قبرستان پريسان نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ 55 ورهين جو امام الدين فوت ٿي ويو لياري ايڪسپريس وي پل پريسان رڪشا جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل 45 ورهين جو عبدالستار علاج دوران فوت ٿي ويو لانڍي قائدآباد، ايپٽ ڪمپني پريسان نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ 65 ورهين جو گل دراز فوت ۽ 60 ورهين جو شير عالم شاهه زخمي ٿي پيو جڏهن ته ڪورنگي شريف آباد سيڪٽر A-7 پريسان نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ 35 ورهين جو هڪ شخص فوت ٿي ويو جنهن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي ان کان علاوه عوامي ڪالوني ٿاڻي جي حد مرتضيٰ ڪالوني سنگر دارالعلوم روڊ ساماهون بس جي ٽڪر ۾ 18 ورهين جو سيد عبدالقدير فوت ٿي ويو پوليس سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان بس ڊرائيور امير خان کي بس نمبر JC-3192 سميت گرفتار ڪري ورتو شاهه لطيف ٽائون ۾ رزاق آباد ٽريننگ سينٽر پريسان ڦر دوران مزاحمت تي هٿياربندن ڪير جي وارين تي فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ غني بخش ۽ زرداري سخت زخمي ٿي پيا جوابدار ٻنهي وارين کان مبينا طور 21 لک رپيا ڦري فرار ٿي ويا. زخمين کي آغا خان اسپتال منتقل ڪيو ويو پاپوش نگر چوڪ پريسان پڻ موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن بلڊر جي آفيس تي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ سيڪيورٽي گارڊ زخمي ٿي پيو واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج پوليس کي ملي وئي آهي بلڊر موجب ڪيس ماضي ۾ ڀتي جي ڪا پرچي يا فون ڪال موصول نه ٿي آهي جڏهن ته پوليس فائرنگ جي سبب بابت جاچ ڪري رهي آهي ٻئي طرف لانڍي پوليس موٽرسائيڪل چوري ۾ ملوث ذيشان ولد چند زيبا کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان چوري ٿيل موٽرسائيڪل ۽ نقد رقم هٿ ڪئي جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي لانڍي نمبر 6 مان چوري ٿيل لوڊر مزدا ٽرڪ به پوليس سي سي ٽي وي ۽ مقامي انٽيليجنس جي مدد سان 24 ڪلاڪن اندر هٿ ڪري ورتي جنهن جي تصديق ڪانپوءِ اصل مالڪ حوالي ڪيو ويو محمودآباد ۾ پوليس مددگار 15 جي اهلڪارن اطلاع ملڻ تي هڪ مشڪوڪ عورت کي تحويل ۾ ورتو جيڪا مبينا طور 6 کان 7 مهينن جي ٻار کي ڇڏي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ابتدائي اطلاع موجب عورت جو ذهني توازن درست نه هجڻ جو شڪ آهي عورت ۽ ٻار کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ لاڳاپيل ٿاڻي منتقل ڪيو ويو آهي هوڏانهن سول اسپتال برنس روڊ ساماهون ملڪ بيڪري پريسان روڊ تي هلندي ڪري پيل 35 ورهين جو هڪ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو جنهن جو لاش ايڌي ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

**بقايا 17 روزاني عبرت**

ڪراچي پورٽ تي هڪ ڪنٽينر مان 200 ڪلوگرام آئس منشيات هٿ ڪري ورتي، جڏهن ته منشيات جي اسمگلنگ ۾ ملوث افغان سرغنه احسان الله ۽ هڪ مقامي سهولتڪار کي گرفتار ڪيو ويو آهي اي اين ايف موجب ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل افغان سرغنه احسان الله کان جاچ دوران ڪولمبو موڪيل منشيات بابت اهم معلومات حاصل ٿي جيڪا اي اين ايف پاران سري لنڪن اختيارين ۽ آمريڪي اداري ڊي اي اي (DEA) سان شيئر ڪئي وئي اي اين ايف ۽ لاڳاپيل ادارن جي گڏيل ڪارروائي دوران ڪولمبو پورٽ تي ترلين ۾ لڪائي موڪليل 471 ڪلوگرام آئس پڻ هٿ ڪئي وئي اي اين ايف اختيارين موجب ڪراچي پورٽ تان هٿ آيل منشيات بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته گرفتار جوابدارن کان منشيات جي اسمگلنگ جي نيٽ ورڪ ۽ ٻين سهولتڪارن بابت معلومات حاصل ڪئي پئي وڃي

**بقايا 18 روزاني عبرت**

مرحوم ڪجهه سال اڳ پي ٽي وي مان ”انچارج هيڊ آف ڪرنٽ افيئرس“ طور رٽائرڊ ٿيو رٽائرمينٽ کان پوءِ يوٽيوب تي پنهنجو ذاتي چينل ”ميڊيا فوڪس“ جي نالي سان هلائي رهيو هو هن پنهنجي ڪيريئر دوران پي ٽي وي تان ڪيترائي ڪرنٽ افيئرس جا پروگرام پيش ڪيا جن ۾ حال احوال، واءُ سواءُ، چوٽي شهر بڙي مسائل سميت ڪيترن ئي انٽرنيشنل ايونٽس جي ڪوريج ڪئي پروڊيوسر ۽ پروڊيوسر طور ڏيهي ۽ پرڏيهي شخصيتن جا انٽرويو به رڪارڊ ڪيا ان کان سواءِ ڪيس بهترين ڪارڪردگي ايوارڊ به مليا جن ۾ ٻه دفعا بهترين پروڊيوسر ڪرنٽ افيئرس جو پي ٽي وي ايوارڊ به شامل آهي مرحوم جي جنازي نماز رحمانيا مسجد پراڻي سبزي منڊي ۾ ادا ڪرڻ کان پوءِ طارق روڊ قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي. جنازي نماز ۾ پي ٽي وي ڪراچي سينٽر جي جنرل مئنيجر امجد حسين شاهه، پي ٽي وي ڪراچي جي نيوز ايڊيٽر ۽ مئنيجر پبلڪ ريليشنز علي اصغر ارباب سميت پي ٽي وي جا آفيسر ۽ ملازمن جڏهن ته رٽائرڊ آفيسرن ۽ ملازمن جي وڏي انگ پڻ شرڪت ڪئي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪندڙ اڳواڻن نامور پروڊيوسرن ۾ اقبال جميل، مشڪور نجم، امين ميمڻ اقبال لطيف، فدا حسين سومرو ۽ ٻيا آفيسر پڻ شامل هئا مرحوم اڳوڻي وزيراعظم محمد خان جوڻيجو کان وٺي پنهنجي رٽائرمينٽ تائين پاڪستان جي اڪثر صدرن ۽ وزيراعظمن جي ڪوريج ڪئي ۽ ڪيترائي لائيو پروگرام انتهائي پيشوراڻي مهارت سان نشر ڪيا مرحوم اسدالله پٽي هڪ خوش مزاج، کل مک ۽ مزاح سان ڀرپور شخصيت جا مالڪ هئا هن پنهنجي ملازمت جو وڏو حصو پي ٽي وي ڪراچي سينٽر ۾ گذاريو جڏهن ته ڪجهه سال پي ٽي وي ڪوئيٽا سينٽر ۾ پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون پي ٽي وي سان وابسته ساٿين ۽ دوستن مرحوم اسدالله پٽي جي خدمتن کي ساراهيندي سندس رحلت کي اداري ۽ صحافتي دنيا لاءِ وڏو نقصان قرار ڏنو ۽ سندس مغفرت لاءِ دعا ڪئي

**بقايا 19 روزاني عبرت**

دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي وزيراعليٰ سنڌ سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي صلاحيتن ۽ بهادرانه ڪارروائين کي ساراهيندي چيو ته پاڪ فوج ۽ ٻيا سيڪيورٽي ادارا وڏي مهارت ۽ همت سان ملڪ دشمن عنصرن جو خاتمو ڪري رهيا آهن سيد مراد علي شاهه چيو ته ملڪ مان دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ضروري آهي ڇو ته امن ۽ خوشحالي ئي اسان جي منزل آهي هن چيو ته پوري قوم پنهنجي بهادر سپوتن سان گڏ بيٺل آهي ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون ڏنل عظيم قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون وزيراعليٰ سنڌ چيو ته قوم جي حفاظت ۽ ملڪ جي امن لاءِ جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ سيڪيورٽي فورسز جا جوان قوم جا هيرو آهن جن جي قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪجي ٿو

**بقايا 20 روزاني عبرت**

جي سائوٿ جي انڪوائري رپورٽ سامهون اچي وئي آهي جنهن ۾ ايس ايس پي فدا حسين جانوري کي پوليس اهلڪارن کي فليٽ تي موڪلڻ جي الزام کان بري قرار ڏنو ويو آهي انڪوائري رپورٽ موجب واقعي جي ذميواري پوليس اهلڪار تيمور تي لاڳو ڪئي وئي آهي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته تيمور مبينا طور پنهنجي اختيارين کان تجاوز ڪندي ڪورنگي ضلعي جي پوليس اهلڪارن کي فليٽ تي گهرايو ۽ اتي ڪارروائي ڪئي وئي رپورٽ ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته ايس ايس پي فدا حسين جانوري پوليس اهلڪارن کي فليٽ تي موڪلڻ جو ڪو به حڪم جاري نه ڪيو هو انڪوائري رپورٽ موجب واقعي جي سامهون آيل وڊيو ۾ سي سي ٽي وي ڪيمرا ٽوڙيندڙ سادا ڪپڙا پهريل شخص پوليس اهلڪار هو رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته چاڪيل اهلڪار ايس ايس پي جي هڪ مائٽ عورت جي مبينا طور اڪسائڻ تي ڪيمرا ٽوڙيو ڊي آءِ جي سائوٿ جي انڪوائري رپورٽ ۾ ايس ايڇ او درخشان ۽ لاڳاپيل جاچ آفيسر کي پڻ غفلت جو ذميوار قرار ڏنو ويو آهي متاثر خاندان طرفان داخل ڪرايل ايف آءِ آر ۾ ڦرلٽ سميت ٻين سخت قلمن بابت پڻ انڪوائري رپورٽ ۾ اعتراض اٿاريا ويا آهن ۽ انهن قلمن تحت لڳايل الزامن کي درست قرار نه ڏنو ويو آهي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته متاثر خاندان چاهي ته واقعي بابت نئون ڪيس داخل ڪرائي سگهي ٿو ڊي آءِ جي سائوٿ حتمي ڪارروائي ۽ وڌيڪ اڳڀرائي لاءِ انڪوائري رپورٽ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ڏانهن موڪلي ڇڏي آهي

**بقايا 21 روزاني عبرت**

ايوان شاهجهان قصور ۾ منعقد ٿي جنهن ۾ لڳ ڀڳ 100 هارين ڊيلرن ۽ زراعت کاتي جي نمائندن شرڪت ڪئي حسن علي ظفر هيڊ آف نارٿ زون تقريب جو خاص مهمان هو جن ڪامياب هارين ۾ انعام ورهايا. آفتاب نسيم عمران شيخ ۽ طارق جاويد پڻ تقريب کي خطاب ڪيو هارين لاءِ ايف ايف سي جي عزم جديد فصلن جي غذائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ حل ۽ معياري پاڻي بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو عمران غفور تقريب جي اسٽيج جا فرض سرانجام ڏنا. تقريب ۾ نوين سعيد، هيڊ آف مارڪيٽنگ، عمران سلامت، ڊاڪٽر مدار الحق، حسن علي خان دانش علي طارق ۽ محمد عثمان پڻ شرڪت ڪئي زراعت کاتي جي ڊسٽرڪٽ ڊائريڪٽر، ايگريڪلچر ايڪسٽينشن جي اعجاز علي ۽ پلانٽ پروٽيڪشن جي اڪرام الحق پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪئي انعام حاصل ڪندڙ هارين خوشيءَ جو اظهار ڪندي بهترين هاري مراعاتي اسڪيمن ۽ اعليٰ معيار جي شين جي فراهمي تي ايف ايف سي جا ٿورا مڃيا. هنن چيو ته انهن سهولتن ۽ معياري شين ذريعي هارين کي پنهنجي فصلن جي پيداوار بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي رهي آهي محمد عباس ڪيريان خاص قصور کي ٽريڪٽر جڏهن ته علي رضا، لاهور کي موٽرسائيڪل بطور انعام ڏني وئي

**بقايا 22 روزاني عبرت**

چيو آهي ته چونڊيل وزيراعليٰ سنڌ خلاف غير ذميواراڻي ٻولي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي سعديا جاويد چيو ته وفاقي وزير پنهنجي قيادت کي خوش ڪرڻ لاءِ سنڌ جي آئيني ۽ جاگرافيائي حقن تي سياست ڪرڻ بند ڪن هن چيو ته سنڌ اسيمبلي ۽ ان جي قائد ايوان کي پنهنجي صوبي جي مفادن جي تحفظ جو مڪمل آئيني اختيار حاصل آهي قومي اسيمبلي هجي يا ڪو بہ فورم سنڌ جي ڌرتي جي ورهاڱي يا سنڌ کي نقصان پهچائڻ واري ڪنهن به ڳالهه تي خاموش نه رهنداسين سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته وفاقي حڪومت بدترين سياست ۽ گارگند بدران ملڪ جي حقيقي معاشي ۽ عوامي مسئلن تي ڌيان ڏي سنڌ جي عوام جي حقن تي سوديبازي جو خواب ڏسندڙ احمقن جي جنت ۾ رهن ٿا سعديا جاويد چيو ته وزيراعليٰ سنڌ هميشه آئين جي پاسداري ۽ وفاق جي مضبوطي جي ڳالهه ڪئي آهي وفاقي وزير سنڌ دشمني تي ٻڌل بيانن ذريعي صوبن وچ ۾ نفرتون پکيڙڻ کان پاسو ڪن

**بقايا 23 روزاني عبرت**

اضافي وصوليون فوري طور بند ڪرڻ جي مطالبي تي ٻڌل قرارداد سنڌ اسيمبلي ۾ جمع ڪرائي وئي آهي قرارداد ۾ چيو ويو آهي ته ملڪ ۾ هڪ طرف بي قابو مهانگائي عام شهرين لاءِ زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي اهڙين حالتن ۾ وفاقي حڪومت پاران پيٽروليم شين جي اصل قيمت کان علاوه پيٽروليم ليوي ۽ ٻين مدن ۾ وصوليون ڪرڻ افسوسناڪ عمل آهي قرارداد جي متن موجب هن وقت ڪسٽم ڊيوٽي سميت پيٽرول جي اصل قيمت 238.70 رپيا في ليٽر آهي جڏهن ته حڪومت پاران ان کان علاوه 80 رپيا في ليٽر پيٽروليم ليوي، 5 رپيا ماحولياتي ليوي ۽ مختلف مارجنز جي نالي تي 25.30 رپيا في ليٽر وصول ڪيا پيا وڃن محمد فاروق قرارداد ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته انهن اضافي وصولين سبب نه رڳو پيٽرول ۽ ڊيزل وڌيڪ مهانگو ٿيو آهي پر ان جي نتيجي ۾ مهانگائي ۾ پڻ ساڳئي تناسب سان اضافو ٿيو آهي جيڪو اڳ ئي مهانگائي جي بار هيٺ دٻيل عوام سان سخت زيادتي جي برابر آهي قرارداد ۾ سنڌ اسيمبلي کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته وفاقي حڪومت پيٽروليم ليوي ۽ ٻين مدن ۾ عوام کان اضافي وصوليون فوري طور بند ڪري ۽ عوام کي مهانگائي جي موجوده صورتحال ۾ ترت رليف فراهم ڪري

**بقايا 24 روزاني عبرت**

جو ماحول انتهائي ڇڪتاڻ وارو ٿي ويو ۽ ايوان ۾ گوڙ سبب صورتحال مڇي مارڪيٽ بڻجي وئي گذريل ڏينهن سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي ورهاڱي، صوبي جي انتظامي يونٽن جي قيام ۽ سنڌ جي وحدت کي نقصان پهچائڻ وارين تجويزن خلاف قرارداد اڪثريتي راءِ سان منظور ڪئي وئي هئي قرارداد جي منظوري ڪانپوءِ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ميمبرن اڄ واري اجلاس دوران ان معاملي تي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ميمبرن احتجاج دوران ايوان ۾ سخت گوڙ ڪيو ۽ نعريبازي ڪئي جنهن تي حڪومتي ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن وچ ۾ پڻ سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي مسلسل گوڙ سبب ايوان جي ڪارروائي متاثر ٿي ۽ اجلاس جو ماحول ڪجهه وقت لاءِ انتهائي ڇڪتاڻ وارو بڻجي ويو اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اويس قادر شاهه ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ميمبرن کي سختي سان گوڙ کان روڪيندي کين پنهنجي پنهنجي سيٽن تي ويهڻ جي هدايت ڪئي اسپيڪر ميمبرن کي مخاطب ٿيندي چيو ته سنڌ جي وحدت بابت قرارداد ته ڪالهه ئي منظور ٿي چڪي آهي اڄ ان معاملي تي گوڙ ڇو پيو ڪيو وڃي اسپيڪر اويس قادر شاهه ايوان جو نظم ۽ ضبط برقرار رکڻ لاءِ ايم ڪيو ايم ميمبرن کي بار بار احتجاج ۽ نعريبازي ختم ڪري پنهنجي سيٽن تي ويهڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس دوران ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ميمبرن پاران سنڌ جي وحدت بابت قرارداد جي منظوري تي پنهنجي موقف جي اظهار لاءِ احتجاج جاري رکيو جنهن سبب ايوان ۾ ڪجهه وقت لاءِ شديد گوڙ ۽ نعريبازي جو سلسلو هلندو رهيو واضح رهي ته سنڌ اسيمبلي گذريل ڏينهن سنڌ جي ورهاڱي ۽ صوبي ۾ نون انتظامي يونٽن جي قيام بابت تجويزن کي رد ڪندي سنڌ جي وحدت برقرار رکڻ جي حق ۾ قرارداد اڪثريتي راءِ سان منظور ڪئي هئي قرارداد ۾ سنڌ کي ورهائڻ يا ان جي انتظامي جاگرافيائي حدن ۾ تبديلي جي ڪنهن به تجويز کي رد ڪرڻ جو موقف اختيار ڪيو ويو هو. اجلاس دوران سمورين علحيدگي پسند تحريڪن ۽ ايجنڊائن خلاف پيش ڪيل ٺهراءُ اسپيڪر پاران رد ڪيو ويو اسپيڪر جو چوڻ هو ته ايوان اڳ ئي گذريل ڏينهن سنڌ جي ورهاڱي ۽ سنڌ ۾ نئين صوبي جي قيام خلاف قرارداد منظور ڪري چڪو آهي، تنهن ڪري ساڳئي نوعيت جو ٺهراءُ ٻيهر پيش ڪرڻ جي ضرورت ناهي ذريعن موجب پيش ڪيل ٺهراءَ تي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن جون صحيحون پڻ موجود هيون اسپيڪر جي فيصلي ڪانپوءِ ايوان ۾ ٺهراءَ جي حوالي سان وڌيڪ ڪارروائي نه ٿي سگهي. ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن علحيدگي پسند تحريڪن خلاف قرارداد پيش نه ڪرڻ تي پيپلز پارٽي جي حڪومت کي سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندي الزام هنيو آهي ته حڪومت غرور تعصب ۽ آمرانه رويو اختيار ڪيو سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي چيو ته اڄ اسيمبلي جو اجلاس ٿيو جڏهن ته ڪالهه سنڌ تقرير نون صوبن جي معاملي تي هئي هن چيو ته مخالف ڌر جون تجويزون قرارداد جو حصو نه بڻايون ويون جنهن تي ايم ڪيو ايم جي سمورن ميمبرن اعتراض ڪيو علي خورشيدي چيو ته ايم ڪيو ايم پاران علحيدگي پسند تحريڪن خلاف پڻ قرارداد جو حصو بڻائڻ جو مطالبو ڪيو ويو هو. هن الزام لڳايو ته سنڌ اسيمبلي ۾ اسپيڪر به دٻاءُ ۾ نظر آيو ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڊپٽي پارلياماني اڳواڻ طحا احمد چيو ته پيپلز پارٽي جو تعصب ۽ آمرانہ رويو سامهون اچي رهيو آهي هن چيو ته ايم ڪيو ايم پنهنجي دفاعي لائين جي حفاظت ڪندي ۽ هو سمورين علحيدگي پسند تحريڪن خلاف آهن

**بقايا 25 روزاني عبرت**

مستحڪم معاشي منظرنامي جي درجابندي ڪئي آهي جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ايشين ڊيولپمينٽ بئنڪ (اي ڊي بي) جي ڏکڻ وچ ۽ اولهندي ايشيا بابت نائب صدر ينگ منگ يانگ وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ملاقات ڪئي وزيراعظم محمد شهباز شريف ينگ منگ يانگ جي اعزاز ۾ ناشتي جو اهتمام ڪيو ملاقات ۾ پاڪستان ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي وچ ۾ ڪيترن ئي ڏهاڪن تي ٻڌل ترقياتي حصيداري جو جائزو ورتو ويو ۽ نئين ڪنٽري پارٽنرشپ اسٽريٽيجي (سي پي ايس) 2030 — 2026ع تحت ترجيحي شعبن ۾ قدمن تي غور ڪيو ويو وزيراعظم محمد شهباز شريف ينگ منگ يانگ جي ان حيثيت سان پاڪستان جي پهرين سرڪاري دوري تي آجيان ڪندي پاڪستان ۾ شهري بنيادي ڍانچي، ٽرانسپورٽ ۽ عوامي خدمتن جي اهم منصوبن جي تڪميل ۾ اي ڊي بي جي مسلسل پيشيوراڻي ڪارڪردگي ۽ وقت سر تعاون کي ساراهيو وزيراعظم چيو ته پاڪستان سخت مالياتي ساختي ۽ انتظامي سڌارن جي ذريعي مشڪل معاشي بحالي جي مرحلي کي ڪاميابي سان عبور ڪيو آهي انهن سڌارن جي نتيجي ۾ ملڪي معيشت ۾ استحڪام آيو سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿيو جڏهن ته فچ موڊيز ۽ ايس اينڊ پي سميت عالمي ڪريڊٽ ريٽنگ ايجنسين پاڪستان جي لاءِ مستحڪم معاشي منظرنامي جي درجابندي ڪئي آهي ڊگهي مدي واري معاشي تبديلي جي لاءِ حڪومت جي پختي عزم ۾ ورجاءُ ڪندي وزيراعظم چيو ته انتظامي رڪاوٽن جي خاتمي جي لاءِ خصوصي ٽاسڪ فورسز جي ذريعي موثر قدم کنيا پيا وڃن. ملاقات ۾ ڪراچي کان پشاور تائين مين لائين — 1 (ايم ايل — 1) ريلوي لنگهه جي جديد رخن تي اپ گريڊيشن تي خاص ڌيان ڏنو ويو جيڪا قومي بنيادي ڍانچي جي هڪ اهم ترجيح آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته ايم ايل — 1 جي اپ گريڊيشن مال برداري جي نظام کي جديد بڻائڻ علائقائي رابطا مضبوط ڪرڻ ۽ وڏي صنعتي منصوبن کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ انتهائي اهم آهي ملاقات ۾ ايم ايل — 1 منصوبي جي جلد عملي ڪم شروع ڪرڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ويو ته جيئن بنيادي ڍانچي جي ترقي ۽ ملڪ ۾ رابطن جي نظام کي جديد بڻائڻ جي عمل کي تيز ڪري سگهجي مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جي حوالي سان ملاقات ۾ نجي شعبي ۽ ايس ايم ايز جي معاونت، توانائي ۽ غذائي تحفظ روانگي ۽ واپار جي چٽابيٽي صلاحيت ۾ اضافي، مصنوعي ذهانت ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ گڏيل تعاون جي امڪانن جو جائزو ورتو ويو ملاقات جي پڄاڻي تي ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته ڪنٽري پارٽنرشپ اسٽريٽيجي 2030 — 2026ع جي ترجيحن کي ٺوس موثر قدمن ۾ تبديل ڪيو ويندو جيڪي پائيدار معاشي ترقي کي فروغ ڏيڻ سان گڏ ملڪ جي عوام جي زندگي جي معيار ۾ نمايان بهتري آڻڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان گهڻ طرفي نظام ۽ عالمي معاملن ۾ گڏيل قومن جي موثر ڪردار جي ڀرپور ۽ مستقل حمايت جاري رکندو موجوده عالمي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل قومن جي پليٽ فارم ۽ گهڻ طرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب اهڙن خيالن جو اظهار هن جمعي جي ڏينهن گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي عهدي لاءِ نامزد اميدوار سفير اولارا اوٽونو سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن جمعي ڏينهن هتي وزيراعظم سان ملاقات ڪئي ان موقعي تي يوگنڊا جي صدر جي خاص نمائندي يوگنڊا جي اڳوڻي وزيراعظم روهاڪانا روگوندا پڻ ساڻس گڏ هو ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، وزيراعظم جي خاص مددگار طارق فاطمي ۽ پرڏيهي سيڪريٽري آمنہ بلوچ پڻ ملاقات ۾ موجود هئا. ملاقات دوران وزيراعظم محمد شهباز شريف گڏيل قومن جي منشور جي اصولن ۽ مقصدن لاءِ پاڪستان جي پختي وابستگي کي ورجايو وزيراعظم عالمي قانون ۽ عالمي معاهدن جي احترام کي يقيني بڻائڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو وزيراعظم چيو ته پاڪستان گهڻ رخي نظام ۽ عالمي معاملن ۾ گڏيل قومن جي موثر ڪردار جي ڀرپور ۽ مستقل حمايت جاري رکندو هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته موجوده عالمي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل قومن جي پليٽ فارم ۽ گهڻ رخي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي وزيراعظم اميد ظاهر ڪئي ته گڏيل قومن جو ايندڙ سيڪريٽري جنرل گڏيل قومن جي ٽن بنيادي ٿنڀن- امن ۽ سلامتي ترقي ۽ انساني حقن تي جامع ۽ متوازن انداز ۾ ڌيان ڏيندو اولارا اوٽونو گهڻ رخي نظام جي فروغ ۽ گڏيل قومن جي ٽن بنيادي ٿنڀن لاءِ پاڪستان جي ڏگهين ۽ نمايان خدمتن جي قدر جو اظهار ڪيو هن عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ جاري ڪوششن ۾ پاڪستان جي قيادت ۽ اهم ڪردار کي به ساراهيو

**بقايا 26 روزاني عبرت**

مخدوم محبوب الزمان سخت ڪارروائي ڪندي فوڊ سپروائيزر شعيب علي مگسي کي ملازمت تان برطرف ڪري ڇڏيو صوبائي وزير خوراڪ موجب شعيب علي مگسي گريڊ 9 ۾ فوڊ سپروائيزر طور مقرر هو ۽ ڪيس پي آر سي دادو ۽ ڊبليو بي سي مونڊر جو انچارج پڻ مقرر ڪيو ويو هو مخدوم محبوب الزمان چيو ته جاچ دوران پي آر سي دادو مان فصل سال 24-2023ع جي سرڪاري ڪڻڪ جون 10 هزار ٻوريون غائب هجڻ جو انڪشاف ٿيو جڏهن ته ڊبليو بي سي مونڊر مان پڻ ساڳئي فصل جون 5 هزار سرڪاري ڪڻڪ جون ٻوريون غائب مليون صوبائي وزير موجب غائب ٿيل ڪڻڪ جي 15 هزار ٻورين جي اصل ماليت 20 ڪروڙ 63 لک 70 هزار رپيا آهي جڏهن ته مارڪ اپ سميت سرڪاري خزاني کي مجموعي رقم 27 ڪروڙ 24 لک 75 هزار 851 رپيا بڻجي ٿي مخدوم محبوب الزمان چيو ته سرڪاري ڪڻڪ ۾ خردبرد سبب قومي خزاني کي وڏو نقصان پهچايو ويو آهي سرڪاري ڪڻڪ عوام جي امانت آهي ۽ ان ۾ خردبرد ڪندڙ ڪنهن به آفيسر يا اهلڪار سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي صوبائي وزير چيو ته سرڪاري اناج جي حفاظت ۽ بدعنواني خلاف سخت ڪارروائي سنڌ حڪومت جي پاليسي آهي جڏهن ته خردبرد ۾ ملوث ٻين ذميوارن خلاف به قانون موجب ڪارروائي جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

**بقايا 27 روزاني عبرت**

۾ احسن اقبال چيو ته سسٽم ڊليور نه پيو ڪري، هر صوبي کي ٽن حصن ۾ ورهائڻ گهرجي سندس چوڻ هو ته هن جائزي واري ڪميٽي ناهي قومي ۽ سياسي بحث شروع ڪيو وڃي نون صوبن لاءِ سياسي اتفاق راءِ لازمي آهي

**بقايا 28 روزاني عبرت**

زبردست لفظن ۾ ساراهيندي فورسز جي بهادر پٽن کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو گهرو وزير مستونگ، ڪوئيٽا، قلات ۽ سبي ۾ موثر آپريشنز دوران مجموعي طور 36 دهشتگردن جي مارجڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي وڏي ڪاميابي قرار ڏنو هن خاص ڪري قلات ۾ وقت سر ڪارروائي ڪندي 12 دهشتگردن کي مارڻ تي فورسز جي پيشيوراڻي صلاحيتن جي ساراهه ڪئي ۽ چيو ته بهادر جوانن فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج جي ناپاڪ ارادن کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو محسن نقوي دهشتگردن خلاف مسلسل ۽ موثر ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز جي پختي عزم کي سلام ڪندي واضح ڪيو ته فتنہ الهندستان جي دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن کي ڪٿي به لڪڻ جي جاءِ نه ملندي، هن ان عزم کي ورجايو ته بلوچستان ۾ امن دشمن جي مڪمل خاتمي تائين اهي ڪارروايون جاري رهنديون ۽ پوري قوم دهشتگردي خلاف هن جنگ ۾ پنهنجي سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي

**بقايا 29 روزاني عبرت**

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي عهدي جي لاءِ اميدوار سفير اولارا اوٽونو ۽ يوگنڊا جي صدر جي خصوصي ايلچي ۽ اڳوڻي وزيراعظم روهاڪانا روگوندا سان گڏجي ملاقات ڪئي ۽ بدلجندڙ عالمي صورتحال ۽ گهڻ رخي نظام کي درپيش چئلينجز تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير گهڻ رخي نظام جي لاءِ پاڪستان جي پراڻي عزم جو ورجاءُ ڪندي ان نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو هن چيو ته گهڻ رخي فورمز تي ٿيندڙ ڳالهين ۽ مفاهمتن ۽ فيصلن تي موثر عملدرآمد جي ذريعي ان نظام کي مستحڪم ڪرڻ گهرجي هن عالمي قانون جي احترام ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن خاص طور تي فلسطين ۽ جمون ۽ ڪشمير بابت قراردادن تي عملدرآمد جي اهميت تي زور ڏنو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اميد ظاهر ڪئي ته گڏيل قومن جو ايندڙ سيڪريٽري جنرل موجوده دور جي عالمي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ گڏيل قومن جي صلاحيت کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ موثر ڪردار ادا ڪندو اولارا اوٽونو عالمي امن ۽ سلامتي جي لاءِ پاڪستان جي پراڻي خدمتن کي ساراهيو جن ۾ گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ پاڪستان جي شرڪت پڻ شامل آهي هن علائقائي امن ۽ استحڪام جي لاءِ پاڪستاني قيادت جي سفارتي ڪوششن جي پڻ واکاڻ ڪئي روهاڪانا روگوندا نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار کي يوگنڊا جي دوري جي دعوت پڻ ڏني

**بقايا 30 روزاني عبرت**

سان في تولو سون 4 لک 69 هزار 136 رپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب جمعي ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 3 هزار 900 رپين جي واڌ ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 69 هزار 136 رپين جو ٿي ويو آهي 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت ۾ 3 هزار 344 رپين جي اضافي ڪانپوءِ 3 لک 98 هزار 864 رپين کان وڌي 4 لک 2 هزار 208 رپيا ٿي وئي جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 65 هزار 638 رپين کان وڌي 3 لک 68 هزار 704 رپيا ٿي وئي آل سنڌ صرافہ جيولرز ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو ته في تولو چاندي جي قيمت 117 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 7 هزار 161 رپيا ۽ 10 گرام چاندي جي قيمت 100 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 6 هزار 139 رپيا ٿي وئي

**بقايا 31 روزاني عبرت**

اهم اجلاس ۾ عوامي سفري سهولتن ۾ وڌيڪ توسيع جو فيصلو ڪيو ويو آهي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ پيپلز بس سروس جي توسيع، ڊبل ڊيڪر بسن، اي وي ٽيڪسي سروس، پنڪ اسڪوٽيز ۽ بي آر ٽي منصوبن ۾ اڳڀرائي جي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن سي اي او ٽرانس ڪراچي زبير چنا ايم ڊي ايس ايم ٽي اي عامر بهزاد ميمڻ ۽ ٻين اختيارين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ کي صوبي ۾ پيپلز بس سروس جي جاري آپريشن ۽ مختلف شهرن ۾ سروس جي توسيع بابت بريفنگ ڏني وئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته قمبر شهدادڪوٽ کان لاڙڪاڻي روٽ تي پيپلز بس سروس جلد شروع ڪيو پيو وڃي ۽ بسون لاڙڪاڻي پهچي چڪيون آهن جڏهن ته ڊبل ڊيڪر بسن جي آمد ۽ آپريشنل معاملن کي حتمي شڪل ڏني پئي وڃي اجلاس ۾ اي وي ٽيڪسي سروس جي آپريشنل ماڊل ۽ سروس شروع ڪرڻ لاءِ ڪيل قدمن تي به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي اجلاس ۾ شرجيل انعام ميمڻ هدايت ڪئي ته نون روٽس تي بس سروس شروع ڪرڻ لاءِ انتظام وقت سر مڪمل ڪيا وڃن هن چيو ته پيپلز بس سروس جو دائرو وڌائڻ جو مقصد عوام کي بهتر ٽرانسپورٽ فراهم ڪرڻ آهي جڏهن ته ميرپورخاص ۾ جلد پنڪ اسڪوٽيز ورهائڻ وڃي رهيا آهيون هن چيو ته عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ ضروري سرگرمين تائين سفائي پهچ لاءِ پنڪ اسڪوٽيز پروگرام هڪ انقلابي قدم آهي بي آر ٽي رٿائن تي ڪم جي رفتار کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي غير ضروري دير کان بچڻ لاءِ لاڳاپيل ادارا گڏجي سهڪار سان ڪم ڪن شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت صوبي ۾ جديد، محفوظ ۽ ماحول دوست پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نظام جي لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي پيپلز بس سروس جي مختلف شهرن تائين توسيع، اليڪٽرڪ ٽرانسپورٽ کي هٿي ڏيڻ ۽ بي آر ٽي منصوبا سنڌ حڪومت جي جامع ٽرانسپورٽ پاليسي جو حصو آهن

**بقايا 32 روزاني عبرت**

ڪندڙ نوجوانن ۽ آمريڪي ايڪسچينج پروگرامز جي الومنائي سان ملاقاتون ڪيون هن دوري جو مقصد پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ واپاري لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ، آمريڪي جدت ۽ نئين ٽيڪنالاجي کي اجاگر ڪرڻ ۽ آمريڪا جي آزادي جي ٢٥٠هين سالگرهہ جوش سان ملهائڻ هو واپار ۽ سيڙپڪاري قونصل جنرل گڊمن حيدرآباد چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري ۽ سنڌ آبادگار بورڊ جي نمائندن سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران حيدرآباد جي زرعي ۽ صنعتي شعبن ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي مکيه شعبن ۾ خوراڪ جي تياري، ٽيڪسٽائيل گاڏين جا پرزا، ڪوئلي، سنگ مرمر ۽ جپسم سميت معدني وسيلا شامل هئا. حيدرآباد ۾ آمريڪي ڪمپنين سيمنز ۽ ايلانڪو جي ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي جانورن جي خوراڪ تيار ڪندڙ ڪارخانن جي نمائندن سان ڳالهيون قونصل جنرل گڊمن آمريڪا مان سويابين درآمد ڪرڻ لاءِ فيوميگيشن جي طريقيڪار جون شرطون آسان بڻائڻ بابت نئين پاڪستان-آمريڪا معاهدي جي آجيان ڪئي هن چيو ته سويابين جي درآمد جو نظام بهتر ڪرڻ سان پاڪستان جي جانورن جي خوراڪ تيار ڪرڻ واري صنعت جي مدد ملندي، جيڪا ملڪ جي معيشت لاءِ اهم آهي، اهو قدم پاڪستان ۽ آمريڪا ٻنهي جي بهترين مفاد ۾ آهي جدت ۽ تعليمي مٽاسٽا نيشنل انڪيوبيشن سينٽر جي دوري دوران قونصل جنرل گڊمن سنڌ ٽيڪنالاجي جي ماهرن سان آمريڪي مصنوعي ذهانت ۽ زرعي ٽيڪنالاجي جي اهميت تي ڳالهه ٻولهه ڪئي هن پاڪستان-آمريڪا ايلومنائي نيٽ ورڪ جي جامشورو چيپٽر جي ميمبرن سان پڻ ملاقات ڪئي، جيڪي ٽيڪنالاجي زراعت، پاڻي جي وسيلن، قابل تجديد توانائي ۽ تعليم جي شعبن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن

**بقايا 33 روزاني عبرت**

ووٽ نه ڏيڻ ۽ بائيڪاٽ ڪرڻ سان ايم ڪيو ايم پاڪستان ۽ پي ٽي آءِ جو سنڌ دشمن چهرو واڪو ٿي چڪو آهي ۽ ٻنهي جماعتن جي ميمبرن جو قرارداد جي ووٽنگ ۾ حصو نہ وٺڻ جو عمل ايم ڪيو ايم پاڪستان ۽ پي ٽي آءِ جو ٻٽو معيار آهي جنهن سان ثابت ٿي ويو آهي ته ٻئي جماعتون سنڌ جي ورهاڱي جي سازش ۾ برابر جون شريڪ آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن جمعي ڏينهن پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ڪيو آهي. هن چيو آهي ته سنڌ جي حقن جي تحفظ ۽ سنڌ جي ورهاڱي خلاف ايم ڪيو ايم پاڪستان ۽ پي ٽي آءِ جون دعوائون صرف بيان بازي تائين محدود آهن جڏهن ته سنڌ اسيمبلي فلور تي قرارداد ذريعي سنڌ جي ورهاڱي کي رد ڪيو ويو ته ٻنهي جماعتن بائيڪاٽ ڪري ووٽنگ جي عمل ۾ حصو نه ورتو سندن ان عمل کين عوام آڏو واڪو ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته جڏهن سنڌ اسيمبلي جيڪا سنڌ جي عوام جي حقن جي حقيقي محافظ آهي جنهن تاريخي قرارداد جي منظوري وقت حق ۾ ووٽ ڏيڻ لاءِ پي ٽي آءِ ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان جو هڪ به ميمبر ايوان ۾ موجود نه هو ۽ اها ئي سنڌ سان سندن وابستگي ۽ عزم جي اصل حقيقت آهي. نثار کهڙو چيو ته ڪي پي ڪي جي وڏي وزير پاران سنڌ ۾ اچي سنڌ جي تحفظ جون دعوائون ڪري سنڌ کي بيبڪڙ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جون ڳالهيون سندس سياسي منافقت جي انتها آهي. ماضي ۾ سندن ليڊر عمران خان به اهڙيون دعوائون ڪندو هيو ۽ عملي طور سنڌ جي عوام هو ڏسي ڇڏيو آهي ته پي ٽي آءِ هجي يا ايم ڪيو ايم پاڪستان هجي اهي سنڌ سان ڪڏهن به سچا نه ٿا ٿي سگهن. هن چيو ته ڪي پي ڪي جي وڏي وزير کي سنڌ اچڻ ۽ جلسو ڪرڻ کان نه روڪيو آهي هن کي جيڪو ڊرامو ڪرڻو آهي ڪري وٺن کين سنڌ مان ڪجهه نہ ملندو اهو خواب عمران خان جو پورو نه ٿيو ته هنن جو به نه ٿيندو. هن چيو ته سنڌ جي حقن جي تحفظ جو اصل جاءِ سنڌ اسيمبلي آهي جتي هر سياسي جماعت جو حقيقي موقف رڪارڊ تي اچي ٿو آئيني فورم تي فيصلي وقت ٻئي جماعتون ڀڄي وين ۽ هو صرف اسٽيج جي جلسن ۽ تقريرن ۾ پاڻ کي سنڌ جا محافظ سڏرائي رهيا آهن سنڌ ۾ اهو ٻٽو معيار نه هلندو. هن چيو ته پي ٽي آءِ ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان عين ان وقت ايوان کان غير حاضر رهي جڏهن سنڌ جي وحدت جي توثيق ڪئي پئي وئي. سندن غيرحاضري سندن تقريرن کان وڌيڪ بلند آواز سان سندن حقيقت بيان ڪري رهي آهي. نثار کهڙو جڏهن سنڌ جا ماڻهو هن ڌرتي تي ٻن ڪي ٻچڙي طرح سمجهن ٿا. توهان ان وقت سنڌ اسيمبلي کان غير حاضر رهي سگهو جڏهن سنڌ جي وحدت جو معاملو ايوان ۾ هجي ۽ پوءِ سنڌ جي گهٽين ۽ رستن تي اچي پاڻ کي سنڌ جو محافظ قرار ڏيو. سنڌ جا ماڻهو انهن ماڻهن جي دوکي ۾ ڪڏهن به نه ايندا جيڪي ان وقت غير حاضر هئا جڏهن سنڌ لاءِ گڏجي بيهڻ جو وقت هو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ان جي قيادت ۽ ان جا چونڊيل نمائندا سنڌ اسيمبلي ۾ متحد ٿي بيٺا ۽ سنڌ جي وحدت ۽ علائقائي سالميت جي توثيق ڪندڙ قرارداد منظور ڪئي.

**بقايا 34 روزاني عبرت**

ايجوڪيشن کاتي صوبي جي سمورن ضلعن ۾ گريڊ هڪ کان چار تائين نان ٽيچنگ اسٽاف جون نيون ڀرتيون ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي سنڌ جي اسڪول ايجوڪيشن کاتي طرفان جاري ڪيل حڪم نامي تحت نان ٽيچنگ اسٽاف جي ڀرتين جا سمورا اختيار ڊويزنل ڊائريڪٽرن کي سونپيا ويا آهن حڪم نامي موجب گريڊ هڪ کان چار تائين سمورين ڀرتين مجاز مقرري ڪميٽي ذريعي لاڳو پاليسي قاعدن ۽ ضابطن ۽ مقرر ڪيل طريقيڪار تحت ڪيون وينديون اسڪول ايجوڪيشن کاتي واضح ڪيو آهي ته رڳو اهي خالي آساميون ڀريون وينديون جيڪي لاڳاپيل بجيٽ بڪ ۾ شامل هونديون جڏهن ته ڀرتي جي عمل دوران اميدوارن جي مقرر ڪيل اهليت کي به يقيني بڻايو ويندو حڪم نامي مطابق ڊويزنل ڊائريڪٽر ڀرتين جي عمل جي نگراني ڪندا ۽ مقرر ڪيل قاعدن ۽ ضابطن تحت مقررين کي يقيني بڻائيندا. تعليم کاتي جي هن قدم جو مقصد سنڌ جي سرڪاري اسڪولن ۾ نان ٽيچنگ اسٽاف جي کوٽ کي پورو ڪرڻ ۽ تعليمي ادارن جي انتظامي معاملن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ آهي

**بقايا 35 روزاني عبرت**

موومينٽ پاڪستان جي سينيئر اڳواڻ حيدر عباس رضوي چيو آهي ته اسيمبلين ۾ اشتعال انگيز تقريرون ڪندڙ به وقت اچڻ تي نون صوبن جي قيام تي خوشيءَ سان راضي ٿي ويندا، نون انتظامي يونٽن جو قيام ڪنهن به صوبي جي وحدت خلاف ناهي خاص ڳالهه ٻولهه ڪندي حيدر عباس رضوي چيو ته ڪجهه ماڻهو پنهنجن مفادن ۽ سياسي اهميت وڌائڻ لاءِ سرڳ سارڳ جون ڳالهيون ڪندا آهن تنهن هوندي به انتظامي يونٽن جي قيام جي ضرورت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي هن دعويٰ ڪئي ته پاڪستان پيپلز پارٽي، مسلم ليگ (ن) ۽ تحريڪ انصاف سميت سمورين وڏين سياسي جماعتون انتظامي يونٽن جي حمايت ڪنديون ۽ اسيمبلين ۾ سخت بيان ڏيندڙ به نون صوبن جي قيام تي راضي ٿي ويندا. ايم ڪيو ايم اڳواڻ چيو ته نون انتظامي يونٽن جي مطالبي جون ذميوار خود صوبائي حڪومتون آهن صوبن ڪرڻ جي اختيار حاصل ڪيا، اهي هيٺين سطح تائين منتقل نه ڪيا ويا. صوبائي حڪومتن اختيار عوام تائين پهچائڻ بدران پاڻ وٽ مرڪوز رکيا ۽ مڪاني ادارن کي مضبوط ڪرڻ جون دعوائون ڪندڙن ئي مڪاني حڪومتن جا اختيار کسيا. حيدر عباس رضوي چيو ته سنڌ کي قومي مالياتي ڪميشن تحت 32 کرب رپيا مليا، ان باوجود صوبي ۾ ترقي جي صورتحال سڀني جي سامهون آهي ڪراچي جي تباهي ۽ زبون حالي جو ذميوار ڪير آهي، ان جو تعين ڪرڻو پوندو

**بقايا 36 روزاني عبرت**

ڊوليپمينٽ ڪمپني لميٽڊ (او جي ڊي سي ايل) جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس جمعي 04 سيپٽمبر 2026 تي منعقد ٿيل اجلاس ۾ 30 جون 2026 تي ختم ٿيندڙ مالي سال جي مالي نتيجن جو اعلان ڪيو تفصيلن موجب او جي ڊي سي 449.191 ارب رپين جي خالص وڪري ۽ 242.374 ارب رپين جو تاريخ ۾ بلند ترين بعد از ٽيڪس منافعو حاصل ڪيو جيڪو گذريل سال جي ڀيٽ ۾ 43 سيڪڙو وڌيڪ آهي في حصص آمدني وڌي 56.35 رپيا ٿي وئي، جڏهن ته گذريل سال اها 39.50 رپيا هئي بورڊ 6 رپيا في حصص (60 سيڪڙو) حتمي نقد منافعي جي منظوري ڏني جيڪو ڪمپني جي تاريخ ۾ هينئر تائين جو بلند ترين سه ماهي منافعو آهي اهو پهرين ئي ادا ڪيل 11 رپيا في حصص عبوري منافعي کان علاوه آهي جنهن ڪانپوءِ مالي سال لاءِ مجموعي منافعو 17 رپيا في حصص (170 سيڪڙو) ٿي ويو جيڪو ڪمپني جي تاريخ ۾ هينئر تائين جو بلند ترين ساليانو منافعو آهي مالي سال دوران او جي ڊي سي ڪارپوريٽ ٽيڪس منافي رائلٽي ۽ ٻين سرڪاري محصولن جي مد ۾ قومي خزاني ۾ 187 ارب رپيا جمع ڪرايا. ڪمپني جي تيل ۽ گئس پيداوار جي نتيجي ۾ درآمدات جي متبادل ذريعي 3.31 ارب آمريڪي ڊالرن جي پرڏيهي مٽاسٽا جي بچت ٿي وصولين ۾ بهتري سبب مجموعي وصولي جي شرح 107 سيڪڙو رهي ۽ سال دوران 577 ارب رپيا وصول ڪيا ويا. مالي سال دوران ڪمپني جي حصص جي قيمت ۾ 52 سيڪڙو واڌ ٿي جيڪا KSE-100 انڊيڪس ۾ ٿيندڙ 44 سيڪڙو واڌ کان بهتر ڪارڪردگي آهي 30 جون 2026 تائين او جي ڊي سي جي مارڪيٽ ڪيپيٽلائيزيشن تقريبن 1.44 کرب (ٽريلين) رپين تائين پهچي وئي جنهن سان پاڪستان جي سڀ کان وڏي لسٽڊ ڪمپني جي حيثيت وڌيڪ مستحڪم ٿي او جي ڊي سي سال دوران ايڪسپلوريشن ۽ ڊرلنگ جي شعبي ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون ڪمپني تيل ۽ گئس جا 9 نوان ذخيرا دريافت ڪيا، جن مان 120 ملين بيرل مساوي تيل جي 2P ذخيرن جو اضافو ٿيو ۽ 236 سيڪڙو ريزرو ريپليسمينٽ ريشو حاصل ڪيو ويو جيڪو ڪمپني جي تاريخ ۾ بلند ترين سطح آهي ڪمپني 23 کوهن جي کوٽائي شروع ڪئي ۽ 58,333 ميٽر ڊرلنگ مڪمل ڪئي جيڪا گذريل ڏهن سالن ۾ بلند ترين سطح آهي ان کان علاوه ڪمپني وڌيڪ 15 ايڪسپلوريشن بلاڪس ۾ لائسنس حاصل ڪيا سال دوران سراسري روزاني خالص قابل وڪرو پيداوار 32,861 بيرل خام تيل 667 ملين ڪيوبڪ فوٽ گئس ۽ 670 ٽن ايل پي جي رهي جيڪا ساليانو بنياد تي بالترتيب 6.3 سيڪڙو 2.3 سيڪڙو ۽ 4.4 سيڪڙو واڌ جي نمائندگي ڪري ٿي باوجود ان جي جو پيداوار ۾ مسلسل ڪٽوتين جو منهن ڏسڻو پيو خطي ۾ توانائي جي سلامتي جي صورتحال جي تناظر ۾ او جي ڊي سي ملڪ ۾ توانائي جي طلب ۽ رسد جي فرق کي گهٽائڻ ۾ مدد لاءِ پيداوار ۾ ڪاميابيءَ سان واڌ ڪئي اپريل 2026ع ۾ ڪمپني جي مجموعي خام تيل جي پيداوار پهرين ڀيرو 40 هزار بيرل روزاني کان وڌي وئي جيڪا 27 سالن ڪانپوءِ حاصل ٿيندڙ اهم ڪاميابي آهي هڪ اهم آپريشنل سنگ ميل اپريل 2026ع ۾ بارگزي ايڪس-1 کوهه کي پيداوار ۾ شامل ڪرڻ هو اهو کوهه هن وقت تقريبن 5,968 بيرل تيل 17 ملين ڪيوبڪ فوٽ گئس ۽ 60 ٽن ايل پي جي روزاني پيدا ڪري رهيو آهي ان جي پيداوار ڏيندڙ پنجن ٿهن جي مجموعي ممڪنہ پيداوار جو تخمينو 15,000 بيرل تيل ۽ 45 ملين ڪيوبڪ فوٽ گئس روزاني لڳايو ويو آهي ڪمپني جهل مگسي ڊوليپمينٽ رٿا ۾ مڪمل طور فعال ٿي جڏهن ته سال دوران ڊکني فرنٽ اينڊ ڪمپريشن رٿا ۾ مڪمل ڪئي وئي ۽ او جي ڊي سي ڪنڙ-پاساڪي ۾ راجيان جي هيوي آئل فيلڊ جي بحالي ۽ پختو ڪرڻ تائين جي جائزي ذريعي پنهنجي طويل مدتي ترقي ۽ ڪاروباري تنوع جي حڪمت عمليءَ تي اڳڀرائي جاري رکي

**بقايا 37 روزاني عبرت**

تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي مقامي اڳواڻن عهديدارن ۽ ڪارڪنن پاران سندس شاندار استقبال ڪيو ويو وزيراعليٰ جي آمد تي پي ٽي آءِ ڪارڪنن پاران زوردار نعريبازي ڪئي وئي ۽ پارٽي قيادت جي حق ۾ نعرا هنيا ويا. ان موقعي تي ڪارڪنن ۾ جوش ۽ جذبو نظر آيو جڏهن ته مقامي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جو وڏو انگ موجود هو

**بقايا 38 روزاني عبرت**

رهائشي پلاٽن جي تعمير واري معاملي جي ٻڌڻي ٿي عدالت اين جي او جي وڪيل تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ايندڙ ٻڌڻي تائين آڊٽ رپورٽ طلب ڪري ورتي درخواستگذار اين جي او پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف داخل ڪيل اپيل جي ٻڌڻي دوران وڪيل بشير شاهه موقف اختيار ڪيو ته اداري کي 1982ع ۾ فلاحي مقصدن لاءِ الاٽ ڪئي وئي هئي جسٽس حسن اظهر رضوي پڇائو ڪيو ته اهڙيون ڪهڙيون خدمتون سرانجام ڏنيون ويون هيون، جن جي بدلي اين جي او کي 2 هزار گز جو پلاٽ ڏنو ويو؟ سنڌ جي ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل فيضان ميمڻ عدالت کي ٻڌايو ته ان وقت جي زڪوات ڪميٽي جي چيئرمين پنهنجي تنظيم کي زمين الاٽ ڪئي هئي

**بقايا 39 روزاني عبرت**

منشيات روڪٿام واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران جوڊيشل مئجسٽريٽ اير جوابدار عورت کي ثبوت نه ملڻ سبب بري ڪري ڇڏيو عدالت ۾ پراسيڪيوشن جوابدار عورت خلاف منشيات استعمال ڪرڻ جو الزام ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام رهي جوابدار جي وڪيل فواد علي ڪچي موقف اختيار ڪيو ته ڪيميائي تجزيي ۽ رت جي ٽيسٽ ۾ ڪٿي به ”آئس“ منشيات جي موجودگي ثابت نه ٿي آهي دفاعي وڪيل موجب پوليس پاران جوابدار عورت کان حاصل ڪيل نمونن ۾ مبينا طور رد و بدل ڪئي وئي جڏهن ته ڪيس جي جاچ آفيسر رت جي ٽيسٽ واري رپورٽ پڻ لڪائي هئي. عدالت شاهد ڪافي نه هجڻ تي جوابدار عورت کي منشيات روڪٿام واري ڪيس مان بري ڪري ڇڏيو پوليس موجب ڪار ساز حادثو آگسٽ 2024ع ۾ پيش آيو هو جنهن دوران تيز رفتار گاڏي جي ٽڪر سبب موٽرسائيڪل سوار پيءُ ۽ ڌيءُ فوت ٿي ويا هئا. واضح رهي ته جوابدار عورت ڪار ساز حادثي جي بنيادي ڪيس مان پڻ اڳ ئي بري ٿي چڪي آهي. اڄ جي عدالتي فيصلي ڪانپوءِ سندس خلاف منشيات روڪٿام وارو ڪيس پڻ ختم ٿي ويو آهي

**بقايا 40 روزاني عبرت**

13 ڏينهن جي جدوجهد بعد ريلوي منسٽر محمد حنيف عباسي ايم ايل ٿري سنڌ جي 6 مهينن کان بند پيل ٽرين موهن جو دڙو 15سيپٽمبر کان هلائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو اهڙي فيصلي سبب سنڌ واسين ۾ خوشي جي لهر پکڙجي وئي سيداسرجهار فورم ٽرين بحالي تحريڪ ايم ايل ٿري سنڌ جي سرواڻ مشهور ميمڻ رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته جدوجهد جو ساٿ ڏيندڙن سميت سموري سنڌ کي مبارڪون ڏيون ٿا. ٽرينن جي مڪمل بحالي ۽ ڪشمور کان ڪوٽڙي تائين ٽريڪ اپگريڊ نه ٿيڻ تائين جدوجهد جاري رهندي هن چيو ته ايم ايل ٿري سنڌ لاڙڪاڻي دادو سيڪشن تي ڇهن مهينن کان بند ڪيل ٽرينون موهن جو دڙو ٻولان ميل ۽ خوشحال خٽڪ شاهنواز ٽرين شهباز ٽرين ذوالفقار ٽرين دادو پسينجر سميت سنڌ حڪومت پاران ڪراچي کان جيڪب آباد ۽ ڪراچي کان روهڙي تائين اعلانيل نيون ٽرينون بنا دير بحال ڪيون وڃن

**بقايا 41 روزاني عبرت**

چڱيو شهرين انجنيئر شاهد حسين ڪاڇي سائين شفيع ملاح، رفيق احمد ملاح رشيد احمد ريپام ژنئوار مهدي صالح ڪاڇي رفيق احمد سومرو، عليشير خاصخيلي منير بين ميمڻ پنجام کان مٿي نوجوانن شرڪت ڪري ميمبرشپ فارم ڀرائي بنياد رکي ڇڏيو ۽ چيو ته هي شاندار پليٽ فارم آهي جنهن ذريعي بنيادي مسئلا حل ڪرائي سگهجن ٿا صحت تعليم ترقياتي ڪم آهن مانجهند لنڪ روڊ اسٽاپ جي آر بي او ڊي جي سوري تنل آهي جنهن کي پنج سالن کان به مٿي عرصو ٿي ويو آهي ڪنهن وقت به وڏو حادثو ٿي سگهي ٿو پر چونڊيل نمائندن کي ڪا به دلچسپي نه آهي تنل سوري جي تعمير ڪرائين ٿا شهريز ۽ آس پاس جي نوجوانن کي گڏجي بنيادي مسئلا حل ڪرائڻا پوندا. مانجهند شهر ان جا ڳوٺ ترقي کان محروم آهن سڀئي باشعور ماڻهو گڏجي هن پليٽ فارم تان پنهنجا بنيادي مسئلا حل ڪرايون

**بقايا 42 روزاني عبرت**

ڪوٽڙي سائيٽ جي خوفناڪ نالي سان جاتل پوٽ بنگلي وٽ ڳجهي اطلاع تي هڪ ڪار تي ڇاپو هنيو جنهن دوران هڪ جوابدار اوندهه جو فائدو وٺندي فرار ٿي ويو پوليس ڪار مان لکين رپين جي ماليت جي پابندي مڙهيل انڊين سوپاريون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي. جڏهن ته ڪار کي پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

**بقايا 43 روزاني عبرت**

ڪيدرو انتظار ڪرڻ گهرجي. جيڪو نه عرب ۽ نه ئي ايراني خودمختياري جو احترام ڪري ٿو“ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ عباس عراقچي چيو ته ايران تي آمريڪا جي شروعاتي حملن دوران عرب ملڪن جي هوائي، زميني ۽ سامونڊي حدن جو استعمال ڪيو ويو هو جڏهن ته هن اردني پرڏيهي وزير تي اڳاڻائي جو الزام پڻ لڳايو. واضح رهي ته گذريل ڏينهن هڪ سرڪاري بيان ۾ اردن جي پرڏيهي وزارت ڪويت تي ايران جي حملن کي وحشيانو قرار ڏيندي چيو هو ته اهي حملا قومي خودمختياري جي کليل خلاف ورزي، سلامتي، استحڪام ۽ علائقائي سالميت لاءِ خطرو ۽ بين الاقوامي قانون ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي کليل ڀڃڪڙي آهن ٻئي پاسي قطر جي پرڏيهي وزارت ڪويت سان ايڪي جو اظهار ڪندي هڪ بيان ۾ چيو هو ته اهي حملا ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ ڪوششن کي پيچيده بڻائين ٿا ۽ خطي ۾ سلامتي ۽ استحڪام کي يقيني بڻائڻ لاءِ جاري سفارتي ڪوششن کي نقصان پهچائي سگهن ٿا.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سنڌ اسيمبلي پاران سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف ٺهراءُ منظور
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
اسان ڪيستائين والٽيئر جو انتظار ڪنداسين؟
صفحو 4

ايران ۽ آمريڪا جي معاشي جنگ جو مستقبل
ڊاڪٽر رشيد احمد
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن ..... 05 سيپٽمبر
صفحو 4

# مليرجي يونين ڪائونسل شاهه مريد ۾ سرڪاري زمين تي قائم ناجائز قبضن خلاف آپريشن

آپريشن دوران سرڪاري زمين تي قائم غيرقانوني تجاوزات ۽ رڪاوٽون هٽائي، قبضا خالي ڪرايا ويا

سرڪاري زمين تي ناجائز قبضن ۽ غيرقانوني تجاوزات کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو: طارق عزيز

گڏاپ ٽائون جي حدن اندرسرڪاري زمين ۽ عوامي هنڌن تي غيرقانوني قبضن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي پئي وڃي: ملڪ مجتبيٰ اياز

ڪراچي گڏاپ ٽائون چيئرمين طارق عزيز بلوچ جي حڪمن تي ناجائز قبضن خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر ملير سميع الله شيخ جي حڪمن ۽ ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز جي خاص هدايتن تي يونين ڪائونسل شاهه مريد جي علائقي ۾ سرڪاري زمين تي قائم ناجائز قبضن ۽ غيرقانوني تجاوزات خلاف ڀرپور آپريشن ڪيو ويو آپريشن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر شاهه مريد وحيد ڪلهوڙو، ڊپٽي ڊائريڪٽر انڪروچمينٽ گڏاپ ٽائون رياض حميد بلوچ، اسٽيٽ ڊائريڪٽر زوهيب حسن ۽ گڏاپ ٽائون پوليس جي اهلڪارن پڻ حصو ورتو. آپريشن دوران سرڪاري زمين تي قائم غيرقانوني تجاوزات ۽ رڪاوٽون هٽايون ويون جڏهن ته مختلف هنڌن تان ناجائز قبضا پڻ خالي ڪرايا ويا.ان موقعي تي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ پنهنجي پيغام ۾ چيو ته سرڪاري زمين تي ناجائز قبضن ۽ غيرقانوني تجاوزات کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو عوامي مفاد ۽ سرڪاري ملڪيتن جي تحفظ لاءِ تجاوزات خلاف ڪارروايون بنا ڪنهن فرق جي جاري رکيون وينديون ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز چيو ته گڏاپ ٽائون جي حدن اندرسرڪاري زمين ۽ عوامي هنڌن تي غيرقانوني قبضن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي پئي وڃي تجاوزات جي خاتمي سان گڏ اهو پڻ يقيني بڻايو پيو وڃي ته بيهر غيرقانوني قبضا يا رڪاوٽون قائم نه ٿين هن وڌيڪ چيو ته گڏاپ ٽائون جي بين علائقن ۾ به سرڪاري زمين، روڊن ۽ عوامي گذرگاهن تي قائم تجاوزات خلاف ڪارروائين جو سلسلو آئندي به بنا ڪنهن فرق جي جاري رکيو ويندو

# حيدرآباد مان 15 ڏينهن اڳ پراسرار نموني گم ٿيل نينگري بازياب نه ٿي، وارثن جو احتجاج

گهر ۾ پورهيو ڪندڙ شهدادپور واسڻ نينگري کي پوليس بازياب نه ڪرايو، گهر مالڪياڻي کان جاچ نه ٿي

نياڻي 15 ورهين راحيلا حيدرآباد جي ڪوڪر محلي ۾ رهندڙ فرح عرف گڏي باجي جي گهر ۾ پورهيو ڪندي هئي: وارث

خبر پئي ته نينگري جو گهر مالڪياڻي جي موبائل فون تان واٽس اپ ذريعي ڪنهن ڇوڪري سان رابطو ڪرايو ويو 24 آگسٽ تي گم ٿي

حيدرآباد 15 ڏينهن اڳ پراسرار نموني گم ٿيل نينگري جي بازيابي لاءِ وارث احتجاجي مظاهرو ڪندي

حيدرآباد (رپورٽ: اعجاز لغاري) حيدرآباد مان 15 ڏينهن اڳ پراسرار نموني گم ٿيل گهر ۾ پورهيو ڪندڙ شهدادپور واسڻ نينگري کي پوليس بازياب نه ڪرايو گهر مالڪياڻي کان جاچ نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاجي مظاهرو انصاف جي گهر. حيدرآباد جي ڪوڪر محلي ۾ گهر اندر پورهيو ڪندڙ 15ورهين جي نينگري راحيلا جو پتو پئجي نه سگهيو آهي پوليس ڪيس داخل ڪرڻ باوجود گهر جي مالڪياڻي کان جاچ نه ڪئي آهي اڻ سلسلي ۾ نينگري راحيلا جي پيءُ حسين بخش خاصخيلي ڪالهه گهرڀاتين سوڌو حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي نينگري جي پيءُ حسين بخش خاصخيلي چيو ته سندس نياڻي 15 ورهين راحيلا حيدرآباد جي ڪوڪر محلي ۾ رهندڙ فرح عرف گڏي باجي جي گهر ۾ پورهيو ڪندي هئي جيڪا 24 آگسٽ 2026 کان پراسرار گم ٿي وئي جنهن جي خبر پوڻ تي سٽي ٿاڻي حيدرآباد ۾ ڪيس داخل ڪرايو جنهن تي خبر پئي ته نينگري جو گهر مالڪياڻي جي موبائل فون تان واٽس اپ ذريعي ڪنهن ڇوڪري سان رابطو ڪرايو ويو جنهن کان پوءِ نينگري جو ڪو به پتو ناهي. هن الزام هڻندي چيو ته منهنجي ڌيءُ جي اغوا ۾ گهر مالڪياڻي فرح عرف گڏي زال طفيل ملوث آهي جنهن کان سٽي ٿاڻي جي پوليس ڪا به جاچ ڪرڻ بدران اسان کي 13ڏينهن کان ڪوڙا دلاسا ڏئي رواتو ڪري چڏي ٿي هن آءِ جي سنڌ پوليس،ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد سوڌو وس وارن کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي منهنجي معصوم نياڻي کي بازياب ڪرائي جوابدار گرفتار ڪيا وڃن

# منهنجي اولاد کي سرڪاري نوڪري ڏئي بيروزگاري کان بچايو وڃي: عبدالرزاق ميمڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)دادو ضلعي جي پيارو ڳوٺ اسٽيشن جي رهواسي جهوني جيالي عبدالرزاق ميمڻ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڏانهيو آهي ته پاڪ ڪتاب کڻي وڃڻ باوجود ملاقات نه ڪئي هن چيو ته مان پ پ جو پراڻو جيالو آهيان پيپلزپارٽي کي حياتي اربي ڇڏي کي اين شاهه ۾ آمر ضياءَ جي دور ۾ فائرنگ دوران زخمي ٿيس هڪ جيالو شهيد ٿي ويو هر ڏکي وقت ۾ پ پ جو ساٿ ڏنو پر قربانين باوجود اسان جي اولاد سرڪاري نوڪرين ۽ مراعتن کان اڻون محروم آهيان هن صدر پاڪستان آصف علي زرداري،پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي اپيل ڪئي ته اسان جي واهر ڪئي وڃي ۽ منهنجي اولاد کي سرڪاري نوڪري ڏئي بيروزگاري کان بچايو وڃي

# اليڪشن چيئرمين اشتياق احمد ڏاهراڄ اڳوٺي مرڪزي عهديدارن جي ونگار رهي آهي: محمد عيسيٰ ڪورائي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آل سنڌ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ لوئر اسٽاف ايسوسيئيشن جي مرڪزي چونڊن ۾ حصو وٺندڙ مرڪزي صدر جي اميدوار محمد عيسيٰ ڪورائي حاجي محمد طيب سومرو نور احمد جمالي ۽ ٻين ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته اليڪشن چيئرمين اشتياق احمد ڏاهراڄ اڳوٺي مرڪزي عهديدارن جي ونگار رهندي سنڌ جي 19ضلعن مان 9ضلعن ۾ چونڊن کان اڳ مرڪزي چونڊ لاءِ 19سيپٽمبر2026جو ڏاڙو مرادو اعلان ڪري ڇڏيو آهي جيڪو غيرآئيني ۽ غيرقانوني آهي هنن چيو ته مرڪزي چونڊن جي اعلان باوجود اليڪشنر ۾ حصو وٺندڙ پينل کي ميمبرن جي لسٽ توڙي ڪامياب ضلعي اميدوارن جا نوٽيفڪيشن ئي جاري ناهن ڪيا هنن اليڪشن چيئرمين کان مطالبو ڪيو ته سنڌ جي رهيل ضلعن ۾ چونڊ عمل مڪمل ڪيو وڃي ۽ چونڊون صاف شفاف بنيادن تي ڪرايون وڃن ني صورت ۾ عدالت جو در کڙڪايو ويندو

# دعوت اسلامي جو مدني مرڪز فيضان مدينه سڪرنڊ ۾ هفتيوار اجتماع

سڪرنڊ (ن ع) دعوت اسلامي جو هفتيوار اجتماع مدني مرڪز فيضان مدينه سڪرنڊ ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي علامه نادر مدني بيان ڪندي چيو ته حضور سرور ڪائنات صه الله جا آخري نبي آهن جيڪو قرآن و حديث سان ثابت آهي ان ڪري ان ۾ شڪ جي ڪابه گنجائش ناهي هن چيو ته اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رحمت الله عليه لکن ٿا ته جيئن الله سائين تي ايمان آڻڻ ضروري آهي بلڪل ايئن محمد صه کي آخري نبي مڃڻ ضروري آهي جنهن ڦورو به اُن ۾ شڪ ڪيو ته اهو ايمان کان خارج آهي ان ڪري دنيا جي ڇڪرن وهمن ۽ افواهن کان پاڻ کي بچايو ۽ پنهنجي ايمان جي حفاظت ڪريو علامه نادر مدني هڪ حديث شريف جو حوالو ڏيندي فرمايو ته آقا ڪريم صه جن فرمايو آهي ته مان الله جو آخري نبي آهيان مون کانپوءِ نه ڪو نبي ايندو ۽ نه ئي ڪو رسول هن وڌيڪ چيو ته 7 سيپٽمبر تي هر سال جيئن هن سال به "تحفظ ختم نبوت" جو ڏهاڙو ڀرپور نموني ملهايو ويندو اجتماع جي آخر ۾ علامه شاهذيب مدني ذڪر ڪرايو ۽ ضلعي نگران حافظ مختيار علي ڪريمي اجتماعي دعا ڪرائي جنهن بعد اجتماع ۾ آيل سمورن اسلامي ڀائرن لاءِ لنگر جو اهتمام ڪيو ويو

# چوهڙجمالي ۾ جمعيت علماءِ اسلام طرفان سيرت النبي صه ڪانفرنس

صوبن جي حوالي سان جيڪو ماحول جوڙيو پيو وڃي ان جا نتيجا سٺا ڪونه نڪرندا: راشد سومرو

سنڌ ڌرتي جو هڪ هڪ ڪارڪن پنهنجي ڌرتي ماءُ جي حفاظت ۽ حقن لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي

چوهڙجمالي(ن ع) چوهڙجمالي ۾ جمعيت علماء اسلام چوهڙجمالي طرفان سيرت النبي صه ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ جمعيت علماء اسلام سنڌ جي صوبائي امير سائين مولانا عبدالقيوم هاليجوي، صوبائي سيڪريٽري جنرل علامه راشد خالد محمود سومرو حاجي عبدالمالڪ ٽالپر سليم سنڌي، مولانا محمد اسماعيل قاسمي، قاري ڪامران احمد، مولانا غلام حسين ميمڻ ۽ مولوي نجيب الله ميمڻ سميت ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي جمعيت علماء اسلام سنڌ جي صوبائي سيڪريٽري جنرل علامه راشد خالد محمود سومرو چيو ته هن وقت سنڌ ۾ صوبن جي حوالي سان جيڪو ماحول جوڙيو پيو وڃي ان جا نتيجا سٺا ڪونه نڪرندا هن وڌيڪ چيو ته جيستائين جمعيت علماء اسلام موجود آهي تيستائين سنڌ دشمن منصوبن کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو سنڌ ڌرتي جو هڪ هڪ ڪارڪن پنهنجي ڌرتي ماءُ جي حفاظت ۽ حقن لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي ڪانفرنس دوران ٻين مقررين پڻ حضور اڪرم حضرت محمد مصطفيٰ صه جي سيرت، سندن تعليمات ۽ موجوده دور ۾ مسلمانن لاءِ سيرت النبي صه جي اهميت تي تفصيلي خطاب ڪيو ۽ عوام کي نبي ڪريم صه جي ڏسيل واٽ

چوهڙ جمالي جي يو آءِ طرفان سيرت النبي صه ڪانفرنس کي راشد سومرو خطاب ڪندي

# ڏگهڙي ۾ تيز رفتار مسافر بس جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار نوجوان فوت

ڪوسٽر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان سخت زخمي ٿيڻ ڪانپوءِ فوت ٿي ويو

نوجوان جي فوت ٿيڻ جي خبر ملندي ئي ڏگهڙي شهر ۽ سندس اباڻي ڳوٺ سوڳ جي لهر

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پرسان ڳوٺ محمد علي قائمخاني جي رهواسي ناصر خان قائمخاني چانهه پتي واري جو نوجوان پٽ حمزا قائمخاني موٽر سائيڪل تي جمعي جي نماز پڙهڻ وڃي رهيو هو ته ڏگهڙي ٽنڊوجان محمد روڊ تي تيز رفتار مسافر بس جي ٽڪر جو شڪار ٿي ويو حادثي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي فوري طور تعلقه اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو ويو جتان ابتدائي طبي امداد ڪانپوءِ ڳنڀير حالت سبب حيدرآباد ريفر ڪيو ويو پر هوسٽي ۾ ئي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو نوجوان جي فوت ٿيڻ جي خبر ملندي ئي ڏگهڙي شهر ۽ سندس اباڻي ڳوٺ محمد علي قائمخاني ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي هر اک آلي ٿي وئي ٻئي طرف شهري حلقن جو چوڻ آهي ته ڏگهڙي، ميرپورخاص روٽ تي هلندڙ مسافر بسن جا اڪثر ڊرائيور شهر ۾ داخل ٿيندي ئي تيز رفتاري جو مظاهرو ڪن ٿا جنهن سبب اڪثر روڊ حادثا پيش اچن ٿا شهرين ۽ سماجي حلقن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته شهر ۾ داخل ٿيندڙ مسافر گاڏين جي رفتار کي ڪنٽرول ڪرڻ ٽريفڪ قانونن تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ ۽ غفلت ڪندڙ ڊرائيورن خلاف ڪارروائي لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن، ته جيئن قيمتي انساني جانين جو تحفظ ممڪن بڻائي سگهجي

# ٺٽي جي شهر اونگر جي رهواسي جو حيدرآباد ۾ احتجاج

نور محمد سومرو گهرڀاتين سان گڏ زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

زمين جا سمورا ڪاغذ ۽ پاس بڪ هجڻ باوجود روينيو ڪاتو ۽ پوليس قبضو ختم نٿي ڪرائي: نور محمد

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ٺٽي جي شهر اونگر جي رهواسي نور محمد سومرو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي گهرڀاتين سان گڏ زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو ته بااثر وڏيري جي قبضي مان زرعي زمين واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي هن چيو ته سال 1985۾ منهنجي پيءُ محمد موسيٰ سومرو ٽنڊو حافظ شاهه ٺٽي ۾ 2ايڪڙ زرعي زمين خريد ڪئي هئي جنهن تي بااثر وڏيري دين محمد دل 2011کان ناجائز قابض آهي ۽ زمين تي پنهنجي پاڻيهن محمد اقبال ۽ محمد جمن کي ويهاري ڇڏيو آهي هن چيو ته زمين جا سمورا ڪاغذ ۽ پاس بڪ مون وٽ محفوظ آهن پر ان باوجود روينيو ڪاتو ۽ پوليس قبضو ختم نٿي ڪرائي هن اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

# هائي ويز جي ورڪس ۽ سروس ڪاتي جي ملازمن جو مظاهرو

هائي ويز ورڪس ۽ سروس ڪاتي جا آفيسر معاهدي تي عمل نٿا ڪن: اڳواڻ

معاهدي تي عمل ڪرڻ بدران ملازمن جي مسئلن جي حل ڪان مسلسل ڪن لاتار ڪري رهيا آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) هائي ويز جي ورڪس ۽ سروس ڪاتي جي ملازمن سن ڪوٽا تحت نوڪريون نه ملڻ ۽ ڪروڙين روپين جي مشينري جي تباهي خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون سي بي اي يونين جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري غلام قادر انڙ، وطن دوست ليبر اسپلائيز فيڊريشن سنڌ جي صدر الطاف حسين ملڪاڻي محمد پريل پنهون جمال خان لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته هائي ويز ورڪس ۽ سروس ڪاتي جا آفيسر ملازمن سان ڪيل معاهدي تي عمل ڪرڻ بدران ملازمن جي مسئلن جي حل کان مسلسل ڪن لاتار ڪري رهيا آهن هنن چيو ته هائي ويز ۽ ورڪس ڪاتي جي آفيسرن ۽ ملازمن وچ ۾ 25 سيڪٽرو سن ڪوٽا تحت حاضر سروس،رٽائر ۽ فوتي ملازمن جي اولاد کي گريڊ هڪ کان 4تائين ڀرتي ڪيو ويندو جنهن تي عمل نٿو ڪيو وڃي جنهن سبب ملازمن ۾ سخت ڳڻتي ڇانيل آهي هنن چيو ته هائي ويز ۽ ورڪس سروس ڪاتي جي ورڪشاپن ۾ ڪروڙين روپين جي مشينري کي آفيسر هٿ وٺي خراب ڪري رهيا جڏهن ته مشينري ماڙ پورزا ڪڍي وڪرو ڪيا پيا وڃن هنن چيو ته مشينري جي سار سنڀال نه ڪرائڻ سبب مشينري ڀراڳ ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن کي بيروزگار ڪرڻ جو خدشو آهي هنن مطالبو ڪيو ته سن ڪوٽا تحت ملازمن جي اولاد کي نوڪريون ڏئي مشينري جي سرمت ڪرائي استعمال لائق بڻايو وڃي هنن چتاءُ ڏنو ته سندن مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته ڪراچي ۾ احتجاج ڪيو ويندو

# تاج پور جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڪوشان آهيون: نواب ممتاز لغاري

ايم پي اي مخدوم جميل الزمان ۽ ايم اين اي مخدوم رفيق الزمان سان ملاقات ڪندس

تاج پور ۾ بجلي جي ڊگهي لوڊ شيڊنگ سبب رهواسي تمام گهڻا پريشان آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ٽنڊو جام جي ڳوٺ تاج پور جي سياسي سماجي اڳواڻ نواب ممتاز علي خان لغاري ڪالهه حيدرآباد ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته تاج پور جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ جلد پ پ ايم پي اي مخدوم جميل الزمان ۽ ايم اين اي مخدوم رفيق الزمان سان ملاقات ڪندس هن چيو ته تاج پور ۾ بجلي جي ڊگهي لوڊ شيڊنگ سبب رهواسي تمام گهڻا پريشان آهن هن چيو ته تاج پور ۾ روڊ رستن ۽ صفائي جي تمام گهڻي ناقص حالت آهي جنهن سبب رهواسي مشڪلاتن جو شڪار آهن هن چيو ته مخدوم خاندان هميشه عوامي مسئلن جي حل تي تمام گهڻي توجه ڏني آهي

عثمان شاهه هڙي ياد فرياد جي نالي سان يادگار ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ جي تقريب جو ڏيک

# عثمان شاهه هڙي ويجهو "ياد فرياد" جي نالي سان يادگار ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ

ايس ڊي ايم تعلقه جهنڊومري شهزادو عمير جروار ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو افتتاح ڪيو

فائينل ۾ ونر ٽيم کي سي ڊي 70 موٽر سائيڪل ۽ رنر ٽيم کي 50 هزار روڪ انعام ملندو

عثمان شاهه هڙي(رپورٽ: اي جي عاقلاڻي) عثمان شاهه هڙي ويجهو ڳوٺ شاهنواز راجپوت ۾ "ياد فرياد" جي نالي سان يادگار ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ آرگنائيز ڪميٽي جي چيئرمين رانا فرمان راجپوت. اور اس ٽيم مين شامل رانا جعفرو راجپوت. رانا ممتاز راجپوت. راناخالد پرنس. وقاص. بابو ڀائي. مٺو ر ٺيڪيدار. رانا نديم . رانا سرفراز فوجي جي نگراني ۾ 16 ڪرڪيٽ ٽيمون حيصو وٺي رهيون آهن روزانو هڪ ميچ 10 آورن جو ٿيندو 15ڏينهن جو ٽورنامنٽ هوندو ان سلسلي ۾ ٽورنامنٽ جي افتتاحي تقريب ٿي جنهن ۾ مهمان خاص ايس ڊي ايم تعلقه جهنڊومري شهزادو عمير جروار، ڪلمتي برادري جو نالي وارو شخص مرغي فام آنر محمد رحيم بلوچ، غلام شبير ميرجت مختيارڪار شامل آن موقعي تي يادفرياد رانا فرمان ٻڌايو ته آئون معزز مهمانن جو شڪر گذار آهيان جن سندن ٽورنامنٽ ۾ اسان کي عزت ۽ مان ڏنو راناديگرن لاءِ ڪيش انعام ڏنو ۽ ٽورنامنٽ جي فائينل ۾ ونر ٽيم کي سي ڊي 70 موٽر سائيڪل ۽ رنر ٽيم کي 50 هزار روڪ کان علاوه بيسٽ بالر. بيسٽمين. کي پڻ انعام ڏنا ويندا ان موقعي راجپوت جي نوجوانن پاران آيل مهمانن کي لوڻگي جا تحفا ڏنا

# دادو جي ڳوٺ سونمياڻي جي ملاح برادري جو مظاهرو

عورت جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

منهنجي ڌيءُ جا اصل قاتل آزاد گهمي رهيا آهن، انصاف ڪيو وڃي: وارث

دادو(ب ر) دادو جي ڳوٺ سونمياڻي جي ملاح برادري جي عورت جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري قاتلن خلاف سخت نعريبازي ڪئي، ڪچهري روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪيو بعد ۾ دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي قتل ٿيل عورت نصرت ملاح جي وارثن پيءُ منظور ملاح، چاچو عارب ملاح، ڊاڪٽر ڪريم ميراڻي رکيل ملاح، محرم علي ملاح ۽ ٻين چيو ته دولتپور جي ڳوٺ صفن ملاح ۾ ڌيءُ نصرت ملاح جيڪا ڇهن ٻارڙن جي ماءُ هئي کي بيدرديءَ سان 30 ڏينهن اڳ قتل ڪري ان جو الزام سندس مڙس شمن ملاح پنهنجي مخالف ڌر تي هنيو آهي اسان مسلسل انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن چيو ته ڌيءُ جي قتل ۾ سندس مڙس شمن ملاح، نواب ملاح، هارون ملاح، اشرف ملاح، شير ملاح ۽ ٻيا شامل آهن هن چيو ته شمن ملاح ڌر جو پنهنجي ترم ۾ هڪ ڌر سان پراڻو خوني تڪرار هلندڙ آهي منهنجي ڌيءُ کي سندس ساهرن قرباني جي ٻڪري بڻائي ملي ڀڳت ڪري قتل ڪري الزام پنهنجي مخالفن مٿان هڻي انهن تي ڪيس داخل ڪرايو آهي هن چيو ته منهنجي ڌيءُ جا اصل قاتل آزاد گهمي رهيا آهن، مظاهرين وزير اعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي نوابشاهه ايس ايس پي نوابشاهه کان مطالبو ڪيو ته منهنجي ڌيءُ نصرت ملاح جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سنڌ پوليس ۾ بهترين ساک رکندڙ ڊي ايس پي سراج لاشاري يا ڊي ايس پي شاهنواز جوکيو کان نياڻي جي قتل جي جاچ ڪرائي وڃي، ڌيءُ جي خون سان انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ ملاح برادري پوري سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ شروع ڪندي

دادو نصرت ملاح جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

# جهنڊومري جي يوسي هنگوراڻي ۾ ڪتا مار مهم شروع

ٽيم پاران يوسي جي ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري شروع ڪري ڏنو آهي: پير ڪاشف شاهه

جن ڳوٺن ۾ رولو ڪتا آهن ته عوام جي تعاون سان ڪتا مار مهم شروع ڪئي وئي آهي

عثمان شاهه هڙي(ت ر) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري، ايڊيشنل ڊاريڪٽر لوڪل گورمنٽ ٽنڊوالهيار ۽ اي سي جهنڊومري جي هدايتن تي تعلقي جهنڊومري جي يوسي هنگوراڻي جي چيئرمين پير ڪاشف شاهه پاران يوسي سيڪريٽري محرم ڪالرو جي نگراني ۾ يوسي جي سمورن وارڊ جي ڳوٺن ۾ ڪتا مار مهم آغاز ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ جوڙيل ٽيمون ڳوٺ واڻيز ڪتا مار ڳوٺ لوڻگ ڏليوڪا، جانومڪسي، ابراهيم سميت مختلف ڳوٺ ۾ مهم جاري آهي هوڏانهن يوسي ٽنڊوسومرو ۾ وارڊ واڻيز ڳوٺن ۾ يوسي چيئرمين واحد بخش ميرجت پاران يوسي سيڪريٽري محرم ڪالرو ۽ سندس ٽيم پاران يوسي جي ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري شروع ڪري ڏنو آهي جنهن علائقي مڇرن جي روڪٿام تي ڪنٽرول ٿي سگهي ۽ انساني جانيون مليريا جي بيمارين کان بچي سگهن يوسي سيڪريٽرير پاران علائقي واسين کي چيو ته هو سندن ڳوٺن ۾ رولو ڪتا هجن ته اوهان جي تعاون سان ڪتا مار مهم شروع ڪريون

عثمان شاهه هڙي جهنڊومري جي يوسي هنگوراڻي ۾ رولو ڪتن جو ڏيک

# گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سيڪاٽ ۾ عيد ميلاد النبي صه جي تقريب

تقريب دوران حضور اڪرم صه جي سيرت مبارڪ، اخلاق ۽ تعليمات تي روشني وڌي وئي

پروگرام ۾ ڪوئز مقابلو پڻ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ٻن ٽيمن حصو ورتو انعام ورهايا

مٺياري (ڊ ر) گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سيڪاٽ ۾ عيد ميلاد النبي صه جي پُروقار تقريب سيڪاٽ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سيڪاٽ ۾ عيد ميلاد النبي صه جي سلسلي ۾ هڪ پُروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن استادن ۽ معزز مهمانن شرڪت ڪئي تقريب جا خاص مهمان گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سيڪاٽ جا سينيئر هيڊ ماسٽر سر شمس الدين قمبراڻي ۽ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول سيڪاٽ جا هيڊ ماسٽر سر پرويز احمد ميمڻ هئا. تقريب ۾ شاگردن پاران نعتون ۽ تقريرون پيش ڪيون ويون جڏهن ته حضور اڪرم صه جي سيرت مبارڪ، اخلاق ۽ تعليمات تي روشني وڌي وئي ان موقعي تي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سيڪاٽ جي نئين سيڪشن انچارج هيڊ ماسٽر شعيب علي ملاح کي اسڪول جي سموري اسٽاف پاران مبارڪباد پيش ڪئي وئي ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو پروگرام ۾ ڪوئز مقابلو پڻ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ٻن ٽيمن حصو ورتو مقابلي ڪانپوءِ ٻنهي ٽيمن جي شاگردن کي انعام ڏنا ويا ۽ سندن حوصلا افزائي ڪئي وئي تقريب ۾ اسڪول جي استادن سر الله بچايو ملاح، سر حماد حسين لاکو سر ياسر علي ميمڻ سر آصف علي ميمڻ ۽ سر زبير وسيم شاهه سميت ٻين استادن ۽ اسٽاف پڻ شرڪت ڪئي

# مورو ۾ ڪامريڊ آرزو سنڌي جي آزادي لاءِ بڪ هڙتال

جيئي سنڌ محاذ سٽي مورو طرفان احتجاجي بڪ هڙتال ڪئي وئي

ناري محاذ اڳواڻ ادي آرزو سنڌي کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي: مظاهرين

مورو (ن ع) جيئي سنڌ محاذ سٽي مورو طرفان ناري محاذ اڳواڻ ڪامريڊ آرزو سنڌي جي آزادي، سندس مٿان داخل ڪيل ڪوڙن ڪيسن خلاف ۽ ايس ايڇ او قاضي احمد جي برطرفيءَ لاءِ مورو پريس ڪلب آڏو اڳيان احتجاجي بڪ هڙتال ڪئي وئي احتجاجي بڪ هڙتال جي اڳواڻي جيئي سنڌ محاذ ڊويزن نوابشاهه ڊپ او ابرار سوراڻي، ضلعي نوشهرو فيروز اڳواڻ وقار ڪلهوڙو سٽي مورو اڳواڻ طاها سوراڻي عبدالرزاق، معارو خان ٻهڻ اسد ماڇي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. جيئي سنڌ محاذ جي بڪ هڙتال تي معين اڳواڻن ڪان علاوه ايس يو پي اڳواڻ چاڪر اسلم ڪوريجو جسقم آريسر جي ساجد ڪمار جسقم بشير خان جو نعيم پيرزادو جبار چانڊيو ايڊووڪيٽ گلزار عالماڻي سميت شهرين شرڪت ڪئي بڪ هڙتال تي ويٺل جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻ سميت قومپرست اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ناري محاذ اڳواڻ ادي آرزو سنڌي کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي سندس مٿان داخل ڪيل ڪوڙن ڪيسن جي شفاف جانچ ڪري ڪيس فوري طور تي ختم ڪيا وڃن ايس ايڇ او قاضي احمد بشير چانڊيو کي فوري طور تي قاضي احمد ٿاڻي تان هٽايو وڃي ڪيس کي برطرف ڪيو وڃي

# ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ جماعت اسلامي جي سڏ تي هڙتال

شيخ پرڪيس ٽنڊو غلام حيدر موبا، ستر موري سميت شهرن ۾ جزوي هڙتال رهي

ضلعي مان مختلف شهرن ڊانهن ويندڙ ٽريفڪ روڊن تي معمول کان گهٽ رهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ جماعت اسلامي جي ڏنل سڏ تي پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ رڪارڊ اضافي ۽ مهانگائي خلاف ٽنڊو محمد خان ضلعي جي سميت مختلف شهرن شيخ پرڪيس ٽنڊو غلام حيدر موبا، ستر موري سميت شهرن ۾ جزوي هڙتال رهي جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ صبح وقت ڪاروباري مرڪز مارڪيٽون پڻ بند رهيون ۽ مختلف شهرن ڊانهن ويندڙ ٽريفڪ روڊن تي معمول کان گهٽ رهي جڏهن ته پوليس طرفان شهر ۾ امن امان جي صورتحال ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ گشت پڻ جاري رکيو ويو ڪوبه شهر ۾ اڻ وڻندڙ واقعو پيش نه آيو

# ڊيپلو پوليس حراست ۾ قتل ٿيل مقتول رسول بخش دل جي ڪيس جي ٻڌڻي

ملي (ڊ-ر) 11 جولاءِ 2026 ع تي پي ايس ڊيپلو پوليس حراست ۾ قتل ٿيل مقتول رسول بخش دل جي ٻن جوابدارن سپاهي شبير احمد جوڻيجو ۽ ڊي ايس پي عبدالڪريم راهمون جي ضمانت ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ون ملي محمد فاضل بوهيو ڪالهه رد ڪري ڇڏي ۽ ٻئي جوابدار پوليس ڪورٽ مان ڀڄي ويا، جوابدار سپاهي پورو مل ميگهواڙ ڪجهي ضمانت ڪرائڻ ڪان پوءِ مفرور ٿي ويو آهي جڏهن ته سانگهڙ ايف آءِ آر ۾ ايس ايڇ او اصغر علي قائمخاني ۽ ٻه ٻيا سپاهي به رسول بخش دل جي قتل ڪرڻ ۽ شامل ۽ ڪجهه سهوليتڪار به رسول بخش دل کي قتل ڪرڻ ۾ ملوث هئڻ جا چٽا امڪان مقتول رسول بخش دل جي ڪيس جي پيروي بئريسٽر منور علي دل ڪري رهيو آهي

# مقصودورند ۾ بابو چن شاخ جي پڇڙي ۾ پاڻي جي اڻاٺ، غير قانوني واٽر ڪورس هلڻ لڳا

شاخ مان نڪرندڙ غير قانوني واٽر ڪورس ۽ پڇڙي ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف شاهپور چاڪر مقصودو رند روڊ بلاڪ

بابو چن شاخ ۾ گذريل ڇهن مهينن کان پاڻي جي کوٽ آهي جنهن سبب اسان جو فصل سڪي تباهه ٿي ويو: آبادگار

ايريگيشن عملي پاران منڊ جي زميندارن سان ملي ڀڳت ڪري آر ڊي 52 واٽر ڪورس بند ڪري ڊوري مان آر ڊي 56 واٽر ڪورس ڪڍيو ويو

مقصودورند مقصودورند ۾ بابو چن شاخ جي پڇڙي ۾ پاڻي جي اڻاٺ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

مقصودورند(ن ع) مقصودورند ۾ بابو چن شاخ جي پڇڙي جي آبادگارن محمد حسن لاکو اعجاز علي رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شاخ مان نڪرندڙ غير قانوني واٽر ڪورس ۽ پڇڙي ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف شاهپور چاڪر مقصودو رند روڊ بلاڪ ڪري بابو چن شاخ جي پڇڙي وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بابو چن شاخ ۾ گذريل ڇهن مهينن کان پاڻي جي کوٽ آهي جنهن سبب اسان جو فصل سڪي تباهه ٿي ويو چوپايو مال اڃ وگهي مري رهيو آهي ابتو ڊري ايريگيشن عملي پاران منڊ جي زميندارن سان ملي ڀڳت ڪري آر ڊي 52 واٽر ڪورس بند ڪري ڊوري مان آر ڊي 56 واٽر ڪورس ڪڍيو ويو آهي جيڪو آسان پڇڙي جي آبادگارن سان وڏي ناانصافي ۽ ظلم آهي اسان جي اپيل آهي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان سنڌ حڪومت ۽ ٻين اعلا اختيارين کي ته ايريگيشن عملي خلاف سخت ڪارروائي ڪري غير قانوني واٽر ڪورس بند ڪرائي بابو چن شاخ جي پڇڙي ۾ پاڻي پهچايو وڃي

# سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هٿياربند فوجن ۽ شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ يوم دفاع جي مناسبت سان ريلي

يوم دفاع جي مناسبت سان آرٽس فيڪلٽي بلڊنگ کان سينٽرل لائبريري تائين هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي

دفاعي ڏينهن قوم کي 1965ع جي جنگ دوران ڏيکاريل بهادري، عزم ۽ قومي يڪجهتي جي ياد ڏياري ٿو: ڊاڪٽر نانڪ رام

نوجوان نسل کي دفاعي ڏينهن سان وابسته قرباني ۽ حب الوطني جي جذبي مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي: ڊاڪٽر جاويد احمد چانڊيو

ڄامشورو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هٿياربند فوجن ۽ شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ يوم دفاع جي مناسبت سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي بيورو آف اسٽڊيز پاران 6 سيپٽمبر يوم دفاع جي مناسبت سان جمعي واري ڏينهن آرٽس فيڪلٽي بلڊنگ کان سينٽرل لائبريري تائين هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ استادن، آفيسرن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي ريلي جو مقصد پاڪستان جي هٿياربند فوجن سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ ۽ ملڪ لاءِ پنهنجيون جانيون قربان ڪندڙ شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ هو ريليءَ جي اڳواڻي مختلف فيڪلٽين جي ڊينز ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي رجسٽرار ساجد قيوم ميمڻ ڪئي. ريليءَ ۾ شامل ماڻهن جي هٿن ۾ بينر کنيل هئا، جن ۾ پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ شهيدن جي شان ۾ نعرا هنيا. ريلي جيڏن ئي سينٽرل لائبريري پهتي ته مظاهري ۾ تبديل ٿي وئي، جتي مقررن دفاعي ڏينهن جي اهميت ۽ ملڪ جي خودمختياري ۽ سلامتي لاءِ ڏنل قربانين تي روشني وڌي. ريليءَ کي خطاب ڪندي فيڪلٽي آف سوشل سائنسز جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر نانڪ رام چيو ته دفاعي ڏينهن قوم کي 1965ع جي جنگ دوران ڏيکاريل بهادري، عزم ۽ قومي يڪجهتي جي ياد ڏياري ٿو هن چيو ته هٿياربند فوجن ۽ شهيدن جون قربانيون پاڪستان جي تاريخ جو هميشه لازمي حصو رهنديون هن شاگردن تي زور ڀريو ته هو تعليم، تحقيق، نظم ضبط ۽ ذميوار شهري بڻجي ملڪ جي خدمت ڪن فيڪلٽي آف ڪامرس اينڊ بزنس ايڊمنسٽريشن جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر جاويد احمد چانڊيو چيو ته پاڪستان جي طاقت رڳو ان جي دفاعي صلاحيتن ۾ نه پر ان جي عوام جي اتحاد ۽ عزم ۾ پڻ آهي هن چيو ته يونيورسٽين جو اهم ڪردار آهي ته اهي تعليم يافته ۽ ذميوار شهري تيار ڪن، جيڪي ملڪ جي معيشت ۽ ادارن کي مضبوط بڻائڻ جي صلاحيت رکن هن وڌيڪ چيو ته نوجوان نسل کي دفاعي ڏينهن سان وابسته قرباني ۽ حب الوطني جي جذبي مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. پوليٽيڪل سائنس شعبي جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر غلام اڪبر مهيسر چيو ته دفاعي ڏينهن مادر وطن جي دفاع لاءِ پاڪستان جي هٿياربند فوجن ۽ عام شهرين پاران ڏنل تاريخي قربانين کي ياد ڪرڻ جو ڏينهن آهي هن چيو ته قومي سلامتي جو تعلق سياسي استحڪام، سماجي هم آهنگي ۽ مضبوط جمهوري ثقافت سان گهرو آهي هن شاگردن تي زور ڀريو ته هو معاشري ۾ برداشت، اتحاد ۽ آئيني قدرن کي هٿي وٺرائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي رجسٽرار ساجد قيوم ميمڻ چيو ته يونيورسٽي برادري پاڪستان جي شهيدن ۽ هٿياربند فوجن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ متحد آهي هن چيو ته قوم جي هيروز جون قربانيون نوجوانن کي ايمانداري، لگن ۽ ذميواري جي مضبوط احساس سان ملڪ جي خدمت ڪرڻ لاءِ اتساهين ٿيون هن بيورو آف اسٽڊيز ۽ سمورن استادن، آفيسرن، ملازمن ۽ شاگردن پاران دفاعي ڏينهن جي واڪ ۾ شريڪ ٿيڻ واري عمل کي ساراهيو ڊاڪٽر مبارڪ علي لاشاري چيو ته شهيدن جون قربانيون جرئت ۽ وطن سان وفاداري جي دائمي علامت آهن. هن چيو ته پاڪستان جا نوجوان علم حاصل ڪري امن کي هٿي وٺرائي ۽ قومي ترقي لاءِ ڪم ڪري شهيدن جي قربانين کي خراج پيش ڪري سگهن ٿا. هن زور ڀريو ته حب الوطني ذميوارين عملن ۽ معاشري جي بامقصد خدمت ذريعي ظاهر ٿيڻ گهرجي ڊاڪٽر محمد علي لغاري چيو ته دفاعي ڏينهن هر پاڪستاني کي قومي اتحاد ۽ اجتماعي ذميواري جي اهميت جو احساس ڏياري ٿو هن چيو ته ملڪ جي ترقي جو دارومدار تعليم يافته باصلاحيت، نظم ضبط رکندڙ ۽ متحد نوجوان نسل تي آهي هن شاگردن تي زور ڀريو ته هو پرامن خوشحال ۽ مضبوط پاڪستان جي تعمير ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ان موقعي تي بيورو آف اسٽڊيز جي ڊائريڪٽر اجويد پٽي، ڊاڪٽر محمد حسن اگهيم، ڊاڪٽر رياض سري، ڊاڪٽر محمد يونس لغاري، ڊاڪٽر آفتاب چانڊيو، ڊاڪٽر پنهل خان لاشاري، ڊاڪٽر عبدالحفيظ ابڙو، ڊاڪٽر شجاع کهاوڙ، ڊاڪٽر مظهر عباسي، محمد معشوق صديقي، ڊاڪٽر انتظار علي لاشاري، ڊاڪٽر رفيق علي بروهي ۽ وڏي انگ ۾ استادن، آفيسرن، ملازمن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي. تقريب جي پڄاڻي قومي يڪجهتي کي برقرار رکڻ، شهيدن جي قربانين کي هميشه ياد رکڻ ۽ پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي نئين عزم سان ڪئي وئي

# اوڏيرولال لڳ ڳوٺ ڏالو خاصخيلي ۾ استادن جي کوٽ خلاف احتجاج

شاگردن ۽ ڳوٺاڻن تعليم کاتي مٺياري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو، نعريبازي

اسڪول ۾ 300 کان مٿي ٻار آهن، صرف هڪ استاد مقرر ٿيل آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

اوڏيرولال(ن ع) اوڏيرولال لڳ ڳوٺ ڏالو خاصخيلي ۾ استادن جي کوٽ خلاف شاگردن ۽ ڳوٺاڻا جو عبدالمالڪ خاصخيلي شهمير خاصخيلي حنيف خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ تعليم کاتي مٺياري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي انهن جو چوڻ هو ته اسان جي ڳوٺ جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڏالو خاصخيلي ۾ 300 کان مٿي ٻار آهن جن کي پڙهائڻ لاءِ صرف هڪ استاد مقرر ٿيل جنهن ڪري اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي هڪ استاد هڪ ئي وقت 300 ٻار ڪٿين پڙهائيندو تعليم کاتي مٺياري ۾ ڪيترائي نوان استاد ڀرتي ڪيا ويا آهن جيڪي رشوت عيوض من پسند اسڪولن ۾ مقرر ٿيل آهن اسڪول ۾ وڌيڪ استاد مقرر ڪرڻ لاءِ اسان تعليم کاتي مٺياري جي آفيسرن کي شڪايتون ڪيون آهن پر ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي جنهن جو وزير اعليٰ سنڌ صوبائي وزير تعليم ۽ مٺياري ضلعي جا چونڊيل نمائندا فوري نوٽيس وٺي اسان جي ڳوٺ ڏالو خاصخيلي جي اسڪول ۾ جلد ايس آر ٽي جي پاليسي تحت استاد مقرر ڪرائي اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچائين

اڏيرولال ڳوٺ ڏالو خاصخيلي جا رهواسي ۽ شاگرد اسڪول ۾ استادن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪندي

# سڪرنڊ پريس ڪلب جي فنانس سيڪريٽري پاران تقريب جو اهتمام

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ جيڪا قديم وطن جي حيثيت رکي ٿي ان جون ڪوڙ ساريون پراڻيون روايتون پڻ صدين پڄاڻان اڄا تائين قائم آهن جنهن جا ڪوڙ سارا مثال قائم آهن انهن ۾ گرميءَ کان بچڻ لاءِ خاص ڪري بهراڙيءَ جي ماحول ۾ نم جي وڻ جي ڇانو ۾ ويهڻ، درياهن شاخن يا واهن ۾ وهنجڻ سميت جسم جي اندرون حصي ۾ ٿڌ پهچائڻ لاءِ ٿاڌل گهوٽي پيئڻ واري روايت به آهي جيڪا روايت اڄا تائين هلندي اچي ان ئي روايت کي قائم رکندي ۽ گرميءَ کي گهٽائڻ لاءِ سڪرنڊ پريس ڪلب جي فنانس سيڪريٽري ولي محمد پنهي پاران صحافين جي مان ۾ ٿڌي ٿاڌل پيئڻ جو اهتمام ڪيو جنهن تي سڪرنڊ پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري غلام ملاح سندس شڪريو ادا ڪيو ٿڌي ٿاڌل جي دعوت ۾ سينيئر صحافي راڄڪمار اوڏ، بشير لاشاري ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ شريڪ هئا

# صوبائي وزير مير طارق علي خان ٽالپر جي مان ۾ ڊنر جو اهتمام

سڪرنڊ (ن ع) صوبائي وزير مير طارق علي خان ٽالپر جن جي آمريڪا جي دوري دوران هيوسٽن ۾ صديق ڏاهري پاران BBQ نائيٽ ريسٽورينٽ ۾ ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ دوستن ۽ معزز شخصيتن شرڪت ڪئي ڊنر ۾ ڊاڪٽر حسين ڪاڪيپوٽو محمد صديق ڏاهري، شفقت حسين ڏاهري، محمود ڏاهري، خرم جهانگير عبدالرزاق چانڊيو مير عمران ٽالپر مير زيد ٽالپر سرفراز خان قائمخاني، شان خواجا، ساجد خان قائمخاني ۽ جاويد خان قائمخاني پڻ موجود هئا ان موقعي تي صوبائي وزير جناب مير طارق علي خان ٽالپر صاحب سان شرڪت ڪندڙن جون خوشگوار ملاقاتون ٿيون ۽ گڏجي ڊنر ڪيو ويو آمريڪا جي نجي دوري دوران هيوسٽن ۾ ٿيل هيءَ ڊنر تقريب دوستن ۽ ساٿين سان محبت ڀرين ملاقاتن جو خوبصورت موقعو بڻجي وئي

# دعوت اسلامي جو 45 هون "يوم دعوت اسلامي" جي عنوان تحت خاصخيلي هائوس تي اجتماع

سڪرنڊ (ن ع) تبليغ قرآن و سنت جي غير سياسي عالمگير تحريڪ دعوت اسلامي جو 45 هون "يوم دعوت اسلامي" جي عنوان تحت خاصخيلي هائوس تي اجتماع ذڪرو نعت جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ دعوت اسلامي جو ضلعي نگران حافظ مختيار علي ڪريمي تعلقه نگران علامه مظفر مدني، طاهر علي ڪيريو محمد صالح خاصخيلي، تيمور خاصخيلي سميت ڪئي شخصيتون شامل هيون اجتماع ۾ حضور سرور ڪائنات صه جن جي شان ۾ نعت شريف جا نذرانا پڻ پيش ڪيا ويا جن کي سنڌ جي مشهور نعت خوان محمد نظير نقشبندي ترتيبوار گهرايو جن ۾ حافظ شاهد نواز عطاري، غلام نبي عطاري، قاري فرقان عطاري، جيلان عطاري، هارون ڪوري ۽ حسان عطاري شامل هئا جڏهن ته محمد نظير نقشبندي پڻ پنهنجي خوبصورت آواز ۾ آقا ڪريم صه جن جي شان ۾ نعت شريف جا نذرانا پيش ڪري محفل ميلاد کي چار چنڊ لڳايا ان موقعي تي علامه شاهذيب مدني يوم دعوت اسلامي تي بيان ڪندي چيو ته دين اسلام توڙي جو حق جو مذهب آهي جيڪو صدين کان قائم آهي پر جڏهن کان دعوت اسلامي جو اڄ کان 45 سال اڳ بنياد پيو تڏهن کان هن تحريڪ جي باني امير اهلسنت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري جن عام ماڻهن ۾ دين جي اهميت ۽ آقا ڪريم صه جن جي عشق جو پيغام ڏنو جيڪو وڌندو ويو ۽ دعوت اسلامي جيڪا سنڌ جي دل ڪراچيءَ مان شروع ٿي هئا اڄ هڪ اندازي موجب دنيا جي لڳ ڀڳ 200 کان وڌيڪ ملڪن ۾ دين جو ڪم ڪري رهي آهي جيڪا 80 کان وڌيڪ شعبا قائم ڪري چڪي آهي.

# مورو جي تاريخي قبرستان سان لاڳاپيل زمين تي ناجائز قبضا

خليفي سائين جي زمين کي محفوظ بڻائڻ بدران ان تي قبضا ڪري گهر اڏيا ويا

قبرستان جي زمين ڪنهن فرد جي ذاتي ملڪيت نه پر ايندڙ نسلن لاءِ هڪ مقدس امانت آهي: رهواسي

مورو (ن ع) مورو شهر جي تاريخي خليفي سائين جي قبرستان سان لاڳاپيل زمين تي ناجائز قبضن خلاف قانون ڪڏهن حرڪت ۾ ايندو قبرستان جي نالي تي موجود زمين کي محفوظ بڻائڻ بدران ان تي قبضا ڪري گهر اڏيا ويا آهن اسين مطالبو ٿا ڪريون ته لاڳاپيل انتظاميا قبرستان جي زمين جي مڪمل حدبندي، سرڪاري رڪارڊ جي جانچ ۽ قبضي هيٺ آيل زمين جي نشاندهي ڪرائي جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا گروهه جو ناجائز قبضو ثابت ٿئي ته قانون موجب فوري ڪارروائي ڪري زمين واپس قبرستان جي حوالي ڪئي وڃي شهرين جو ان حوالي سان چوڻ آهي ته قبرستان جي زمين ڪنهن فرد جي ذاتي ملڪيت نه پر ايندڙ نسلن لاءِ هڪ مقدس امانت آهي اختيارين کي گهرجي ته تاريخي قبرستان جو تقدس برقرار رکندي قبضا مافيا خلاف بنا ڪنهن فرق جي سخت قانوني ڪارروائي ڪن شهرين اعليٰ عدالتن ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته خليفي سائين جي قبرستان جي زمين کي هر قسم جي ناجائز قبضي کان محفوظ بڻائي ذميوارن خلاف قانون موجب قدم کنيا وڃن

# ڪڪڙ ۽ آسپاس جي شهرن ۾ نشي آور سوپارين جو وڪرو جاري

نوجوان نسل نشي جو عادي بڻجي بربادي طرف وڌڻ لڳو انتظاميا خاموش

ضلع انتظاميا ۽ لوڪل انتظاميا منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي: رهواسي

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۽ ٻين ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ نشي آور سوپارين جو وڪرو جاري، نوجوان نسل نشي جو عادي بڻجي بربادي طرف وڌڻ لڳو انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل. شهرين ۽ ڳوٺاڻن جو احتجاج مظاهرو سخت ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ شهرين ۽ ڳوٺاڻن فقير عبدالنبي ساريو ممتاز علي، برڪت علي جويو احسان سري، جبل سنڌي، نبي بخش عبدالرزاق، نديم احمد ملاح ۽ ٻين ٻڌايو آهي ته ڪڪڙ شهر سميت ٻين ڪيترن ڳوٺن ۽ شهرن جهڙوڪ درمحمد ابڙو، ڪيڙو ابڙو ٿرڙي جادو شهيد، خانپور جوڻيجو ڀٽ شريف، پيارو اسٽيشن، رڪڻ ڳوٺ ٽگا، ۽ ٻيا ڪيترا ڳوٺ شامل آهن جتي نشي آور Z21 سوپارين جو وڪرو سرعام ٿي رهيو آهي هنن وڌيڪ ڏانهيدي چيو ته ڪيترا ڀيرا اسان احتجاج ڪيا آهن پر ضلع انتظاميا ۽ لوڪل انتظاميا منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهن ڪري منشيات فروش بنا ڪنهن خوف جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ زهريلي سوپاريون وڪرو ڪري رهيا آهن جن کان ڪير به پڇڻ وارو ناهي جيڪي معصوم زندگيون برباد ڪري گهرن جا گهر اجاڙي رهيا آهي جڏهن ته انتظاميا منشيات فروشن خلاف ڪابه ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهن سبب منشيات فروش زهريليون سوپارين جو ڪاروبار ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙ ڊي سي دادو اسسٽنٽ ڪمشنر کي اين شاهه ۽ ٻين اعليٰ عملدارن کان گهر ڪئي آهي ته ڪڪڙ شهر ۽ ٻين ڳوٺن ۾ Z21نشي آور سوپارين جو ڪاروبار ڪندڙ منشيات فروشن کي گرفتار ڪري مٿن سخت قانوني ڪارروائي ڪري سزا ڏياري وڃي

# مٽياري پرسان قومي شاهراهه تي ٻن روڊ حادثن جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت

هڪ نوجوان زهريلي دوا پي زندگيءَ جو انت آڻڻ جي ڪوشش ڪئي دڙي آهي: پوليس

نامعلوم گاڏي جو ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ عمر ڪوٽ واسي نوجوان فوت ٿي ويو

مٽياري (د ر) مٽياري پرسان قومي شاهراهه تي ٻن روڊ حادثن جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت جڏهن ته هڪ نوجوان زهريلي دوا پي زندگيءَ جو انت آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي پوليس ذريعن موجب موڙوري آفيس وٽ روڊ ڪراس ڪندڙ نوجوان کي نامعلوم گاڏي جو ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ عمر ڪوٽ واسي نوجوان فوت ٿي ويو آهي جنهن جي سڃاڻپ ڪرشن ڪولهي طور ٿي آهي جڏهن ٻئي پاسي انصاري ريزيڊنسي سامهون حيدرآباد کان هالا ويندي موٽر سائيڪل سوار نالي محمد مريد ڪنبر کي به نامعلوم گاڏي جو ٽڪر لڳو جيڪو به ٿڏي تي فوت ٿي ويو آهي ٻنهي جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن هوڏانهن ٻئي طرف ڪوٽ تنوير شاهه وٽ نوجوان مدهو ڪولهي زهريلي جيت مار دوا پي خودڪشي جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن کي به اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزاني عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 05 سيپٽمبر 2026ع

# سنڌ اسيمبلي پاران سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف ٺهراءُ منظور

سنڌ اسيمبلي پاران هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف ٺهراءُ منظور ڪرڻ رڳو هڪ سياسي عمل نہ پر سنڌ جي تاريخ، جاگرافيائي وحدت ۽ عوامي جذبن سان جڙيل هڪ اهم معاملو آهي. سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ ڌرتي، سڃاڻپ ۽ وحدت جا سوال هميشہ حساس رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ صوبائي اسيمبليءَ جو فورم هڪ اهڙو هنڌ بڻجي وڃي ٿو جتي عوامي احساسن ۽ سياسي موقفن جو اظهار ڪيو ويندو آهي. ٺهراءَ جي منظوريءَ کان اڳ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ميمبرن پاران ايوان مان واڪ آئوٽ ڪرڻ واري عمل نئين سياسي بحث کي جنم ڏنو آهي. هڪ طرف سنڌ جي حڪمران جماعت پاڪستان پيپلز پارٽي ان عمل کي سنڌ جي وحدت خلاف موقف طور پيش ڪري رهي آهي تہ ٻئي طرف مخالف ڌر جا پنهنجا سياسي دليل آهن. پر حقيقت اها آهي تہ سنڌ جي ورهاڱي جو موضوع هر دور ۾ جذباتي ردعمل پيدا ڪندو رهيو آهي ۽ ان تي سياسي جماعتن جا موقف عوام جي نظرن ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران پيپلز پارٽي جي ميمبرن پاران "ڌرتي ماءُ آهي" جا بينر کڻي شرڪت ڪرڻ بہ هڪ علامتي سياسي اظهار هو. سياسي علامتون عوامي جذبات کي اجاگر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿينديون آهن پر اهڙن حساس معاملن تي جذبات سان گڏ سنجيدگي، برداشت ۽ جمهوري رويو بہ ضروري آهي. سنڌ جي وحدت جو سوال ڪنهن هڪ جماعت جو نہ پر سنڌ ۾ رهندڙ سڀني ماڻهن جو گڏيل معاملو آهي. صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ايم ڪيو ايم جي واڪ آئوٽ تي سخت تنقيد ڪندي چيو تہ اهو اڳواٽ طئي ٿيل عمل هو ۽ مخالف ڌر تاريخي موقعي تي ووٽنگ ۾ شامل ٿيڻ کان پاسو ڪري رهي آهي. سندس موقف پيپلز پارٽيءَ جي سياسي سوچ کي ظاهر ڪري ٿو جنهن موجب سنڌ جي وحدت جي معاملي تي ڪنهن بہ قسم جو اختلاف سنڌ جي عوام جي جذبات جي ابتڙ آهي.

سنڌ جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ هيءُ خطو مختلف ثقافتن، ٻولين ۽ برادرين جو مرڪز رهيو آهي. سنڌ جي اصل طاقت ان جي رواداري، ثقافتي ورثي ۽ گڏيل سڃاڻپ ۾ آهي. ڪنهن بہ مسئلي کي اهڙي نموني نہ ڏسڻ گهرجي، جنهن سان معاشري ۾ ورهاست يا نفرت وڌي. سياسي قيادت جي ذميواري آهي تہ هو عوام جي جذبات جي نمائندگي ڪرڻ سان گڏ سماجي هم آهنگيءَ کي بہ برقرار رکي. اسپيڪر اويس قادر شاهہ جو اهو چوڻ تہ سڄي سنڌ ۽ پاڪستان ڏسي چڪو آهي تہ بحث واري رٿ تي ڪير حمايت ۾ آهي ۽ ڪير مخالفت ۾، ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سياسي موقف تاريخ جو حصو بڻجي وڃن ٿا. واقعي بہ سياسي فيصلا ۽ بيان وقت گذرڻ کان پوءِ بہ ياد رکيا ويندا آهن پر تاريخ صرف اختلافن کي نہ پر انهن اڳواڻن کي بہ ياد ڪندي جيڪي مسئلن جو حل ڳولڻ لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪن ٿا.

سنڌ جي وحدت بابت ٺهراءُ هڪ سياسي اظهار آهي، هتي اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ سنڌ جي مستقبل لاءِ گڏيل سوچ پيدا ڪئي وڃي. سنڌ جا ماڻهو چاهين ٿا تہ سنڌن ڌرتي ترقي ڪري، نوجوانن کي روزگار ملي، آبادگار خوشحال ٿين ۽ ادارا مضبوط ٿين. سياسي تڪرارن کان مٿانهون ٿي جيڪڏهن سموريون جماعتون سنڌ جي عوامي مفادن تي گڏ ٿين تہ اهو ئي سنڌ لاءِ بهتر رستو هوندو. ڇو تہ سنڌ جي ماڻهن کي پاڻي، زراعت، روزگار، تعليم، صحت ۽ امن امان جهڙا بنيادي مسئلا درپيش آهن. سياسي جماعتن کان عوام اها اميد رکي ٿو تہ اهي نہ رڳو جذباتي معاملن تي موقف اختيار ڪن پر روزمره جي مسئلن جي حل لاءِ بہ گڏجي ڪم ڪن. ان کان علاوه سڀني لاءِ ضروري آهي تہ سنڌ جي امن، ترقي ۽ ڀائيچاري کي اوليت ڏني وڃي. سنڌ صرف هڪ جاگرافيائي خطو نہ پر ڪروڙين ماڻهن جي تاريخ، ثقافت ۽ جذبات جو نالو آهي. ان ڪري سنڌ جي مستقبل بابت هر فيصلو ذميواري، سنجيدگي ۽ عوامي مفاد کي نظر ۾ رکندي ٿيڻ گهرجي.

# ايوانِ سنڌ ۾ راڻا شوڪت جي تقرير جو پڙاڏو ۽ سنڌ جو سوال؟

نور سنڌي

سنڌ اسيمبليءَ جو ايوان اهڙي جاءِ آهي جتي مائيڪ بند ٿيڻ سان هر ڳالهہ ختم ناهي ٿي ويندي، ڪي لفظ ايوان جي ڀتين کان ٻاهر نڪري ماڻهن جي ذهنن تائين پهچندا آهن، بحث جو موضوع بڻجندا آهن ۽ پوءِ انهن جو پڙاڏو وري ايوان تائين موٽي ايندو آهي راڻا شوڪت علي راجپوت جي تازي تقرير بہ اهڙي ئي پڙاڏي واري تقرير بڻجي سامهون آئي آهي هن ڪنهن جلسي جي اسٽيج تان نہ پر سنڌ اسيمبليءَ جي فلور تي بيهي ڳالهہ ڪئي تهنڪري سندس لفظن کي ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ انهن تي بحث ڪرڻ جي اهميت وڌيڪ وڌي وڃي ٿي راڻا شوڪت ڪراچيءَ مان سنڌ اسيمبليءَ جو چونڊيل نمائندو آهي پر سندس خانداني پاڙون سانگهڙ ضلعي جي شهدادپور تعلقي جي يونين ڪائونسل ملدسيءَ جي ڳوٺ جمان سان جڙيل آهن ورهاڱي کانپوءِ سندس خاندان هندستان مان سنڌ اچي آباد ٿيو سندس والد، راڻو امام الدين راجپوت، پنهنجي برادريءَ ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو راڻا شوڪت جي تعليم ۽ پرورش جو وڏو حصو سنڌ جي ئي ماحول ۾ ٿيو هن ڳوٺ مان پرائمري تعليم حاصل ڪئي ڇهين ڪلاس کان ڏهين جماعت تائين منصوره ۾ پڙهيو، انٽرميڊيئيٽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادپور مان، گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ۽ قانون جي تعليم گورنمينٽ جناح لا ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪئي وڪالت جي شعبي ۾ اچڻ کانپوءِ سياست ۾ قدم رکيو ۽ آخرڪار سنڌ اسيمبليءَ تائين پهتو شايد سندس تقرير کي سمجهڻ لاءِ اهو پسمنظر اهم آهي ڇاڪاڻ تہ هن سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سڃاڻپ بابت ڳالهائيندي پاڻ کي رڳو هڪ سياسي شخصيت طور پيش نہ ڪيو پر پنهنجي خاندان جي سنڌ ۾ اچڻ ۽ هتي جي سماجي ماحول ۾ پنهنجي پرورش جو حوالو بہ پنهنجي ڳالهہ جي پسمنظر طور ڏنو.

سندس تقرير جو هڪ اهم رخ انهن ماڻهن ڏانهن هو جيڪي اڄ بہ پاڻ کي 'مهاجر' سڏائين ٿا راڻا شوڪت جو سوال اهو هو تہ آخر اها سڃاڻپ ڪيتري عرصي تائين هلندي؟ جيڪي ماڻهو سنڌ ۾ آيا، انهن جا ابا سنڌ ۾ پيدا ٿيا، انهن جا ايندڙ نسل بہ سنڌ ۾ پليا، پڙهيا ۽ روزگار حاصل ڪيائون ۽ هاڻي سندن ايندڙ نسل بہ هن ئي ڌرتيءَ سان پنهنجو مستقبل ڳنڍيندي رهيا آهن تہ پوءِ سڃاڻپ جو بنياد ڪهڙو هجڻ گهرجي؟ هي سوال ڪنهن سان نفرت جو سوال نہ پر تعلق ۽ وفاداريءَ جو سوال آهي ورهاڱي کانپوءِ هندستان مان سنڌ ۾ ايندڙ ڪي هتان جي ماڻهن پنهنجي وس آهر قبول ڪيو جنهن سماج وٽ پاڻ وٽ بہ وسيلا محدود هئا، تنهن پنهنجي وس آهر نون آيل خاندانن لاءِ جاءِ پيدا ڪئي وقت گذرندو ويو، نسل بدلجندا ويا ۽ جيڪي ماڻهو ڪڏهن لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا هئا، انهن جا ٻار ۽ پوٽا هاڻي هن ئي ڌرتيءَ تي پيدا ٿيا آهن سندن زندگيءَ جون يادون، روزگار، رشتا، خوشيون ۽ قبرون بہ سنڌ سان ڳنڍيل آهن تهنڪري سوال ڪنهن جي ماضيءَ کي مٽائڻ جو ناهي، سوال موجوده تعلق کي تسليم ڪرڻ جو آهي جيڪو ماڻهو سنڌ ۾ رهي ٿو، ان جو فرض آهي تہ سنڌ کي رڳو رهڻ جي جاءِ نہ پر پنهنجي ڌرتي سمجهي سنڌ جي خوشيءَ ۾ خوش ٿئي سنڌ جي تڪليف ۾ ساڻس گڏ بيهي ۽ سنڌ جي مفادن خلاف ٿيندڙ ڪنهن بہ سازش کي پنهنجي مفادن خلاف سمجهي ڌرتيءَ کي پنهنجي وجود جو مرڪز سمجهڻ جو مطلب اهو آهي تہ ماڻهوءَ جو تعلق رڳو رهائش تائين محدود نہ هجي پر ان سان ذميواريءَ جو رشتو بہ هجي راڻا شوڪت جي تقرير ۾ بہ اصل سوال انهيءَ ذميواريءَ جو هو تہ سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهو سنڌ لاءِ ڪٿي بيٺو آهي؟ انهيءَ ئي فڪر کي اڳتي وڌائي ڏسجي تہ 'حلالي پٽ' هجڻ بہ رڳو رت جي دعويٰ سان ثابت نٿو ٿئي، اهو ڌرتيءَ سان وفاداريءَ سان ثابت ٿئي ٿو ماڻهوءَ جو ڪردار ٻڌائي ٿو تہ هو ڪهڙي مٽيءَ جو ماڻهو آهي هو سنڌ جي حقن لاءِ بيهي ٿو يا سنڌ جي حقن جي مقابلي ۾ بيهي ٿو؟ هو سنڌ جي ماڻهن کي گڏ ڪرڻ چاهي ٿو يا ورهائڻ؟ هو سنڌ کي پنهنجو مستقبل سمجهي ٿو يا رڳو پنهنجي سياسي مفاد کي پنهنجي منزل بڻائي ٿو؟ راڻا شوڪت جي تقرير جو ٻيو اهم پاسو سنڌي ٻولي هو سندس هي جملو خاص طور ماڻهن جي ڌيان جو مرڪز بڻيو: 'پنهنجن ٻارن کي سنڌي ميڊيم ۾ پڙهايو' هي جملو رڳو تعليم جي طريقي بابت نہ هو، ان جي پٺيان سڃاڻپ جو سوال بہ موجود هو راڻا شوڪت جو موقف هو تہ سنڌ ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙن کي سنڌي ٻوليءَ سان پنهنجو تعلق وڌيڪ مضبوط ڪرڻ گهرجي ٻولي ڪنهن قوم لاءِ رڳو ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو وسيلو نہ هوندي آهي اها ان جي يادگيري، لوڪ دانش، ثقافت ۽ اجتماعي شعور جي امين هوندي آهي راڻا شوڪت جو سنڌي ميڊيم بابت جملو سندس تقرير جو هڪ اهم حصو بڻجي ٿو، ڪنهن کي سندس انداز سان اختلاف ٿي سگهي ٿو، ڪنهن کي سندس لفظ سخت لڳي سگهن ٿا، پر هن سوال کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي سنڌ ۾ رهندڙ والدين پنهنجي ٻارن کي سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ جي ثقافت سان ڪيترو جوڙين ٿا؟ ۽ جيڪي نسل سنڌ کي پنهنجو گهر سمجهن ٿا، اهي سنڌي سماج سان پنهنجو تعلق ڪهڙي نموني مضبوط ڪن ٿا؟ محمد خان مجيدي جي هنن لفظن ۾ بہ سڃاڻپ جو اهوئي احساس نمايان ٿئي ٿو: اسان سنڌ جا آهيون، اسان جي سنڌ آهي.

اها ئي اسان جي حقيقت، اها ئي اسان جي سڃاڻپ آهي / هن مٽيءَ جي هر ذري ۾، اسان جو ئي ساهہ آهي هيءَ ڳالهہ راڻا شوڪت جي تقرير جي بنيادي سوال سان سنئين طرح جڙي ٿي سنڌي هجڻ جو مطلب ڪنهن کي ڌار ڪرڻ نہ پر سنڌ سان پنهنجي تعلق کي قبول ڪرڻ آهي سنڌ جي ڌرتيءَ تي رهندڙ هر ماڻهوءَ لاءِ اها گنجائش موجود آهي تہ هو پنهنجي ماضيءَ کي احترام سان ياد رکندي موجوده ڌرتيءَ سان بہ وفاداريءَ جو رشتو قائم ڪري. راڻا شوڪت پنهنجي تقرير ۾ سنڌ جي تاريخ جي ڪجهہ اهم نالن ۽ واقعن جو بہ حوالو ڏنو راجا ڏاهر، دودو سومرو، روپلو ڪولهي، حُر تحريڪ ۽ سورهيہ بادشاهہ جو ذڪر سندس ڳالهہ جو حصو هو راڻا شوڪت جي تقرير ۾ آزاديءَ جي لفظ کي جيڪڏهن ان جي وسيع سياسي مفهوم ۾ ڏسجي تہ ان جو هڪ پاسو سنڌ جي سڃاڻپ ۽ پنهنجي ڌرتيءَ سان تعلق سان بہ ڳنڍيل ٿو سندس ڳالهہ جو اصل زور ان ڳالهہ تي هو تہ ماڻهو جنهن ڌرتيءَ تي رهي ٿو، ان سان پنهنجو تعلق رڳو رهائش تائين محدود نہ رکي پر ان جي ٻولي، ثقافت ۽ مفادن کي بہ پنهنجي سڃاڻپ جو حصو بڻائي مون سميت ڪنهن جا بہ راڻا شوڪت سان سياسي اختلاف ٿي سگهن ٿا، پر اختلاف جو مطلب اهو ناهي تہ مخالف جي هر ڳالهہ کي رد ڪيو وڃي سندس تقرير ۾ جيڪي ڳالهيون قابل بحث آهن انهن تي بحث ٿيڻ گهرجي، جيڪي تاريخي دعوائون آهن انهن جي تحقيق ٿيڻ گهرجي ۽ جيڪي سنڌي ٻولي، سڃاڻپ ۽ ڌرتيءَ سان وفاداريءَ بابت سوال آهن انهن کي سنجيدگيءَ سان ٻڌڻ گهرجي

# اسان ڪيستائين والٽيئر جو انتظار ڪنداسين؟

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون انهن لفظن سان شروع ڪري رهيو آهيان تہ انقلابِ فرانس کان اڳ جڏهن فرانس ۾ جاگيرداري نظام جون پاڙون مضبوطيءَ سان کُتل هيون تڏهن والٽيئر نہ صرف جاگيرداري نظام سان منهن ڏنو بلڪ هُن پنهنجي تحريرن جي ذريعي جاگيرداري نظام تي اهڙي تہ تنقيد ڪئي جو هِن جي تحريرن ڏاڍ جي نظام جي بنيادن کي هلائي ڇڏيو. هن جي تحريرن جي روشنيءَ ۾ جدوجهد جي ذريعي ظالمانہ نظام جو خاتمو آندو ويو. اهڙي طرح فرانس هڪ نئين دور ۾ داخل ٿيو. جنهن کي انقلابِ فرانس جو نالو ڏنو وڃي ٿو. فرانس جي اميرن مان هڪ طاقتور ۽ مغرور شخص آگسٽي ڊي روهان جنوري 1726ع جي هڪ شام فرانس جي هن مشهور ليکڪ يعني والٽيئر جي بيعزتي ڪرڻ جي نيت سان هن جي پنهنجي ٿيٽر ۾ ماڻهن جي هڪ ميڙ جي سامهون والٽيئر کان پڇيو تہ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ والٽيئر جواب ڏنو 'والٽيئر! منهنجو نالو اڀري رهيو آهي جيئن تنهنجو ختم ٿي رهيو آهي' يعني 'آئون اڀري رهيو آهيان ۽ تون غروب ٿي رهيو آهين' هڪ متڪبر مغرور ۽ وڏي منصب تي فائز جي هڪ ڊرامي نگار جي هٿان اهڙي بيعزتي ناقابل برداشت هئي. انهيءَ ڪري ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن والٽيئر پنهنجي هڪ دوست ڊيوڪ ڊي سولي جي گهر ماني کائي رهيو هو تہ فرانس جي امراءَ هڪ منصوبي جي تحت ڪجهہ ڪرائي جي غنڊن کي ڊيوڪ ڊي سولي جي گهر اماڻيو جن والٽيئر کي گهر مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي گاريون ڏيڻ سان گڏوگڏ تمام گهڻي مار ڏني. جاگيردار طبقي انهيءَ کي والٽيئر جي بيوقوفي ۽ غير تهذيبي عمل جو ردِ عمل سمجهي خاموش رهيا. جڏهن تہ ٻاهر ڪجهہ ٿي مفاصلي تي انهن جاگيردارن جو اماڻيل هڪ خاص ماڻهو هڪ عاليشان بگي ۾ ويٺو اِهو سڄو تماشو پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو هو. والٽيئر چاهيو ٿي تہ ڪو ماڻهو ان ظلم جي باري ۾ ڳالهائي پر هن کي ڏاڍي مايوسي ٿي جڏهن سندس دوست ڊيوڪ ڊي سولي، جنهن جي گهر ۾ هو ماني کائي رهيو هو ۽ اُتائين هُو غنڊا هن کي ٻاهر ڇڪي وٺي مارڻ لڳا هئا. انهيءَ ڊيوڪ ڊي سولي والٽيئر سان گڏ پوليس ڪمشنر وٽ وڃي رپورٽ ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ايستائين جو اخباري ليکڪن ۽ پيرس جي اديبن هن سانحي تي خاموشي اختيار ڪئي، ڇاڪاڻ تہ انهن مان اڪثر جاگيردارن جي مال تي ئي پليا. اهڙن سمورن ليکڪن ۽ دانشورن والٽيئر جي اُن عمل تي سخت تنقيد ڪئي ۽ هُو انهيءَ کي مڪافاتِ عمل چوندا رهيا ۽ اُهي امير جاگيردار انهيءَ کي والٽيئر جي بيوقوفي ۽ غير تهذيبي عمل جو ردِ عمل سمجهي خاموش رهيا. ليڪن جي ان خاموشيءَ آگسٽي ڊي روهان کي ڏاڍو حوصلو ڏنو ۽ هن بادشاهہ لوئس XV کان والٽيئر کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم حاصل ڪري ورتو ۽ ڪيس 17 اپريل 1726ع تي پيرس جي مشهور 'بيسٽائل' جيل ۾ قيدي بڻائي رکيو ويو. هن هفتن ڪانپوءِ هن کي انهيءَ شرط تي آزاد ڪيو ويو تہ هُو فرانس ڇڏي برطانيہ ۾ وڃي آباد ٿئي ۽ پوءِ والٽيئر 83 سالن جي ڄمار ۾ 30 مئي 1778ع تي لنڊن ۾ ئي جلاوطنيءَ جي عالم ۾ گذاري ويو. حقيقت اِها آهي تہ معاشري ۾ ظالم ۽ غير منصفاڻي نظام تي تنقيد ڪرڻ، نئين ۽ منصفاڻي نظام جي بنيادن جي تلاش ڪرڻ ۽ ان کي معاشري ۾ نافذ ڪرڻ جي ذميواري هميشہ ڏاهن پنهنجي ڪلهن تي کنئي آهي. ياد رکو معاشري جو اِهو طبقو اهڙو آهي جيڪو عام ماڻهن جي ذهنن ۾ اِها حقيقت وجهي ٿو تہ اسان پنهنجي ڏکيائين ۽ مسئلن کي پنهنجي صلاحيتن سان حل ڪرڻ جي طاقت رکون ٿا. انهيءَ طبقي عوام کي ٻڌايو آهي تہ معاشري جا مسئلا انهيءَ وقت تائين حل نٿا ٿي سگهن جيستائين بنيادي تصورن ۽ خيالات کي تبديل نہ ڪيو وڃي. والٽيئر جي تحريرن ۽ هن جي سوچ معاشري جي تبديلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ڪنهن بہ معاشري ۾ تبديلي جي عمل ۾ هميشہ ڏاهن جو ڪردار اهم رهيو آهي. هن طبقي نہ صرف اڳيان وڌي ظلم ۽ جبر جو ڀرپور وار پاڻ تي سَٺو آهي بلڪ جوابي وار بہ هي پاڻ ئي ڪن ٿا. هي پنهنجا احساس ۽ جذبات ٻين ۾ منتقل ڪرڻ جو هنر ڄاڻن ٿا، هي پنهنجي زبان سان اهو چيو وڃن ٿا جيڪو عام سطحي ذهن جي لاءِ سمجهڻ ناممڪن هوندو آهي. هي قدرت جي ڏنل ذات سان ڏکيائين، ڏکن، غمن ۽ تڪليفن کي طاقت ۾ بدلايو ڇڏين. هي جدوجهد جو درس ڏئي روشن رستن ڏانهن اشارا ڪن ٿا. جڏهن هنن جي جدوجهد جون پاڙون معاشري ۾ کپيو وڃن تہ پوءِ نئين دور جو آغاز ٿئي ٿو جيڪو اڳتي هلي انقلاب کي جنم ڏئي ٿو.

آئون عرض ڪريان تہ بهتر زندگي گذارڻ جو فلسفو تہ بلڪل سادو آهي پر اسان اُن کي ائين منجهائي ڇڏيو آهي جڻ ريشمي ڌاڳن جو منتل ڍيرو، جنهن جي ڪري دل پريشان ٿي ويو آهي تہ ڪهڙي ڌاڳي کي ڪنهن کان ۽ ڪيئن ڌار ڪجي. بهرحال آئون عرض ڪريان تہ جيڪڏهن پنهنجي قوم کي وقت جي اهميت جو احساس ڏياريو وڃي تہ سنڌن مسئلا حل ٿي ويندا پر اسان وقت ضايع ڪندڙ تماشائي آهيون، جنهن جي مثال آئون انهن لفظن ۾ عرض ڪريان تہ جڏهن روڊ تي ڪو حادثو ٿئي ٿو تہ مدد لاءِ ڪو الله جو ٻانهو هوندو آهي پر تماشائي پنهنجو ڪم ڇڏي حادثي واري جاءِ تي گڏ ٿي ويندا آهن. تماشبيني جي انهيءَ عادت اسان جي قوم کي وقت ضايع ڪرڻ جو عادي بڻائي ڇڏيو آهي. منهنجا پڙهندڙ نوجوانو اسان جي معاشري جي عام ماڻهن جي گهرن ۾ معاشي تنگي جون ڪيمپون قائم آهن. غربت، بک ۽ مسئلن جا راڪاس هنن جي زندگين تي قابض هوندا آهن پر هنن کي تماشبيني جي پنهنجي عادت پنهنجا ڪم ڪار ڇڏائي نهلا ترقي جا خواب ڏسڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. هُو پنهنجو قيمتي وقت ضايع ڪرڻ واري عمل ۾ پنهنجي ترقي جا سڪٿا خواب ڏسي رهيا آهن. ياد رکو اسان جو سڀ کان وڏو الميو اِهو آهي تہ اسان وٽ فقط خواب آهن پر معاشري جي سوچ کي تبديل ڪرڻ جي لاءِ ڪڏهن بہ اسان عملي ميدان ۾ ناهيون لٿا. يقين ڪريو تہ جيڪڏهن هر ماڻهو پنهنجي سوچ ۾ تبديلي آڻي، پنهنجي قول ۽ فعل مان تضاد ختم ڪري ڇڏي تہ پوءِ ڏسو تہ ڪيئن ٿو معاشرو پاڻمرادو تبديل ٿئي. آخر ۾ آئون اوهان کي اِهو ٻڌائيندو هلان تہ ڪنهن بہ ليکڪ کي ايڏي وڏي ڪاميابي حاصل نہ ٿي سگهي هئي، جيڏي والٽيئر کي نصيب ٿي. سڄو معاشرو هن جو مخالف هو ايستائين جو سندس ڪتاب روڪيا ويا، ساڙيا ويا، ڇاپڻ، وڪڻڻ ۽ پڙهڻ وارن کي سزائون ڏنيون ويون پر والٽيئر جي عزم ۽ همت ۾ ڪا بہ ڪمي نہ آئي. سڀني مشڪلاتن تي هُو حاوي رهيو. هن هميشہ حق ۽ سچ جي ڳالهہ ڪئي ۽ هر جڳهہ تي انهيءَ جو اظهار پڻ ڪيو ۽ نيٺ ڏاڍ سندس علمي ۽ عقلي قوت جي اڳيان جهڪي پيو. والٽيئر جي زبان ۽ قلم جو هر لفظ فرانس جي ماڻهن جي دلين ۾ لهي ويو. اسان کي کپي تہ جيڪي ماڻهون پنهنجو وقت ضايع ڪن ٿا تن کي سمجهايون تہ توهان جو قيمتي اثاثو صرف توهان جو وقت آهي، اُن کي ضايع نہ ڪريو، پنهنجو ڪم ڪار ڪريو، هنر سکو ۽ پنهنجي زندگي تبديل ڪريو. پنهنجي گهرن ۽ گهروارن ڏانهن ڌيان ڏيو. ياد رکو ڏاهن جي ڳالهين تي عمل نہ بہ ڪيو وڃي، تڏهن بہ معاشري ۾ انهن جي ڳالهين تي غور ضرور ڪيو ويندو آهي. انهيءَ غور جي نتيجي ۾ سوچ ۾ تبديلي ضرور اچي ٿي، سوچ جي اِها تبديلي وڏي ڪاميابي آهي، جنهن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. انهيءَ ڪري سڀ کان پهرين پنهنجو پاڻ ۾ تبديلي آڻڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ پاسو ڪريو پنهنجو قيمتي وقت کي ضايع ڪرڻ کان. ڪليل اکين سان خواب ڏسڻ کان ۽ رَڄ کي سچ سمجهڻ کان ۽ انهن سڀني ڳالهين ڪانپوءِ بہ ترقي جا خواب ڏسڻ هڪ اهڙي وڻ وانگر آهي، جنهن جون پاڙون سڙيل آهن ۽ توهان انهيءَ جي ڦٽڻ جو انتظار پيا ڪريو. هي بيڪار انتظار پنهنجي پاڻ کي ڏوکو ڏيڻ نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ دنيا کي بدلائڻ جو هڪ ئي طريقو آهي، پنهنجي وقت جو قدر ڪريو، پاڻ کي تبديل ڪريو، جديد صلاحيتن کي سکو، اڳتي وڌو، پنهنجي پاڻ تي ۽ پنهنجي رشتن تي ڌيان ڏيو، پوءِ ڏسو تہ ڪيئن ٿو توهان جو معاشرو تبديل ٿئي ۽ زندگيءَ ۾ تبديلي اچي منهنجا پڙهندڙ نوجوانو اسان دنيا کي تبديل ڪرڻ ۽ دنيا کي خوبصورت بڻائڻ جا خواب ڏسندا آهيون. بغير اهو ڄاڻڻ جي تہ اسان جي دنيا پهرين اسان جو گهر آهي. اسان جي گهرن ۾ اسان جا تعلقات منتشل آهن. اسان جا غير معمولي رويا هڪٻئي کي چڀن ٿا. ڌيان طلب رشتا اسان جي سچي ۽ خالص توجہ کان محروم آهن ۽ اسان دنيا کي تبديل ڪرڻ جي لاءِ ٻاهر نڪتا آهيون. ياد رکو گهر کي جهنم بڻائي اسان جا دنيا کي خوبصورت بڻائڻ جا خواب سراسر هڪ فريب ۽ ڌوکو آهي. اسان جي بدنصيبي اِها آهي تہ اسان جي لاءِ اُهي مرد ۽ عورتون جن جي پنهنجي گهرن ۾ معاملات لونڊا پيل آهن. اُهي معاشري کي سڌارڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن. هاڻ اسان انهيءَ نتيجي تي پهتا آهيون تہ رياست جو نظام هلائڻ جي لاءِ فقط تهذيب ۽ تمدن جو هجڻ شرط نہ آهي ۽ نہ ئي دولت جي فراواني معاشري جي تعميري ۽ ترقي جي بنياد هوندي آهي بلڪ ڪنهن بہ معاشري جي تشڪيل، عدل ۽ انصاف جي نظام جي قيام سان ئي ممڪن آهي. امير ۽ غريب هر جڳهہ تي هوندا آهن پر جڏهن امير کي ڊپ ٿئي تہ هن کي هن جي غلط ڪم جي سخت سزا ملندي ۽ غريب کي اطمينان هجي تہ ڪنهن ڏوهہ ۾ هُو بيگناهہ جيل ۾ نہ وڌو ويندو. اِهو ئي اطمينان قومن کي اڳيان وٺي وڃڻ جو سبب بڻجي ويندو آهي پر هتي افسوس اِهو آهي تہ سڄو معاشرو هڪٻئي کي سيڪاري رهيو آهي پر پاڻ سِکڻ جي لاءِ تيار ناهي. اڄ جون مائرون پنهنجي ٻارن جي تعليم جي سمورن حساس پهلوئن جي اهميت کي نظرانداز ڪندي معاشري کي سڌارڻ جي لاءِ بيچين آهن. آخر ۾ آئون صرف ايترو عرض ڪري پنهنجي گفتگو ختم ڪريان تہ ياد رکو معاشري جي تبديلي جي شروعات پنهنجي ذات ۽ پنهنجي گهر کان ٿيندي آهي. سماج کي تبديل ڪرڻ جي لاءِ سڀ کان پهرين اسان کي فرد جي سوچ تبديل ڪرڻي پوندي، اسان کي ذهنيت کي تبديل ڪرڻ جي لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو اسان ڪيستائين والٽيئر جو انتظار ڪنداسين!

> بهتر زندگي گذارڻ جو فلسفو تہ بلڪل سادو آهي پر اسان اُن کي ائين منجهائي ڇڏيو آهي جڻ ريشمي ڌاڳن جو منتل ڍيرو، جنهن جي ڪري دل پريشان ٿي ويو آهي تہ ڪهڙي ڌاڳي کي ڪنهن کان ۽ ڪيئن ڌار ڪجي. بهرحال آئون عرض ڪريان تہ جيڪڏهن پنهنجي قوم کي وقت جي اهميت جو احساس ڏياريو وڃي تہ سنڌن مسئلا حل ٿي ويندا پر اسان وقت ضايع ڪندڙ تماشائي آهيون، جنهن جي مثال آئون انهن لفظن ۾ عرض ڪريان تہ جڏهن روڊ تي ڪو حادثو ٿئي ٿو تہ مدد لاءِ ڪو الله جو ٻانهو هوندو آهي پر تماشائي پنهنجو ڪم ڇڏي حادثي واري جاءِ تي گڏ ٿي ويندا آهن. تماشبيني جي انهيءَ عادت اسان جي قوم کي وقت ضايع ڪرڻ جو عادي بڻائي ڇڏيو آهي.

# ايران ۽ آمريڪا جي معاشي جنگ جو مستقبل

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ سڌن حملن جو سلسلو هڪ ڀيرو ٻيهر تيز ٿي ويو آهي. پهرين سيپٽمبر تي آمريڪي فوج ايران جي ڏاکڻين سامونڊي علائقن ۾ ڪيترن ئي فوجي هنڌن تي حملو ڪيو، جن ۾ ريڊار، هوائي بچاءَ جا نظام، ميزائلن جا اڏا، آبنائي هرمز جي ويجهو فوجي ۽ سامونڊي هدف ۽ ايران جا بہ تيل وارا جهاز بہ شامل هئا. آمريڪي اختيارين جو چوڻ آهي تہ لڳ ڀڳ 100 هدفن کي نشانو بڻايو ويو. اُن جي جواب ۾ ايران بہ ميزائلن ۽ ڊرونن ذريعي خطي ۾ موجود آمريڪي فوجي اڏن ۽ ٻين فوجي هنڌن تي حملا ڪيا. انهن نون حملن ڪانپوءِ ايران اعلان ڪيو آهي تہ هُو آبنائي هرمز کي ٻيهر بند ڪندو. آبنائي هرمز هڪ تمام اهم سامونڊي رستو آهي، جتان خليجي ملڪن جو تيل دنيا جي ٻين ملڪن، خاص ڪري ايشيا ڏانهن وڃي ٿو. جيڪڏهن هي رستو بند ٿيو تہ تيل جي برآمد، دنيا کي توانائي پهچائڻ ۽ سامونڊي واپار تي وڏو اثر پئجي سگهي ٿو. ان سان جهازن جي انشورنس ۽ سامان ڪٽڻ وڃڻ جا خرچ بہ وڌي سگهن ٿا. جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ اها ڇڪتاڻ گهڻي وقت تائين هلندي رهي تہ دنيا ۾ تيل وڌيڪ مهانگو ٿي سگهي ٿو، سامان جي اچ وڃ ۾ رڪاوٽون پيدا ٿي سگهن ٿيون ۽ خطي جي ملڪن جي معيشتن تي بہ وڌيڪ دٻاءُ پئجي سگهي ٿو. انهن تازن فوجي حملن کان اڳ صدر ٽرمپ ايران تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ معاشي ۽ واپاري پابنديون لڳائڻ ۽ سامونڊي رستو روڪڻ جو طريقو اختيار ڪيو هو. سندس چوڻ هو تہ ايران تي معاشي دٻاءُ وجهڻ سان ايران کي پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪري سگهجي ٿو. آمريڪا ايران جي بندرگاهن مان تيل ۽ گئس ٻاهر موڪلڻ ۽ ايران ۾ ٻاهران سامان اچڻ تي بہ سخت پابنديون لڳائي ڇڏيون هيون. آمريڪا جي خزاني واري وزير اسڪاٽ بيسنٽ چيو تہ آمريڪا ايران خلاف معاشي جنگ جاري رکندو ۽ ايران جي معيشت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ سخت قدم کڻندو. هن اِهو بہ خبردار ڪيو تہ جيڪو ملڪ آمريڪا جي ايران خلاف معاشي ۽ واپاري پابندين جي مخالفت ڪندو، آمريڪا ان ملڪ خلاف بہ سخت ڪارروائي ڪري سگهي ٿو.

آمريڪا جي هن اعلان ڪانپوءِ انهن ملڪن ۾ سخت ڳڻتي پيدا ٿي وئي آهي جيڪي ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ايران سان واپار ڪندا رهيا آهن انهن ملڪن مان چين خاص طور تي اهم آهي ڇاڪاڻ تہ چين ايران کان سڀ کان وڌيڪ تيل خريد ڪري ٿو. جيڪڏهن آمريڪا جي پابندين سبب چين کي ايران کان تيل ملڻ ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي تہ چين جي صنعت کي وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو. چين اُن معاملي تي آمريڪا کي پنهنجي ڳڻتي کان آگاهہ بہ ڪري ڇڏيو آهي. چين جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان آمريڪا جي هن قدم کي غيرقانوني قرار ڏنو آهي. چين جي هن ردعمل مان لڳي ٿو تہ چين ايران کان تيل وٺڻ جو سلسلو ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان جاري رکڻ جي ڪوشش ڪندو. ڪجهہ سال اڳ چين ايران سان هڪ ڊگهي مدي وارو معاهدو بہ ڪيو هو، جنهن تحت چين ايران کان تيل خريد ڪرڻ ۽ ايران جي توانائي واري شعبي ۾ وڏي سيڙپڪاري ڪرڻ وارو هو. ماضي ۾ بہ چين آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جي پابندين کان بچڻ لاءِ پنهنجن خانگي ڪمپنين جي ذريعي ايران جو خام تيل خريد ڪندو رهيو آهي پر هاڻي آمريڪا انهن چيني ڪمپنين کي بہ نشانو بڻائڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي، تهنڪري چين لاءِ اِهو پراڻو طريقو بہ آسان نہ رهيو آهي. جيڪڏهن آبنائي هرمز بند ٿي وڃي ٿو تہ چين لاءِ ايران کان تيل يا ٻيو سامان آڻڻ جو زميني رستو پاڪستان ذريعي موجود آهي. پاڪستان ۽ ايران جي وچ ۾ لڳ ڀڳ 900 ڪلوميٽر ڊگهي سرحد آهي ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار لاءِ ڇهہ زميني رستا يا ڪوريڊور موجود آهن 17 جون تي سوئٽزرلينڊ ۾ اسلام آباد ايم او يو تي صحيحون ٿيڻ ڪانپوءِ پاڪستان پنهنجي بندرگاهن تي موجود ايراني ڪنٽينرن کي ڪليئرنس ڏيڻ بعد انهن ئي واپاري رستن ذريعي سامان کڻي وڃڻ جي اجازت ڏني هئي هاڻي جيڪڏهن آمريڪا ايران تي معاشي پابنديون لڳائڻ سان گڏ سامونڊي رستو بہ بند ڪري ٿو تہ ايران کي پنهنجي ضرورت جو سامان پاڪستان جي انهن واپاري رستن ذريعي گهرائڻ جي ضرورت پئجي سگهي ٿي ساڳئي وقت چين بہ ڪوشش ڪري سگهي ٿو تہ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ موجود سي پيڪ (CPEC) واري رستي کي استعمال ڪري ايران کان تيل حاصل ڪري. سي پيڪ ٺاهڻ جو هڪ وڏو سبب اِهو بہ هو تہ چين کي سمنڊ جي آبنائي ملاڪا تي گهڻو ڀاڙڻو نہ پوي. چين جو گهڻو واپار هن سامونڊي رستي مان گذري ٿو ۽ ڪنهن بہ وقت هي رستو بند ٿيڻ جو خطرو موجود هو 2020ع ۾ چين ۽ ڀارت جي وچ ۾ هماليائي سرحد تي فوجي جهيڙو ٿيو هو اُن وقت ڀارتي فوج جي سربراهہ ڌمڪي ڏني هئي تہ جيڪڏهن مستقبل ۾ چين ۽ ڀارت وچ ۾ جنگ ٿي تہ اها رڳو هماليائي علائقي تائين محدود نہ رهندي، پر ٻين علائقن تائين بہ پکڙجي سگهي ٿي سندس ڳالهہ مان اشارو اِهو هو تہ چين لاءِ اهم سامونڊي رستو، آبنائي ملاڪا، بہ خطري ۾ اچي سگهي ٿو هاڻي جڏهن آمريڪا ايران کان آبنائي هرمز ذريعي تيل ٻاهر موڪلڻ تي سخت پابنديون لڳائي رهيو آهي تہ چين لاءِ ايران جو تيل حاصل ڪرڻ جو هڪ اهم متبادل رستو سي پيڪ ذريعي پاڪستان ٿي سگهي ٿو.

آمريڪا جيڪڏهن ايران جي معاشي ناڪابندي سخت ڪري ٿو تہ ان جو نقصان رڳو ايران کي نہ ٿيندو پر آمريڪا جا چين ۽ پاڪستان سان لاڳاپا بہ خراب ٿي سگهن ٿا. ان جو سبب اِهو آهي تہ آمريڪا جي خزاني واري وزير صاف چيو آهي تہ جيڪو ملڪ ايران کي هن ناڪابندي مان بچڻ يا واپار جاري رکڻ ۾ مدد ڪندو، آمريڪا ان خلاف بہ سخت قدم کڻندو. چين ڪانپوءِ ايران جا اهم واپاري ساٿي گڏيل عرب امارات ۽ ترڪي آهن گڏيل عرب امارات اڳ ئي ايران سان واپاري ۽ ڪاروباري لاڳاپا ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري چڪو آهي. ٻئي طرف چين آمريڪا جي ايران خلاف معاشي پابندين ۽ سامونڊي ناڪابندي کي عالمي قانون جي خلاف قرار ڏنو آهي. اُن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ چين آمريڪا جي ايران خلاف پابندين کي آسانيءَ سان قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. چين کان علاوه ٻين ڪيترن ئي ملڪن بہ ايران خلاف آمريڪي معاشي پابندين جي مخالفت ڪئي آهي. انهن ۾ قطر بہ شامل آهي. قطر ايران ۽ عمان جي وچ ۾ آبنائي هرمز مان جهازن جي اچ وڃ کي منظم ڪرڻ بابت ٿيل هڪ تازي معاهدي جي حمايت ڪئي آهي. قطر جو چوڻ آهي تہ مسئلي کي جنگ ذريعي نہ، پر ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي حل ڪرڻ گهرجي.

جيئوپٽيڪ آمريڪا جو صدر ۽ سندس نائي وارو وزير ايران تي معاشي پابنديون وڌيڪ سخت ڪري ايران جي معيشت کي تباهہ ڪرڻ چاهين ٿا. پر عالمي سطح تي آمريڪا کي هن مهم ۾ ڪا خاص حمايت نہ ملي رهي آهي. ان جي ابتڙ هاڻي اِهو مطالبو زور وٺي رهيو آهي تہ 17 جون تي جنهن معاهدي واري دستاويز تي ايران جي صدر، پاڪستان جي وزيراعظم ۽ پاڻ آمريڪي صدر ٽرمپ صحيحون ڪيون هيون، ان تي ٻيهر عمل ڪيو وڃي ۽ انهيءَ رستي سان مسئلو حل ڪيو وڃي. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس بہ پنهنجي هڪ تازي بيان ۾ زور ڏنو آهي تہ ايران ۽ آمريڪا کي ڳالهين ذريعي اڳتي وڌڻ گهرجي ۽ اسلام آباد ايم او يو تي عمل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پاڪستان، جنهن ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ان معاهدي تي اتفاق ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو، اهو بہ چئي رهيو آهي تہ هي دستاويز ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جنگ کي مستقل طور ختم ڪرڻ جو اهم ۽ واحد رستو آهي. اهڙيءَ طرح ڏنو وڃي تہ صدر ٽرمپ هٿيارن سان وڙهيل جنگ جي پهرين مرحلي وانگر ايران خلاف معاشي جنگ بہ هارائي چڪو آهي.

# اڄوڪو ڏينهن ---- 05 سيپٽمبر

## عبدالرزاق سومرو

اڄ نامور وڪيل، اڳوڻي سياسي اڳواڻ ۽ ليکڪ عبدالرزاق سومري جي سالگرهہ جو ڏينهن آهي. هن 5 سيپٽمبر 1927ع تي دودي خان سومري جي گهر لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر رتيديري ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو 1946ع ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ ۽ 1948ع ۾ ايس ايم ڪاليج ڪراچيءَ مان انٽرميڊيئيٽ جو امتحان پاس ڪيائين. 1950ع ۾ سي اينڊ ايس ڪاليج شڪارپور مان بي اي جو امتحان پاس ڪيائين ۽ 1953ع ۾ ايس ايم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان ايل ايل بي جي سَنڌ حاصل ڪيائين. هن 1948ع کان 1952ع تائين هاءِ اسڪول ٽيچر طور نوڪري ڪئي، ان بعد لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين. پاڻ ڊسٽرڪٽ بار ائسوسيئيشن جو ٽي ڀيرا صدر رهيو. ان کان علاوه سنڌ بار ڪائونسل ۽ پاڪستان بار ڪائونسل جو ميمبر پڻ رهيو. هن کي 1989ع ۾ عمان جو سفير ۽ 1994ع ۾ متحده عرب امارات ۾ پاڪستان جو سفير هئڻ جو اعزاز پڻ حاصل ٿيو. عبدالرزاق سومري شاگرديءَ واري زماني کان ئي سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. هن پهريائين آل انڊيا ڪانگريس ۽ بعد ۾ خاڪسار تحريڪ ۾ ڀرپور ڀهرو ورتو هو سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي مرڪزي عهديدارن مان هڪ هو. 1967ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ 1973ع کان 1977ع تائين پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جو نائب صدر رهيو جنرل ضياءالحق واري دور ۾ قيد ۽ بند جون صعوبتون بہ برداشت ڪيائين. سندس ساروڻين جا بہ ڪتاب "يادن جي ڳڙڪيءَ مان" ۽ "جيئن جيئن ورق ورن" ڇپجي چڪا آهن.

آهن. 1991ع ۾ سندس ڪتاب "سوچ جون صورتون" تي ڪيس ساهتيہ اڪيڊمي ايوارڊ جهڙو اهم اعزاز سان نوازيو ويو. سنڌي ادب جي هن املهہ ماڻڪ 8 مئي 1994ع تي هن جهان مان موڪلايو.

## جهمون چڳاڻي

هن نامور ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار جو جنم 5 سيپٽمبر 1940ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ هندستان جي شهر ڀوپال ۾ وڃي آباد ٿيو هن بي ايڊ ۽ انگريزيءَ ۾ ايم اي جون سنڌون حاصل ڪيون هن ڀوپال جي انسٽيٽيوٽ آف ريجنل ايڊيوڪيشن ۾ نوڪري ڪئي ۽ انهيءَ انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر طور رٽائر ٿيو. هن جي ڪتابن ۾ "مهامتي پرنات جي واڻي" (ٻہ جلد)، "هڪ ٻيو ورهاڱو" ۽ "ذات ذاتي" شامل آهن هو ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي تنظيمن ۽ ادارن جو ميمبر ۽ عهديدار رهيو جن ۾ هندستان جي مرڪزي ساهتيہ اڪيڊمي، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ مڌيا پرديش سنڌي ساهتيہ سڀا شامل آهن هن کي 2009ع ۾ مشهور ڪتاب "شري راڌا" جو ترجمو ڪرڻ تي ساهتيہ اڪيڊمي ايوارڊ سان نوازيو ويو. جهمون چڳاڻيءَ 27 آگسٽ 2016ع تي پرلوڪ پڌاريو.

## گل ڪونڌر

گل ڪونڌر مشهور ليکڪ، ڪمپيئر، تعليمي ماهر ۽ صحافي آهي اڄ سندس سالگرهہ جو ڏينهن آهي هن سلجهيل ساهتڪار جو جنم 05 سيپٽمبر 1963ع تي نوشهروفيروز ضلعي ۾ خانواهڻ شهر ويجهو ڳوٺ مڏ ڪونڌر ۾ ٿيو هن ايم اي ايڪنامڪس، ايم ڪام ۽ ايل ايل بي جون سنڌون حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ ڪاليج جي ليڪچرار طور ڪيائين ۽ 2023ع ۾ پرنسپال طور رٽائر ٿيو سنڌي ادبي دنيا ۾ هو هڪ شاعر، ناول نگار، مضمون نگار ۽ ڪالم نگار طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو هن 1994ع ۾ ماهوار "ادب" جي نالي سان هڪ ادبي رسالو جاري ڪيو اهو رسالو ڪجهہ وقت تائين ماهوار ادبيب جي نالي سان پڻ ڇپيو ۽ 2006ع تائين جاري رهيو پاڻ انهيءَ رسالي جي ايڊيٽر طور ذميداريون سنڀاليائين پاڻ سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهي چڪو آهي ڪيس انهيءَ سنگت جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪرڻ جو بہ اعزاز حاصل آهي هو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مشهور ڪمپيئرن مان هڪ آهي هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن جن ۾ "ڏک سڪن جي سونهن" (ڪهاڻيون)، "سنڌي لار ماڪيءَ" (ڪهاڻيون)، "مائي مجاور" (ڪهاڻيون)، "شفق جي پار" (شاعري)، "تنهنجي اکين پرين" (شاعري)، "سدا رهي روح رهاڻ" (مضمون)، "بند ڪلين مان ٽڙندا گل" (ناول)، "ميٺهن وسندا موٽ تون" (ناول)، "ڏک سکن جي سونهن" (ناول)، "چونڊ انٽرويو" ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب شامل آهن

## هريڪانت رويچند جيٿملاڻي

هريڪانت رويچند جيٿملاڻي هندستان ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ جو چوٽيءَ جو شاعر ۽ ڪهاڻيڪار هو. هن 5 سيپٽمبر 1935ع تي سنڌ جي شهر جيڪب آباد ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. اڃا ٻن ورهين جو معصوم ٻارڙو هو جو سندس ماءُ پرلوڪ پڌاريو 1947ع ۾ ورهاڱي جا ور سهي سندس خاندان هندستان جي شهر اجمير ۾ وڃي آباد ٿيو انهيءَ ئي شهر ۾ هن مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ان کان پوءِ هن سڌ سماءَ واري کاتي ۾ هڪ مترجم طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو اڳتي هلي پنجاب يونيورسٽيءَ مان بي اي جي سَنڌ حاصل ڪيائين ۽ گڏوگڏ ساهتيہ رتن جو امتحان بہ پاس ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ هن دهلي يونيورسٽيءَ ۾ فلاسافيءَ ۽ نفسيات جي شعبي ۾ ايم اي ۾ داخلا ورتي ۽ دهليءَ جي ٽريڊ ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري حاصل ڪئي پر ٻن سالن اندر نوڪري ۽ پڙهائي ڇڏي ڏنائين اڳتي هلي آڪاشوائيءَ جي سنڌي سيڪشن ۾ نوڪري ڪيائين. هريڪانت جو ادبي سفر اجمير ۾ هڪ شاعر ۽ ڪهاڻيڪار طور شروع ٿيو هن جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو 1961ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن لڳ ڀڳ 12 ڪتاب لکيا جن ۾ سندس شاعريءَ جا مجموعا، ڪهاڻين جا مجموعا، ناٽڪ ۽ ٻيا ليک شامل

## حسن درس

مختيار انڙ

اڄ سنڌي ٻوليءَ جي سرموڙ شاعر حسن درس جي سالگرهہ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 5 سيپٽمبر 1966ع تي ٽنڊي الهيار تعلقي جي ڳوٺ مشائخ هوتيءَ ۾ ٿيو هو. اٺين ڪلاس تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو ۽ مئٽرڪ جو امتحان مسلم اسڪول ٽنڊي الهيار مان پاس ڪيائين. ايم اي (سنڌي) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. 16 سالن

جي عمر ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. هن کي سونهن، رومانس، قطرت ۽ انقلاب جي شاعر طور ياد ڪيو وڃي ٿو. 1988ع کان 2008ع تائين مختلف اخبارن، رسالن ۽ ٽي وي چينلن سان لاڳاپيل رهيو. 16 جون 2011ع تي پرهہ ڦٽيءَ مهل هڪ روڊ حادثي ۾ سندس روشن زندگيءَ جو ڏيئو اجهامي ويو. هن جي شاعريءَ جو مجموعو "حسن درس جو رسالو" ڇپجي چڪو آهي.

## زين ڪوسو



هن مشهور شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 5 سيپٽمبر 1971ع تي ڳوٺ جيئنجاڻي، تعلقي جوهي ضلعي دادوءَ ۾ ٿيو. هن جو پورو نالو زين العابدين ولد مينهون خان ڪوسو آهي. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول جوهيءَ مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ ايل ايل بي جون سنڌون حاصل ڪيائين. هو سنڌي ادبي سنگت جوهي شاخ جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو آهي. هن استاد بخاري ۽ احمد خان مدهوش کان متاثر ٿي 1986-87ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. سندس شاعريءَ ۾ غزل، نظم، وايون، بيت، هائيڪا، ٽہ سٽا ۽ چوسٽا وغيره شامل آهن. سندس ڪجهہ شاعري گڏيل شاعريءَ جي ڪتابن "وڻ وڻ منجهان واس"، "سوجهن پنڌ ڪيو"، "سخنور سنڌ ڌرتيءَ جا"، "اجريل عڪس اندر جا"، "اڪيون پسي آئيون" ۽ "جهونڪا پورب واءَ جا" ۾ شامل آهي. هن هڪ ڪتاب "جوهيءَ جا جرڪل" 2020ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

## ثاقب ابڙو

اڄ اسٽيج ريڊيو ۽ ٽيليويزن جو مشهور ڪمپيئر ثاقب ابڙو پنهنجي سالگرهہ ملهائي رهيو آهي هن 5 سيپٽمبر 1980ع تي حيدرآباد ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو سندس والد عبدالرشيد ابڙو (رشيد هالائي) ۽ چاچو منصور ويراڳي سنڌ جا نامور اديب ۽ شاعر هئا. ثاقب ابڙي پرائمريءَ کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم ماڊل اسڪول اولڊ ڪئمپس حيدرآباد مان حاصل ڪئي ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (ايڪنامڪس) ۽ پرسٽن يونيورسٽي ڪراچيءَ مان ايم بي اي جي سند حاصل ڪيائين هن پنهنجي فني سفر جي ابتدا حيدرآباد جي ايف ايم 105 تي 2004ع ۾ پروگرام ميزبان طور ڪئي سندس پروگرامن ۽ ڪمپيئرنگ جي انداز کي ٻڌندڙن پاران گهڻو ساراهيو ويو آهي ان بعد هو مختلف سنڌي ٽيليويزن چينلن ۽ اسٽيج تي ميزبان، ڪمپيئر ۽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪندو رهيو آهي پاڻ ايف ايم 105 لاڙڪاڻي، ريبسٽ ڪئمپس ريڊيو ڪراچي ۽ جوش ايف ايم 99 تي اسٽيشن مئنيجر طور ڪم ڪري چڪو آهي اڄڪلهہ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي ايف ايم ريڊيو تي اسٽيشن مئنيجر طور ذميداريون سنڀالي رهيو آهي

## ديوان ڀڳوانداس

ديوان ڀڳوانداس ٽنڊي محمد خان جو مشهور قوم پرست اڳواڻ ۽ سماج سڌارڪ انسان هو اڄ سندس ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي هن 10 جنوري 1964ع ۾ ٽنڊي محمد خان ۾ ديوان ڌرمون مل لوهاڻي جي گهر ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو پرائمري تعليم پنهنجي شهر مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا امتحان ٽرئيبول ماتلي ۽ ٽنڊي ڄام محمد مان پاس ڪيائين اڳتي هلي ايم اي ايڪنامڪس جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين 1981ع ڌاري ادبي ۽ سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين انهيءَ سال هو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو ميمبر بڻيو ۽ سڄي عمر قوم پرست سياست سان لاڳاپيل رهيو هو سائين جي ايم سيد جي وفات کان پهريائين ۽ پوءِ هڪ سچي ڪارڪن طور پنهنجو ڪردار نڀائيندو رهيو جنرل ضياءالحق واري مارشل لا واري دور ۾ ڪيترائي ڀيرا قيد ۽ بند جون صعوبتون بہ برداشت ڪيائين عمر جي آخري حصي ۾ سياسي سرگرمين کان پاسيرو ٿي ويو پر پنهنجون سماجي خدمتون جاري رکيائين هن 5 سيپٽمبر 2014ع تي هي جهان ڇڏيو

## ڊاڪٽر قمر جهان مرزا

هن نامور تاريخ نويس ۽ شاهہ جي شاعريءَ تي عبور رکندڙ ساهتڪاره جو جنم 14 آگسٽ 1952ع ۾ ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ٿيو سندس والد جو نالو مرزا غلام حسين بيگ هو هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ايم اي ۽ پي ايچ ڊي جون سنڌون حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار طور ڪيائين اڳتي هلي ساڳئي شعبي ۾ چيئرپرسن جو عهدو ماڻيائين پاڻ 1998ع کان 2003ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ موجود نياڻين جي هاسٽل مارئيءَ جي پرووسٽ پڻ رهي ۽ 2012ع ۾ رٽائر ٿي سندس لکيل ڪتابن ۾ "ادب ۾ ٽالپرن جو حصو" ۽ "حيدرآباد ٽالپرن جي دور ۾" شامل آهن ان کان علاوه هن سنڌ جي تاريخ، ادب، شاهہ جي شاعري ۽ لاڳاپيل موضوعن تي ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا هن 5 سيپٽمبر 2019ع تي وفات ڪئي

# CLASSIFIED ADVERTISMENT

## ڪورٽ نوٽيس

## عام اطلاع

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

## INVITATION TO E-BID
### THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through **SAP-Ariba Discovery** for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

| SR # | TENDER NUMBER | DESCRIPTION | CLOSING DATE & TIME |
|---|---|---|---|
| 1. | OGDC-SCM-SERVICES-CB-RM-4405-333421213-2026 | SERVICES FOR OVERHAULING OF ELMAGCO BRAKE | 22.09.2026 AT 1030 Hrs |
| 2. | OGDC-SCM-LBF-CB-CSR-GHOTKI-333547124-2026 | CONSTRUCTION OF MOTHER AND CHILD HEALTH CARE CENTER (MCHC) AT THQ HOSPITAL GHOTKI, SINDH PROVINCE | 28.09.2026 AT 1130 Hrs |
| 3. | OGDC-SCM-FB-CB-DRLG-333207336-2026 | TOOL JOINTS, CASING & THREAD LOCKING COMPOUND | 12.10.2026 AT 1100 HRS |

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
3. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

**General Manager**
**(Supply Chain Management)**
**Oil & Gas Development Company Limited**
**OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.**
**Phone No. 92-51-920023540/3795**

ogdcl.com

No.128/12

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

## گمبٽ لڳ نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري علائقي جو وڏيري قتل ڪري ڇڏيو

### پريالو شهر جي مين چوڪ تي هٿياربندن وڏيري راجا خان اوڊو تي فائرنگ ڪري فرار ٿي ويا

### اطلاع تي حد جي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

### معاملي جو ڪارڻ معالوم نہ ٿي سگهيو آهي، وڌيڪ جانچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

گمبٽ (ت ر) گمبٽ جي ڪچي واري علائقي پريالوءَ ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿياربند پريالوءَ شهر جي مين چوڪ تي فائرنگ ڪري علائقي جي برک زميدار وڏيرو راجا خان اوڊو کي موقعي تي قتل ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو پوليس موجب معملي جو ڪارڻ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي وڌيڪ جاچ جاري آهي.



گمبٽ: ڪچي جي علائقي ۾ قتل ٿيل زميندار جو فائيل فوٽو

## هنگورجا پرسان منگنيچا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 16 ڄڻا زخمي

### مجر چوڪ تي منگنيچا برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو

### جهيڙي ۾ شيراز، محمد حيات، عاقب، الله ڏنا ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

گمبٽ (ت ر) هنگورجا جي مجر چوڪ تي منگنيچا برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي تي ڪهاڙين لاٺين جو آزادانا استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ شيراز علي منگنيچو محمد حيات منگنيچو عاقب منگنيچو الله ڏنا ، ثابت

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

بدين: مذهبي تنظيم پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

## ٽنڊوآدم ۾ پوليس مقابلو، جوابدار زخمي حالت ۾ ساٿي سميت گرفتار

پوليس جي اشاري ڪرڻ تي ڪار سوارن مٿان فائرنگ شروع ڪري ڏني، جوابي فائرنگ ۾ شارخ زخمي حالت ۾ ساٿي راشد علي سميت گرفتار ڪيا ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم سٽي پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ ... موبائل ڪي ڏسندي ئي ... پنجاب جي علائقي بهاوليور جو رهواسي ... اشارو ڪيو جنهن تي ... دوران پوليس

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

## چيف سيڪريٽري سنڌ جو نوابشاهه جو دورو، ڊويزن جي انتظامي معاملن بابت اجلاس

### آصف حيدر شاهہ صحت، تعليم، امن امان، ترقياتي منصوبن ۽ عوامي سهولتن جو جائزو ورتو

### سرڪاري زمينن جي تحفظ، قبضا ۽ حدخلين ختم ڪرڻ ۽ روينيو رڪارڊ بهتر بڻائڻ تي خاص ڌيان ڏيڻ جي هدايت

### قائد عوام انجنيئرنگ يونيورسٽي جو پڻ دورو، شاگردن لاءِ جديد ٽيڪنالاجي تحقيق ۽ عملي تربيت تي ڌيان ڏيڻ تي زور

نوابشاهه(رپورٽ: مشرف يحيٰ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه هڪ ڏينهن جي دوري تي نوابشاهه پهتو ڊويزن جي مجموعي صورتحال بابت اجلاس قائد عوام انجنيئرنگ يونيورسٽي جو پڻ دورو. چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه هڪ ڏينهن واري دوري تي نوابشاهه پهتو جتي هن ڪمشنر آفيس شهيد بينظيرآباد ۾ ڊويزن جي مجموعي صورتحال بابت

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

## گمبٽ پوليس جون ڌوهارين سان مقابلو، ٻه ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي

گمبٽ (ت ر) گمبٽ پوليس جي ڌوهارين سان مقابلي ... آصف علي ... زخمي حالت ۾ گرفتار ... ڄڻن ... هٿيار ... گمبٽ پوليس موجب گرفتار ٿيل ... خلاف مختلف ٿاڻن تي ڪيس داخل آهن.

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

## ٽنڊوآدم لڳ نوجوان شاخ ۾ ڪري بڌي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ڪاپ ڳوٺ قيصر گهوٽ جو رهواسي 30 سالا نوجوان ڏيالو ولد پوپٽ مرگهي جي بيماري سبب شاخ ۾ ڪري بڌي فوت ٿي ويو جنهن کي مائٽ تعلقہ اسپتال ٽنڊوآدم کڻائي آيا جتي ڊاڪٽرن نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي بعد ۾ ضروري ڪارروائي ڪان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو والدين کي بيهوشي جا دورا پئجي رهيا هئا.

## سنڌ پاڪستان ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ صوبو آهي، سنڌ کي ڪير بہ ٽوڙي نٿو سگهي: خرم سومرو

### ملڪ ۾ 1973ع جو آئين موجود آهي، جنهن ۾ نئون صوبو ٺاهڻ بابت واضح طريقيڪار بيان ٿيل آهي

### سنڌ اسيمبلي اڳ ئي هڪ تاريخي قرارداد منظور ڪري نئون صوبو ٺاهڻ واري سازش کي دفن ڪري ڇڏيو آهي

### سنڌ اسيمبلي جي قرارداد سنڌ جي عوام جي خواهشن جي عڪاسي ڪري ٿي، سنڌ جي ورهاست بابت ڪنهن بہ قدم کي قبول نہ ڪيو ويندو

ٽنڊو محمد خان(ڏ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ ايم پي اي خرم سومرو سنڌس رهائش گاهه تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ پاڪستان ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ صوبو آهي سنڌ امڙ کي ڪير بہ ٽوڙي نٿو سگهي هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي عوام سان گڏ آهي سنڌ پاڪستان جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ تاريخي صوبو آهي سنڌ کي ورهائڻ يا نئون صوبو ٺاهڻ بابت ڪنهن بہ قسم جي سازش کي سنڌ جو عوام ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندو هن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

## خيرپور ۾ پوليس جون ڪارروايون، چوري ٿيل 2 موٽرسائيڪلون هٿ، 6 جوابدار گرفتار

خيرپور(ڏ ر) خيرپور پوليس فورس جون منشيات فروشن خلاف ڪامياب ڪارروايون 6 منشيات فروش گرفتار چوري ٿيل 2 موٽرسائيڪلون هٿ. ايس ايس پي امير سعود مگسي تفصيل موجب خيرپور: پوليس فورس منشيات فروشن خلاف ڪامياب ڪارروايون ڪندي 6 منشيات فروشن کي گرفتار ڪيا آهن اها

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

## دادو ڪچي ۾ 8 ڄڻن جي قتل واري واقعي بعد پوليس آپريشن، 14 نامزد جوابدار گرفتار

### جهلو ٿاڻي تي داخل ٻن ڪيسن ۾ نامزد ٻنهي ڌرين جا جوابدار گرفتار، ٻنهي ڪيسن جا فريادي پڻ شامل

### 11 جوابدارن وٽان 3 ڪلاشنڪوف، 3 رائفلون، 3 ريپيٽر ۽ هڪ بندوق سميت وڏي مقدار ۾ گولين ۽ ڪارتوس هٿ

### هٿيارن جي برآمدگي تي وڌيڪ 11 ڪيس داخل، امن امان جي بحالي ۽ سمورن نامزد جوابدارن جي گرفتاري تائين آپريشن جاري

دادو(رپورٽ-ولي محمد لنڊ) دادو ڪچي جي ڳوٺن دانو چانڊيو ۽ شيخ گلاب ۾ 8 ڄڻن جي قتل واري واقعي جي سلسلي ۾ جاري پوليس آپريشن دوران پوليس 14 نامزد جوابدار گرفتار ڪري ورتا وڏي مقدار ۾

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

## هالا بوائز هاءِ اسڪول ۾ شاگردن تي حملي خلاف فراش برادري جو احتجاج

### ڏاهري برادري ماڻهن اسڪول اندر داخل ٿي استادن ۽ شاگردن تي حملو ڪيو: مظاهرين

### حملي ۾ ملوث جوابدار بااثر آهن ۽ ڪجهه علائقي جي بااثر ماڻهن جي پشت پناهي حاصل آهي

هالا (ت ر) گذريل ڏينهن هالا جي تاريخي درسگاهه مخدوم غلام حيدر گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ شاگردن ۽ استادن تي حملو ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار نہ ڪرڻ خلاف فراش برادري جي ماڻهن پاران هالا پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين ميلا رضا، حب علي پٽ سڏين

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

## سکر: سنڌ ترقي پسند پارٽي اڳواڻ محمد علي شيخ جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ ترقي پسند پارٽي سکر جي ڊويزنل جنرل سيڪريٽري محمد

## خيرپور آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران نثري نظمن جي ٽن ڪتابن جي مهورتي تقريب

خيرپور(ڏ ر) خيرپور آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران نثري نظمن جي ٽن ڪتابن جي مهورتي تقريب اج آرٽس ڪائونسل خيرپور ۾ منعقد ڪئي ويندي تقريب جي صدارت ناميارو ليکڪ مصطفيٰ ناٿڳراج ڪندو جڏهن تہ خاص مهمان حبيب ساجد هوندو جن ۾ ڪتابن جي مهورت ڪئي ويندي انهن ۾ تاج

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

## سکر ڊويزن ۾ تحفظِ ناموسِ صحابہؓ ۽ اهل بيت لاءِ 20 سيپٽمبر تي مارچ جو اعلان

### سني علماءِ ڪائونسل جي مشاورتي اجلاس ۾ محبوب ڳوٺ کان گهنٽا گهر تائين مارچ ڪڍڻ جو متفقہ فيصلو

سکر (بيورو رپورٽ) سني علماءِ ڪائونسل ڊويزن سکر جي اهتمام هيٺ سکر ڊويزن ۾ اصحاب رسول ﷺ جي توهين ۽ تحفظ ناموس صحابہ بل نافذ نہ ٿيڻ خلاف جامعہ دارالعلوم محمديہ ۾ مشاورتي اجلاس منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي قائد مولانا علامہ ثناءُ الله حيدري خاص شرڪت ڪئي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

## پريس ڪلب سڪيون هميشہ غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جو سگهارو آواز رهيو آهي: علي حيدر ڪرل

### پريس ڪلب سڪيون جي صحافين جون علائقي جي عوام لاءِ ڪيل خدمتون ساراهہ جوڳيون آهن

### علي حيدر ڪرل پريس ڪلب ضمني چونڊن جي بهترين ڪوريج تي صحافين جا ٿورا مڃيا

سڪيون (ن ع) سڪيون پيپلزپارٽي جي اڳواڻ علائقي جي سماجي ڪمن ۾ اڳڀرو رهندڙ متحرڪ ڪردار علي حيدر ڪرل پريس ڪلب سڪيون پهچي پي ايس 30 ضمني چونڊن جي حوالي سان بهترين ڪوريج ڏيڻ تي پريس ڪلب سڪيون جي صحافين جا ٿورا مڃيا ۽ مڃتا طور پريس ڪلب سڪيون جي سرپرست اعلي ميان اسدالله چنا کي لونگي پارائي شڪريو ادا ڪيو ياد رهي تہ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل جوابدار اسپتال ۾ داخل آهي

ٽنڊوڄام: شهري پوليس خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

## شهدادپور: سافڪو چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سليمان ابڙو جو ڀاءُ لاڏاڻو ڪري ويو

شهدادپور(ن ع) سافڪو چيف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو جو ڀاءُ مراد علي ابڙو ڪجهہ عرصو بيمار رهڻ بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ڪيس سوين آلين اکين سان ابائي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويندو هو ڏانهن سندس ٽنڊو ابڙا پاڙو بابلي هائوس تي رکيو ويندو

شهدادپور: سافڪو چيف سليمان جي ابڙو جو ڀاءُ مراد علي ابڙو (فائيل فوٽو)

## خيرپور: ٽيڙهي جي بوڊ متاثرن جو گهرن لاءِ منظور ٿيل قسط نہ ملڻ خلاف احتجاج

### رهواسين جو سرسو ابن جي او عملي تي ڇهن سالن کان مالي مدد روڪڻ جو الزام

### 2022ع ۾ گهرن جي تعمير لاءِ سروي باوجود ڪيترائي مستحق قسطن کان محروم آهن: مظاهرين

خيرپور(ڏ ر) خيرپور جي علائقي ٽيڙهي جي رهواسين پاران سرسو ابن جي او عملي پاران گهرن لاءِ منظور ٿيل قسط جاري نہ ڪرڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي مولوي غلام مصطفيٰ ميمڻ ۽ اسپيشل پرسن محمد جاويد ميمڻ خيرپور پريس ڪلب

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

## ٽنڊوالهيار ۾ ٻہ سڳيون ڀينرون مبينا اغوا، 6 ڄڻن خلاف ڪيس داخل

### رات جو هٿياربند گهر ۾ داخل ٿي سيتا ۽ روپي کي اغوا ڪري ويا: والد

### والد جي فرياد تي منصور ماڇي، امجد ماڇي ۽ محمد ماڇي سميت 6 ڄڻن تي ڪيس داخل

ٽنڊوالهيار (ڏ ر) ٽنڊوالهيار جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان ٻہ سڳيون هندو ڀينرون مبينا اغوا ڪيس داخل خبر موجب ٽنڊوالهيار جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ابراهيم ڪالوني مان ٻہ سڳيون هندو ڀينرون مبينا طور اغوا ٿيڻ جو معاملو سامهون آيو آهي واقعي بابت ڇارين جي والد جي فرياد

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

## سيوهڻ ۾ چور پورهيت جي دڪان جا تالا ٽوڙي قيمتي سامان چوري ڪري فرار

### چور دڪان مان هڪ بيٽري، گراهڪن جون ڪينچيون ۽ 500 ڪلو لوهہ چوري ڪري ويا

### سي سي ٽي وي فوٽيج هجڻ باوجود پوليس طرفان ڪا ٺوس ڪارروائي نہ ڪئي وئي

سيوهڻ(ن ع)سيوهڻ جي پراڻي بس اسٽاپ وٽ 3 نامعلوم چور ڪينچيون ڏاهيندڙ پورهيت خرم مغل جي دڪان جا تالا ٽوڙي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

## ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ 4 ڄڻا فوت، هڪ عورت جو لاش مليو

### ڊيفنس ويجهو رهائشي عمارت جي بند فليٽ مان 70 سالن جي عورت جو پراڻو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت جي لاش ملڻ سميت 4 ڄڻا فوت جڏهن تہ

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

## خيرپور ۾ منشيات جي وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

خيرپور(ڏ ر) خيرپور ۾ منشيات خلاف احتجاج، ايس ايس پي کان نوٽيس وٺڻ جي گهر خيرپور شهر ۾ منشيات جي وڏندڙ آزار خلاف ايڊوڪيٽ نور محمد تنيو فرمان سهتو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ خاڪي شاهہ پل کان چني چوڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مقامي اسڪول ۾ ٻارڙيون پينٽنگز ٺاهي رهيون آهن

## ڏگهڙي روشن تارا پرائمري اسڪول کي بنيادي سهولتون نہ ملڻ، محتسب اعليٰ جو نوٽيس

### اسڪول بلڊنگ، چار ديواري ۽ واش روم جي سهولت کان محرومي بابت اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي عملدارن کان پڇاڻو

### ريجنل محتسب اعليٰ ميرپورخاص پاران 15 سيپٽمبر تائين لکت ۾ جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي:گورنمينٽ پرائمري اسڪول روشن تارا تعلقہ ڏگهڙي کي اسڪول بلڊنگ ۽ واش رومن سميت گهربل بيون سهولتون چو نہ ڏنيون ويون آهن؟ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي ميرپور خاص پاران اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ميرپورخاص جي عملدارن کان پڇاڻو ڪندي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

## راڌڻ ۽ پرسان چورن جو راڄ، هڪ ئي ڏينهن چورين جون 2 وارداتون

### نامعلوم چور پورهيت جو ڪارگو لوڊر ۽ آبادگارن جا پاڻي وارا موٽر چورائي ويا

### چورين خلاف متاثرن ۽ شهرين جو ٻهارو ٿاڻي آڏو ٽائر ساڙي احتجاج، نعريبازي

راڌڻ(قربان علي ڪلال) راڌڻ لڳ ڪجهي ۽ پڪي واري علائقي ربڙي جي ڪچي جي ٿاڻي گلوسيال ۽ پڪي جي علائقي ٻهارو ٿاڻي جي حد مان چوري جون 2 ڌار ڌار وارداتون پورهيت جو ڪارگو رکشا طرف پاڻي وارا 2 موٽر چوري،متاثرين ۽ شهرين جو ٻهارو ٿاڻي آڏو ٽائر ساڙي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

## بجلي چور اسان جا دشمن آهن، 100 سيڪڙو واجبات وصولي لاءِ آپريشن جاري رهندو: حيسڪو

### حيسڪو جو بجلي چورن ۽ نادهندن خلاف آپريشن جاري، 363 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا

### مختلف سب ڊويزن ۾ ڪارروايون، 45 ميٽر ضبط، 2,590 ميٽر غيرقانوني تار ڊهرايل ۾ وٺڻ جي دعوي

حيدرآباد (اپ ر) حيسڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري جي هدايتن تي بجلي چورن ۽ نادهندن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروايون جاري آهن حيسڪو انتظاميا ۽ ڊي ايس يو (ڊسڪو سپورٽنگ يونٽ) جي گڏيل ڪارروائين دوران حيسڪو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: حيسڪو طرفان بجلي چورن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

## مسوريڪٽري ۾ حد دخلين ۽ ڇپرن جي ڀرمار، مين روڊ تي ٽريفڪ جام معمول بڻيل

### روڊ جي ٻنهي پاسن تي 8 کان 10 فوٽ تائين ڇپرا قائم، موٽرسائيڪلن بيهارڻ سبب هلڻ ۾ مشڪلاتون

### شام وقت خريدارن ۽ عام ماڻهن جي رش سبب اچ وڃ سخت متاثر، مريضن ۽ وڏين گاڏين جو گذرڻ بہ مشڪل بڻيل

مسوريڪٽري (ن ع) مسوريڪٽري شهر ۾ وڌندڙ حد دخلين ۽ روڊن جي ٻنهي پاسن تي قائم ڪيل ڇپرن سبب عوام لاءِ اچ وڃ سخت مشڪل بڻجي وئي آهي خاص طور تي شام جي وقت مين روڊ تي خريدارن ۽ عام ماڻهن جي رش وڌڻ ڪري صورتحال وڌيڪ سنگين ٿي وڃي ٿي مين روڊ جي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

## سعيده جتوئي ڪيس: سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ٽئي درخواستون رد ڪري ڇڏيون

### جعلي پوليس مقابلي ۾ قتل الزام واري ڪيس ۾ پوليس آفيسرن خلاف ايف آءِ آر بابت داخل درخواستون عدالت رد ڪيون

### جاچ آفيسر جو بيان رڪارڊ، واقعي جو پيو مرتب ساڳي ڪرائم نمبر ۾ قلمبند ڪري سگهجي ٿو: عدالت

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ پاران سعيده جتوئي ڪيس ۾ ٽنهي درخواستن کي رد ڪري ڇڏيو سال 2021ع ۾ سعيده جتوئي مبينا طور جعلي پوليس مقابلي ۾ قتل ٿي وئي جنهن بابت ڪرائم نمبر 171/2021 داخل ڪيو ويو بعد ۾ سعيده جتوئي جي ڀيڻ مسماۃ رخسانہ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

## جيئي سنڌ محاذ پاران 20 سيپٽمبر تي نوابشاهہ ۾ "تحفظ سنڌ مارچ" جو اعلان

### سنڌو درياهہ ۽ سنڌ جي وسيلن جي تحفظ لاءِ سنڌ واسين کي ڀرپور شرڪت جي اپيل: رياض چانڊيو

### سنڌ اسيمبلي جون قراردادون ڪافي ناهن، درياهہ ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن

ٽنڊوآدم (ن ع) جيئي سنڌ محاذ پاران سنڌو درياهہ ۽ سنڌ جي وسيلن جي تحفظ لاءِ 20 سيپٽمبر تي نوابشاهہ ۾ "تحفظ سنڌ مارچ" جو اعلان. رپوٽ موجب جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو سنڌو درياهہ ۽ سنڌ جي وسيلن جي تحفظ لاءِ 20 سيپٽمبر تي نوابشاهہ ۾ "تحفظ سنڌ مارچ"

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سکر: ٻيراج بائي پاس تي حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جو لاش منتقل ڪيو پيو وڃي

## مورو: مقتول اڪبر آرائين جو 6 ڄڻن مٿان ڪيس داخل

### مقتول جي والد جي فرياد تي 4 سڃاتل 2 اڻ سڃاتلن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو

### واقعي بعد علائقي خوف حراس ڇانيل آهي، ڪابہ گرفتاري عمل ۾ نہ اچي سگهي

مورو(ن ع) شاهپور جانيان ۾ آرائين ۽ ٻگهيا برادري ۾ ٿيل جهيڙو دوران قتل ٿيل نوجوان اڪبر آرائين جو قتل ڪيس دولتپور ٿاڻي تي سندس والد ارشد آرائين جي فرياد تي الزام هيٺ ايل ٻگهيا ڌر جي ٻن پائرن سميت 4 سڃاتل ۽ 2 اڻسڃاتلن سميت 6 ڄڻن مٿان داخل ڪيو ويو آهي علائقي خوف

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

## ٽنڊوالهيار ۾ پ ٽ الف پاران ٽي اي او فيميل خلاف احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان

### ٽي اي او استادن جا جائز ڪم بغير ڪنهن رشوت جي صحيح نہ ٿي ڪري: اڳواڻ

### ڪانٽيجنسي بجيٽ ۾ مبينا بي ضابطگين ۽ ٺيڪيدارن کي نوازيو پيو وڃي

ٽنڊوالهيار (ڏ ر) ٽنڊوالهيار ۾ پ ٽ الف طرفان ٽي اي او فيميل پرائمري خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان. ديوڪي چوڙ ٽي اي او استادن جي لاءِ آزار بڻيل آهي . ڪو بہ ڪاغذ بغير ڪنهن رشوت جي صحيح نہ ٿي ڪري . ٽي اي او فيميل خلاف اهم انڪشاف سامهون اچي ويا . استادن سان

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

## راڌڻ پرسان ربڙي مان نائين ڪلاس جو شاگرد پراسرار نموني گم

### ڳوٺ حبيب الله اڄڻ واسي عبدالقيوم اڄڻ اسڪول وڃڻ بعد واپس نہ موٽيو: وارث

### ٽينگر کي ڪمند جي فصل ۾ تشدد ڪندي گهلي وڃڻ جا اطلاع مليا آهن شڪ آهي اغوا ڪيو ويو آهي

راڌڻ(قربان علي ڪلال) راڌڻ پرسان ربڙيءَ جو رهائشي نائين ڪلاس جو شاگرد پراسرار نموني گم وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر ڳولا جاري ربڙي جي ڳوٺ حبيب الله اڄڻ جو رهواسي نائين ڪلاس جو شاگرد عبدالقيوم اڄڻ پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي ان ڏس ۾ سندس پيءُ خليل احمد اڄڻ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

## ٻلوري ۾ سونا زنگيجو جي مبينا قتل خلاف وارثن جو احتجاج

### سونا زنگيجو خودڪشي نہ ڪئي، مبينا قتل ڪري خودڪشي جو رنگ ڏنو ويو: مظاهرين

### رپورٽ سميت سمورن معاملن جي ٻيهر غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي

سجاول(ڏ ر) ميرپور ٻلورو تعلقي جي ڳوٺ بجل زنگيجو ۾ 7 آگسٽ تي شادي شده عورت سونا زنگيجو جي مبينا خودڪشي واري واقعي خلاف سندس وارثن زنگيجو برادري، سول سوسائٽي ۽ ٻين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاج ڪندڙن ۾ سونا زنگيجو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

## حيدرآباد: مخدوم حسيب الزمان جي اياز لطيف پليجو سان ملاقات

### مخدوم حسيب الزمان پاران سنڌ بابت سازشن خلاف اياز لطيف پليجو جي ڪردار کي ساراهيو

### اياز لطيف پليجو جو سنڌو درياهہ جي پاڻي، زمينن ۽ وسيلن جي تحفظ جو عزم

### ميرٽ، ڪرپشن، مهانگائي ۽ خراب حڪمراني خلاف جدوجهد تي زور، برابري وارن حقن جي فراهمي جو مطالبو

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي )مخدوم طالب المولا جي پوٽي ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان جي فرزند مخدوم حسيب الزمان جي قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجو سان سندن لا آفيس ۾ ملاقات ڪئي ۽ سنڌ ۽ پاڪستان جي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

## ميرپور ساڪرو ۾ نئين تعمير ٿيل نادرا ميگا سينٽر جو باضابطا افتتاح

### افتتاحي تقريب ۾ امير علي خان، صادق ميمڻ ۽ عبدالحميد پنهور سميت معززن جي شرڪت

### ڊنگر پرنٽ ڪم نہ ڪرڻ جي صورت ۾ اکين ذريعي سڃاڻپ جي سهولت پڻ موجود آهي: ڊي جي نادرا

ميرپور ساڪرو (ن ع) ميرپور ساڪرو ۾ نئين تعمير ٿيل نادرا جو افتتاح باضابطا ضلعي چيئرمين عبدالحميد پنهور ۽ علائقي جي معزز شرڪت ڪئي ميرپور ساڪرو جي نادرا سينٽر هڪ عاليشان ميگا ٿي ويو جڏهن تہ ڊي جي نادرا امير علي خان ، ايم اين اي صادق علي ميمڻ ،

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ميرپورساڪرو: ايم اين اي صادق ميمڻ نادرا سينٽر جو افتتاح ڪري رهيو آهي

## احمدپور لڳ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو، 4 عورتن سميت 12 ڄڻا زخمي

### ڳوٺ فتح علي چانڊيو ۾ ٻنهي ڌرين وچ ۾ گهٽي رستي جي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو

### لٺيون ۽ ڏانگا لڳڻ سبب ثمينا، زاهدان، سيمان، پسند علي، دوست علي، لعل خان ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

### ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي جي 12 ڄڻن مٿان الڳ الڳ اين سي پڻ داخل ڪرائي وئي

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪاتوري) احمدپور لڳ ڳوٺ فتح علي چانڊيو ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ گهٽيءَ رستي جي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران لٺيون ۽ ڏانگا لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا چئن عورتن سميت 12 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن جنهن ۾ ثمينا خاتون زاهدان خاتون سيمان خاتون ،پسند علي دوست علي لعل خان، حسين علي، محمد حسن محمود، افضل صفدر ۽ شمن علي چانڊيو سميت سخت زخمي ٿي پيا آهن جن کي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سانگهڙ: شهري اتحاد جا ميمبرشپ فارم ڀريا پيا وڃن

## ٽنڊوالهيار ۾ گهر تي مبينا قبضي خلاف يتيم نوجوان جو احتجاج، انصاف جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (ڏ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي ٽنڊوسومرو روڊ جو رهواسي احمد لنڊ سڳي چاچي پاران گهر تي مبينا قبضي خلاف انصاف لاءِ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو ...

ٽنڊو آدم: جسم آڳواڻ رياض چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

## سکر ۾ بروهي برادري جو بااثر منشيات فروشن خلاف احتجاجي مظاهرو

منشيات فروش گهر ۾ داخل ٿي عورتن ۽ ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻايو: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) ... بروهي برادري ... منشيات فروشن ... تشدد ... بروهي ۽ ٻين سکر پريس

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

## سول ڊفينس روهڙي پاران مختلف سرڪاري ۽ خانگي ادارن ۾ فائر سيفٽي معائنا

سکر (بيورو رپورٽ) ... سول ڊفينس روهڙي ... فائر سيفٽي ... معائنا ...

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

## خيرپور ۾ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ گهر تي مبينا حملو عورت سميت 3 ڄڻا زخمي

خيرپور(ڏ ر) خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ... پاران شاروخ شهر جي ٺهر تي حملو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ عورت ۽ ٽينگري سميت 3 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي علاج لاءِ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي زخمين ۾ مسمات ظهوران خاتون ۽ ٽينگري فاطمہ شامل آهن زخمين جو چوڻ آهي تہ جوابدارن سان پراڻو تڪرار هلندڙ آهي جنهن جو ڪيس عدالت ۾ پڻ هلي رهيو آهي زخمين چيو تہ جوابدار

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

## پنگريو ۾ شاگرديائي کي مبينا هراسان ڪرڻ واري خبر جو ايس ايس پي نوٽيس ورتو

### خبر وائرل ٿيڻ بعد ايس ايس پي بدين پاران ڊي ايس پي ٽنڊوباگو کان تفصيلي رپورٽ طلب

### شاگرديائڻين کي هراسان ڪرڻ وارا واقعا ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪبا: ايس ايس پي

بدين (ڏ ر) پنگريو ۾ انٽرميڊيٽ جي شاگرديائي کي مبينا طور اوباش چوڪرن پاران هراسان ڪرڻ واري خبر سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ ڪانپوءِ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي فوري نوٽيس وٺي ڇڏيو ايس ايس پي بدين پاران ڊي ايس پي ٽنڊوباگو محمود پوٽ کي معاملي جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

## گمبٽ لڳ مسافر وين جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، پورهيت فوت

### خيرپور-لاڙڪاڻي روڊ تي تيز رفتار وين جو موٽرسائيڪل سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

### حادثي جي نتيجي ۾ 50 ورهين جو علي ڏنو منگلو ٿڏي تي دم ڏئي حوالي ڪيو

### اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

گمبٽ/ راڻيپور (ت ر) گمبٽ لڳ محبوب ڪلهوڙو ٿاڻي جي حد ۾ خيرپور-لاڙڪاڻو مين روڊ تي ڳوٺ عارف ڪلهوڙو وٽ تيز رفتار مسافر وين جو موٽر سائيڪل سوار کي زوردار ٽڪر لڳڻ سبب ڳوٺ مراد منگلو واسي 50 ورهين جو پورهيت علي ڏنو منگلو ٿڏي تي فوت ٿي ويو ۽ موقعي تان وين ڊرائيور فرار ٿي ويو اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي گمبٽ گمس اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو.

سيوهڻ: سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ چورن کي چوري ڪندي ڏسي سگهجي ٿو

## جهمپير ۾ عوامي تحريڪ جي سنڌ ورهاڱي، معدني وسيلن تي قبضن ۽ ڪئنالن خلاف ريلي

ٺٽو (ڏ ر) جهمپير ۾ عوامي تحريڪ جي سجاڳي مهم سنڌ جي ورهاڱي، معدني وسيلن تي قبضن ۽ ڪئنالن خلاف ريلي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي پاران سنڌ جي ورهاڱي سنڌ جي معدني ۽ قدرتي وسيلن تي قبضن جلاليور سميت سمورن ڪئنالن ۽ ڊيمن جي تعمير خلاف سجاڳي مهم هلائي وئي ان سلسلي ۾ عوامي تحريڪ جي اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ جهمپير شهر ۾

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

## ٽنڊو محمد خان لڳ ڪار جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، نوجوان فوت، هڪ زخمي

### سجاول روڊ جي نائون ميل اسٽاپ لڳ ڪار جو موٽرسائيڪل سان زوردار ٽڪر ٿيو

### حادثي جي نتيجي ۾ امتياز خاصخيلي موقعي تي فوت، وزير ملاح زخمي ٿي پيو

### لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهہ وارثن حوالي

ٽنڊو محمد خان(ڏ ر) ٽنڊو محمد خان سجاول روڊ جي نائون ميل اسٽاپ وٽ تيز رفتار ڪار اڳيان ويندڙ موٽرسائيڪل کي پويان کان زوردار ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ 27 سالا امتياز پٽ علي محمد خاصخيلي پاڻي جي ڪڏ ۾ وڃي ڪري موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن تہ وزير پٽ خير محمد ملاح روڊ تي ڪري سخت زخمي ٿي جنهن کي سول اسپتال آندو ويو حادثي بعد ڪار ڊرائيور مبينا طور فرار ٿي ويو زخمين ۽ فوتي کي 1122 ايمبولينس ذريعي سول اسپتال ٽنڊو محمد خان منتقل ڪيو ويو جڏهن تہ فوتي نوجوان امتياز جو لاش پڻ سول اسپتال ٽنڊو محمد خان ۾ پيل رهيو

## ڊنگر پرنٽ ڪم نہ ڪرڻ جي صورت ۾ اکين ذريعي سڃاڻپ جي سهولت پڻ موجود آهي: ڊي جي نادرا

### واقعي جو اصل جوابدار بهادر علي خاصخيلي آهي جنهن کي پوليس گرفتار ڪري ورتو

### جوابدار خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، داخل ڪوڙي ايف آءِ آر خلاف جاچ ڪئي وڃي: مظاهرين

ٺري ميرواهہ (ن ع) ڳوٺ سيري جي رهواسين خيرپور عدالت ٻاهران مبينا حملي جي داخل ڪيل ايف آءِ آر ۾ بيگناهہ ماڻهن کي نامزد ڪرڻ خلاف احتجاج ڪندي اعلي اختيارين کان انصاف ۽ شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو آهي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ استاد علي محمد،

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

مورو: زخمي ٿيل جو اسپتال ۾ علاج ڪيو پيو وڃي

## ميهڙ جي ٽن ڪالونين ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف رهواسين جو احتجاج

### بلاول، همدم ۽ اعجاز ڪالونين جي رهواسين مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

### 30 سال گذرڻ باوجود گهٽيون ۽ ناليون پڪيون نہ ٿي سگهيون، مسئلا حل ڪيا وڃن: مظاهرين

ميهڙ (ن ع) ميهڙ بلاول ڪالوني همدم ڪالوني ۽ اعجاز ڪالوني جا رهواسي طارق سولنگي، مزمل جانوري، بشير احمد هالو پرويز هالو وقار سولنگي سوٽو پنهور نثار چانڊيو وحيد ميراڻي اعجاز ميراڻي فياض

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

## ٽنڊوڄام پوليس جون منشيات فروشن خلاف 2 ڪارروايون، 2 جوابدار گرفتار

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام پوليس ٻن الڳ ڪارروائين ۾ ٻہ مبينہ منشيات فروش گرفتار هڪ ڪلو کان مٿي چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ، هڪ جوابدار جي گهر پاتين جو ٿاڻي آڏو ڌرڻو حيدرآباد-ميرپورخاص روڊ بند، لکين رپيا رشوت وٺڻ جو الزام. خبر موجب ٽنڊوڄام پوليس مبينا منشيات فروشن خلاف ٻہ ڌار ڌار ڪارروايون ڪري ٻن ڄڻن آصف ناهيون ۽ روشن زرداري کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان هڪ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

## ڪراچي جي خانگي اسپتال ۾ غير حامله عورت جي سي سيڪشن جو انڪشاف

### جاچ رپورٽ ۾ مريضہ زوبيا راشد ڳوڙهاري نہ هجڻ جو انڪشاف ٿيو

### اسپتال ۾ مريضہ جو بي پي وڌڻ سبب آپريشن ڪرڻ ۽ ٻار پيدا ٿيڻ جو لکيل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي هڪ خانگي اسپتال ۾ غير حامله عورت جي سي سيڪشن ذريعي جيئري ٻار جي پيدائش جو اندراج سامهون اچڻ ڪانپوءِ معاملو وڌيڪ سنگين ٿي ويو آهي عورت طرفان مبينا طور ٻار جي چوري جي الزام وارو معاملو پوليس جي جاچ ڪانپوءِ هڪ مختلف رخ

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: گٽرن جي اٿليل پاڻي مان سواريون گذري رهيون آهن

## لکي غلام شاهہ ويجهو ڪيرٿر ڪئنال مان نامعلوم شخص جو لاش هٿ، اسپتال منتقل

لکي غلام شاهہ(ن ع) لکي غلام شاهہ ويجهو ڪيرٿر ڪئنال مان نامعلوم شخص جو لاش هٿ، علائقي ۾ ڏک جي لهر رڪ ويجهو ڪيرٿر ڪئنال جي واهہ مان نامعلوم شخص جو لاش پاڻي ۾ لڙهندي نظر اچڻ ڳوٺاڻن ڏسي پوليس کي اطلاع ڏنو علائقي واسين پنهنجي مدد پاڻ تحت لاش واهہ مان ڪڍي تعلقہ اسپتال لکي غلام شاهہ منتقل ڪيو. لاش جي سڃاڻپ نہ ٿي سگهي پوليس پاران وڌيڪ جاچ جاري افسوسناڪ واقعي سبب علائقي ۾ ڏک جي لهر ڦهلجي وئي

## وزيراعظم جي بحري سڌارن بابت ٽاسڪ فورس پاران بندرگاهن لاءِ ماسٽر پلان تيار

### ملڪ جي بندرگاهن نظام لاءِ جامع ۽ ڏگهي مدي واري حڪمت عملي جوڙي وئي آهي

### بندرگاهن جي گنجائش وڌائڻ ۽ ڪارگو سنڀالڻ جي پيداواري صلاحيت بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعظم جي بحري سڌارن بابت ٽاسڪ فورس تحت پاڪستان جو بندرگاهي نظام جديد سڌارن ڊجيٽلائيزيشن جي نئين دور ۾ داخل ٿي ويو آهي جنهن جي نتيجي ۾ واپاري سرگرمين

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

## اپوزيشن سنڌو ديش جي ڪوڙن الزامن جو سهارو وٺي رهي آهي: ناصر حسين شاهہ

### سنڌ جي وحدانيت جي آئيني نهراءَ کي سنڌو ديش جو رنگ ڏئي عوام

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير ناصر حسين شاهہ سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي جي سنڌو ديش واري بيان کي رد ڪندي ان جي سخت مذمت ڪئي آهي هن چيو تہ اپوزيشن ڏرتيءَ کي ورهائڻ جي سازش لڪائڻ لاءِ سنڌو ديش جي ڪوڙن الزامن جو سهارو وٺي رهي آهي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

## متحده ڊرامابازي واري سياست ڪري رهي آهي: گهنور اسران

### علي خورشيدي ٻڌائي تہ ايم ڪيو ايم پنهنجو موقف پيش ڪرڻ بدران فرار ڇو ٿي

### رڳو نعرا هڻڻ ۽ سياسي ڊراما ڪرڻ سان حقيقتون تبديل نٿيون ٿي سگهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان گهنور خان اسران چيو آهي تہ ايم ڪيو ايم ڊراما بازي جي سياست ڪري رهي آهي سنڌ جي وحدت بابت تاريخي قرارداد پيش ٿيڻ کان اڳ ئي ايم ڪيو ايم

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

## امير جماعت اسلامي سنڌ پاران ڪارڪنن جي گرفتارين جي مذمت

### پ پ حڪومت اختلاف راءِ کي دٻائڻ لاءِ ڪوڙا ڪيس ٺهي ڪري: ڪاشف سعيد

### جماعت اسلامي هميشہ آئين ۽ قانون جي دائري ۾ رهي جدوجهد ڪئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ ڪراچي ۾ ٿيل هڙتال دوران جماعت اسلامي جي

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

بدين: جي يو آءِ جو اڳواڻ راشد محمود سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

## کڪڙ ۾ تعليمي ادارا بہ غير محفوظ، سرڪاري اسڪول مان ٻيهر بجلي سولر جون تارون چوري

کڪڙ (ن ع) کڪڙ ٿاڻي جي حد ۾ تعليمي ادارا بہ غير محفوظ اسڪول مان

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

## سکر نادرا آفيس ٻاهران موٽرسائيڪل چوري جي ڪوشش، چور سوگهو، پوليس حوالي

سکر (بيورو رپورٽ) ايئرپورٽ روڊ تي نادرا آفيس ٻاهران هڪ شخص پاران مبينا طور موٽرسائيڪل چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن دوران اتي موجود شهرين

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي ، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي .